سچو ڏيٺي
پڪو ڏيٺي

بشير خان قريشيءَ جا چونڊ انٽرويو



سهڙيندڙ

رائو ميگھواڙ

SBC

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون لوڇو وهه لوهار

صاحب خان ·سورهه· ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

سچو ديشي
پڪو ديشي

بشير خان قريشيءَ جا چونڊ انٽرويو

سھيڙيندڙ

راڻو ميگھواڙ

SBC

سنڌ بڪ ڪلب

35- رابعه اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ
2002ع

Soorih Mirani

SACHO DESHI	**سچو ديشي**
PAKO DESHI	**پڪو ديشي**
(Basher Khan Qureshi Ja Interview)	(بشير خان قريشيءَ جا چونڊ انٽرويو)
Colection by:	سهڙيندڙ:
RANO MEGHWAR	راڻو ميگهواڙ
Junary 2002	جنوري 2002ع
Pulished by:	**پبلشر:**
Sindh Book Club	سنڌ بڪ ڪلب
35- Rabia Siquare	35- رابعہ اسڪوائر
Haider Chowck	حيدر چوڪ
Gari Khatta	گاڏي کاتو
Hyderabad - Sindh	حيدرآباد - سنڌ
Composed by:	**ڪمپوزڊ باءِ:**
Rano Meghwar	راڻو ميگهواڙ
Soorij Computers	سُورج ڪمپيوٽرز
13- Madina Market	13- مدينہ مارڪيٽ
Khokhar Muhallah	کوکر محلہ
Hyderabad, Sindh	حيدرآباد - سنڌ
Phone: 783498	فون: 783498
Price: Rs 60/-	قيمت: -/60 رپيا

Soorih Mirani

ارپنا

آءٌ هيءَ پورهيو **شهيد قيوم منگي** کي ارپيان ٿو.
جيڪو سنڌ جي ابوجهاد محترم بشير خان قريشيءَ کي
بچائيندي پنهنجو سِر قربان ڪري ڇڏيو.

– **راڻو خان ميگهواڙ**

Soorih Mirani

فهرست

• مهاڳ (ڊاڪٽر حيدر سنڌي) 5

1. اسين سنڌي سياسي، اقتصادي، معاشي ۽ ثقافتي طور تي مڪمل طرح پنجاب سامراج جا غلام آهيون 7

2. مڪاني ادارن جي چونڊن کي ون يونٽ جو متبادل سمجهون ٿا 14

2. سائين جي. ايم. سيد جا فيصلا سنڌي قوم جي مفادن وٽان آهن 23

3. سنڌين کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي تي لٽيو ۽ ڦريو ويو آهي 31

3. مون کي ختم ڪيو ويو ته هتي هزارين بشير پيدا ٿيندا 35

4. بشير خان قريشي جا ٿو ڪرڻ چاهي؟ 48

5. رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي نظريي ۽ فڪر کي سنڌي ماڻهن تائين پهچائڻو آهي 50

6. زندان جي جهروڪي مان بشير قريشي ڳالهائي ٿو 74

7. جيئي سنڌ قومي محاذ وٽ سنڌو سنڌڻون آزاد سنڌو ديش جو پروگرام آهي 79

8. سنڌ هڪ علحده وطن آهي، آزادي اسان جو بنيادي حق آهي 89

9. اسان سڀني کي سڀ کان اڳ ڪنهن هڪ پارٽيءَ ۾ متحد ۽ منظم ٿيڻ گهرجي 104

10. اسان سنڌ ڌرتيءَ جا مالڪ ۽ وارث آهيون 124

مهاڳ

بشير خان قريشيءَ کي آئون 1981ع کان وٺي سڃاڻان. هو زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ’جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن‘ جو وهائو تارو هوندو هو. آئون اڄ جو بشير قريشي ڏسان ٿو ته مون کي ويهه سال پراڻو بشير قريشي الائي ڇو ساڳيو ئي لڳي ٿو. سندس ڳالهه ٻولهه، اٿ ويهه، نظرياتي پختگي، ذهني تسلسل، ارادي جي مضبوطي ۽ سيد جي فڪر سان سچائي اُها ئي آهي جيڪا اڳ هئي. حالانڪه سنڌ جا ٻيا ڪيترائي سياسي اڳواڻ ويهه سال اڳ ڳالهائڻ به ڪو نه ڄاڻندا هئا ۽ اڄ گهڻو اڳتي وڌي چڪا آهن. پر بشير قريشي ويهه سال اڳ ئي ميچوئر ٿي چڪو هو ۽ منجهس ان مهل به اهڙيون صلاحيتون موجود هيون. فرق صرف هڪڙو ئي آهي جو اڳي هو ٽنڊو ڄام ۽ آس پاس جو مقبول عوامي اڳواڻ هو ۽ اڄ هو سنڌي قوم جو محبوب هيرو آهي.

آئون بشير خان کي گهڻو ويجهو رهيو آهيان ۽ مون سندس شخصيت کي باريڪ بينيءَ سان ڏٺو آهي. هڪ سياسي تجزيه نگار طور آئون بنان رک رکاءُ جي چوان ٿو ته سندس شخصيت جا هوندڻ ته ڪيترائي پهلو نڪاريل آهن پر سندس سڀ کان ملهائتو پهلو سنڌ ۽ سيد سان سچائي آهي. هو سنڌ ۽ سيد جي باري ۾ ڪنهن به مصلحت جو شڪار نه ٿيندو آهي، شايد انهيءَ ڪري ئي خريد ٿي نه سگهيو آهي. انقلابي تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهڙا ئي ليڊر اڳتي هلي چونڪارو ڏيارينڌڙ بڻبا آهن.

بشير خان کي جدوجهد جو وڏو ڏانءُ آهي. ڪيس مائوزي تنگ وانگر ماڻهو گڏ ڪرڻ جو فن به اچي، ۽ اڳواڻي ڪرڻ جو به. زرعي

يونيورسٽي ٽنڊو ڄام کان وٺي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو تائين ۽ گورنر هائوس ڪراچيءَ کان سکر واري ڏرٽي تائين جي تاريخ جدوجهد جا نوان گس پيدا ڪيا آهن. هن هر ميدان تي پاڻ اڳيرو ئي ويڙهه ڪئي آهي ۽ ڪنهن غازي سپهه سالار وانگر مهاڏو اٽڪايو اٿس. اهو ئي سبب آهي جو ايجنسين جي بي انتها ڇانڊ ڇاڻ باوجود بہ هو سگهو گرفتار نہ ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس سنڌ جي چپي چپي تي آجيان ملي ٿي ۽ هر غيرتمند سنڌي بشير قريشيءَ جي حفاظت ڪرڻ ڄڻ سيد جي نظريي جي حفاظت ڪرڻ سمجهي ٿو.

آئون برملا چوان ٿو تہ سنڌ جي موجوده سياسي قيادتن مان بشير قريشي پنهنجي نظرياتي سچائي ۽ اڻ وڪائو ڪردار ڪري مهندار واري حيثيت وارو چڪو آهي. دنيا ۾ اهو سڪو ئي پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو کيس خريد ڪري سگهي.

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هن مرد مجاهد جون وڏيون خدمتون آهن. سنڌي قوم منجهائنس وڏيون اميدون رکي ٿي ۽ کيس سيد جي خواب جي تعبير ڪندڙ سمجهي ٿي.

"سچو ديشي پڪو ديشي" ڪتاب سندس انٽرويوز جو مجموعو آهي. جنهن مان سندس خيالن جي ڄاڻ پلي پت ملي ٿي. ياءُ راڻو خان ميگهواڙ وڏي جستجو بعد هي ڳٽڪو اوهان اڳيان آندو آهي. اُميد تہ پڙهندڙ هن ڪتاب مان گهڻو لاڀ حاصل ڪندا.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي

ڪراچي
31 ڊسمبر 2001ع

اسين سنڌي سياسي، اقتصادي، معاشي ۽ ثقافتي طور تي مڪمل طرح پنجاب سامراج جا غلام آهيون

سوال: توهان جون پارٽي بابت موجوده ڪهڙيون سرگرميون آهن؟

جواب: هن وقت اسان جي پارٽي تنظيم جي آرگنائيزيشن سان گڏوگڏ شاهمراد شگر مل ۽ سنڌ جي ٻين ادارن مان برطرف ملازمن جي بحاليءَ لاءِ عملي جدوجهد ۾ مصروف عمل آهي. شاهمراد شگر مل جي پرامن ڌرڻيءَ متان سرڪار پاران وحشياڻو تشدد ڪري گوليون هلايون ويون، شيل هنيا ويا، لٺيون وسايون ويون ۽ 18 ڪارڪنن کي گرفتار ڪري، 56 ڄڻن تي ڪوڙا بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا ويا. هن ملڪ ۾ روزي گهرڻ تي بہ بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا، انهيءَ ڪري اسين انهي زيادتيءَ خلاف احتجاج ڪرڻ حق سمجهون ٿا. انهي حق تان ڪنهن بہ حيثيت ۾ دستبردار نہ ٿينداسين ۽ جدوجهد جو جيڪو رستو اختيار ڪيو آهي، انهي کي پايہ تڪميل تي پهچائي پوءِ سک جو ساهہ کڻبو.

سوال: توهان پاڪستان جي موجوده صورتحال کي ڪيئن ٿا ڏسو؟ ان بابت پنهنجي راءِ کان واقف ڪندا؟

جواب: پاڪستان جو مطلب پنجابستان آهي، جتي پنجاب جي مڪمل طرح بالادستي قائم آهي، اسين سنڌي سياسي، اقتصادي، معاشي ۽ ثقافتي طور تي مڪمل طرح پنجاب سامراج جا غلام آهيون. اسان جي پيداوار جي ذريعن ۽ قدرتي وسيلن تي پنجاب جو مڪمل قبضو آهي. هتي جون نوڪريون، واپار، تيل ۽ گئس تي پنجاب مڪمل قبضو ڪيو ويٺو آهي. اسان کي حق گهرڻ تي بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا. هتي مڪمل طرح پنجابي فوج جو مڪمل طرح قبضو آهي. هن وقت اسان کي سائين جي. ايم. سيد جو فڪر ئي هن ڏکي صورتحال مان بچائي سگهي ٿو، هتي احتساب جي نالي ۾ هڪ ڊونگ رچايو ويو آهي ۽ جن ملڪ جي 85

سيڪڙو بجيٽ هڙپ ڪئي آهي، انهن کان ڪوبہ حساب ڪتاب نہ ئو ڪيو وڃي. ٻئي طرف ضلعي حڪومتن جو ڍونگ رچائي سنڌ جي غلاميءَ ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ لاءِ مڪاني چونڊون ڪرايون ٿيون وڃن. جنهن سان پنجاب جي مداخلت اڃا بہ وڌيڪ وڌي ويندي ۽ سڄيءَ سنڌ جا مکيہ شهر سنڌين کان کسجي ويندا. اهڙيءَ صورتحال ۾ اسان سنڌ وارن کي سوچڻو ۽ سمجهڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ اڄ پاڻيءَ جو مسئلو ايتري شدت اختيار ڪري چڪو آهي. جيڪڏهن اسان پاڻيءَ جي مسئلي تي ڪا مؤثرحڪمت عملي ٺاهي جدوجهد نہ ڪئي سون تہ سنڌ ريگستان بڻجي ويندي ۽ سنڌ جا ماڻهو بک ۽ بيروزگاريءَ جو شڪار ٿي ويندا ۽ سنڌ جي صورتحال خانہ جنگيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي. پنجاب جيڪو پاڻيءَ جو سنڌو درياءَ تي قبضو ڪري تاريخ جي ورچ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي، جيڪا سراسر زيادتي سينازوري آهي. سنڌين 1991ع واري پاڻي جي ٺاهہ کي ئي قبول نہ ڪيو هئو، ان ۾ بہ سنڌ سان زيادتي ڪئي وئي هئي، پر 91 جي معاهدي تحت بہ هن وقت تائين سنڌ کي پاڻي ناهي مليو. اسان کي گهرجي تہ 1945ع جي ٺاهہ مطابق جدوجهد ڪري، حڪومت مٿان دٻاءُ وجهجي تہ جيئن سنڌ کي هن وڏي تباهي کان بچائي سگهون. اڄ صورتحال اها آهي تہ هيءُ ملڪ معاشي طور تي مڪمل تباهہ ٿي چڪو آهي ۽ هيئنر مڪمل طرح آءِ. ايم. ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي پاليسين تي عمل ڪندي، ملڪ کي مهانگائيءَ جي ڌٻڻ ۾ اهڙو ڦاسايو ويو آهي، جو عام ماڻهوءَ جو جيئڻ عذاب بڻجي چڪو آهي. هيءُ ملڪ جيڪو غير فطري بنياد تي قائم ڪيو ويو هئو، اهو هاڻي پنهنجي منطقي انجام تي پهچڻ وارو آهي. هيئنر اسان قوم پرستن کي مضبوط ۽ بهتر آرگنائيزيشن جوڙي، سنڌي قوم کي قومي آزادي لاءِ تيار ڪرڻو پوندو.

سوال: توهان جي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي مستقبل بابت ڪهڙي راءِ آهي تہ اها ڪهڙو رخ اختيار ڪندي؟

جواب: جيئن تہ مون کي يقين آهي تہ سچائي سج ضرور ايرندو، تيئن سنڌ جي آزاديءَ ۾ بہ منهنجو ايمان آهي تہ اها هڪ ڏينهن اسان سنڌي پنهنجي ڌرتي ازاد ڪرائينداسين. سائين جي. ايم. سيد فرمايو آهي تہ "آءُ سنڌ ڌرتيءَ جي متعلق مايوس نہ آهيان، نہ ئي ڪڏهن اميد جو دامن هٿان

ڇڏيو اٿم. منهنجي جدوجهد ڄمڻ جي جدوجهد آهي ۽ ڄمڻ تائين جاري رهندي“ – ته اسان به سنڌ جي آزاديءَ خاطر جدوجهد ڪرڻ اڳتي وڌڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ پنهنجي ايمان جو جزو سمجهون ٿا ۽ آزاديءَ جي حاصلات تائين لڳاتار ۽ مسلسل وڙهي رهيا آهيون ته اسان کي يقين آهي ته سنڌ هڪ ڏينهن ضرور آزاد ٿيندي؛ ڇاڪاڻ ته هن وقت وفاقي پارٽيون پنهنجو اعتماد ۽ ويساهه مڪمل طرح وڃائي چڪيون آهن. سنڌ جو عوام هنن کان نفرت ڪري ٿو. حڪمران ٽريون سنڌ کي تباهه ڪرڻ لاءِ مصروف عمل آهن. سنڌين کي پنهنجو وجود بچائڻ لاءِ مستقبل ۾ جدوجهد جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو، ته ٻيءَ صورت ۾ اسان کي تباهيءَ ۽ بربادي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه ٿو اچي.

سوال: سائين جي. ايم. سيد جي قومي نظرئي سان لاڳاپيل چار پنج ڌڙا سنڌ ۾ ڪم ڪن پيا، انهن کي گڏائي هڪ پارٽي نه ٿي ٺاهي سگهجي؟

جواب: اسان جو يقين رهبرسنڌ جي ڏنل فڪرتحت سنڌو ديش جي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ آهي. اسان سيد جي مشن کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ هر ڌر سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، پر ماضيءَ ۾ جن ماڻهن قومي تحريڪ ۾ ڏڦيڙ وجهي، قومي تحريڪ کي حصن ۽ گروهن ۾ ورهايو آهي، جيڪي قومي تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي قبيلائي گناهه ۾ ملوث رهيا آهن؛ جيڪي ماڻهو ماضيءَ ۾ اسان جي رهبر تي شڪ ڪندا هئا ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي ڪارڪنن کي رستي تان ڀٽڪائڻ لاءِ گروهي سياست کي هٿي ڏئي قومي تحريڪ کي حصن ۾ ورهائڻ واري سازش ۾ شامل هئا. اهو سڀ ڪجهه هنن سامراج جي اشارن تي ڪيو ان ڪري مستقبل ۾ ڪهڙو يقين هوندو ته اهي ماڻهو گڏجي جدوجهد ۾ ثابت قدم رهندا. انهيءَ ڪري عمل هڪ وڏي پرک آهي. عملي طرح پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن کي پنهنجا رويا درست ڪرڻا پوندا ۽ ايمانداري ۽ سچائي پيدا ڪرڻي پوندي، جنهن جي آڌار تي مستقبل ۾ گڏ هلڻ جي راهه هموار ٿي سگهي ٿي.

سوال: توهان جي پارٽيءَ ۾ ٽاڙو ڀتي خوريءَ ۽ چوريءَ جي خلاف قدم کنيا ويا آهن، اهي قدم اڳ ۾ ڇو نه کنيا ويا، جڏهن مير عالم ۽ زين

شاھ ان بابت شڪايت ڪندا رهيا هئا؟

جواب: حقيقت اها آهي تہ اپريل 1998ع ۾ جڏهن اسان جي تنظيم باڊي چونڊجي آئي تہ سائين جي. ايم. سيد جي ورسيءَ کان پوءِ پهرين جون کان پوءِ تنظيم جي آرگنائيز ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ کان دورو شروع ٿيو. 3 تاريخ تي شهيد عبدالقيوم منگي ۽ منهنجي مٿان پنجابي دهشتگردن جناح اسپتال ۾ حملو ڪيو. ان يا ڏھ ڏينهن کان پوءِ مون کي اسپتال مان ڊسچارج ڪيو. 11 جون تي گوٺ وجي رهيا هئاسون تہ نواز شريف ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ لاءِ اعلان ڪيو ۽ ان کان پوءِ ٽئين ڏينهن جيئمست ڪائونسل جو ميمبر زين شاھ اخبار ۾ جيئمست ڪائونسل گهرائڻ جو اعلان ڪيو. ٽئين ڏينهن تي اجلاس ۾ شريڪ ٿياسون. اجلاس ۾ ڪالا باغ ڊيم خلاف تاريخي ڌرڻن لاءِ اجلاس ۾ منظوري ورتي وئي. انهي اجلاس ۾ تنظيمي ذميوارين کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. چيئرمين ۽ ان جي وائيس چيئرمين کي سياسي جدوجهد ڪرڻ جو اختيار ڏئي جدوجهد جي ذميواري انهن کي سونپي وئي. تنظيمي معاملا جنرل سيڪريٽري، ٻهي سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري کي سونپيا ويا. اسان ڪالا باغ ڊيم جي خلاف ڪراچي کان وٺي ديرا موڙ تائين 8 بهترين ۽ ڪامياب ڌرڻا هڻي حڪومت جون ننڊون حرام ڪيون 17 جنوري 1999ع تي گرفتار ٿيس. پوري هڪ سال بعد جڏهن آزاد ٿي پهتس ۽ پارٽيءَ اجلاس طلب ڪيو تڏهن شفيع برفت ۽ رياض چانڊيئي پهريون سوال مون کان ڪيو تہ تون آزاد ڪيئن ٿيو آهين؟ ان اجلاس ۾ سائين جي. ايم. سيد جي سالگرھ جا معاملا اڪلايا ويا. 27 جنوري 2000ع تي جيئمست ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪيو ويو جنهن ۾ آئن ميمبرن اچڻ کري ڪورم نہ هئڻ ڪري اجلاس نہ ٿي سگهيو وري 13 فيبروري تي جيئمست ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪيو ويو جنهن ۾ سيني ميمبرن پارٽي مفاد کي سامهون رکندي رضاڪارانہ طور استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. مون کي ۽ سائين زين شاھ کي آرگنائيزر مقرر ڪيو. مون سائين کي چيو تہ احتساب جو عمل جڏهن کان جيئي سنڌ ٺهي آهي يا جسقم ٺهيو آهي، تڏهن کان شروع ڪيو يا اڄ کان شروع ڪيو. آءٌ تيار آهيان. پر ٽن مهينن اندر ڪو بہ خاطر خواھ نتيجو نہ ڏيئي سگهياسون. نتيجي طور ٽن مهينن ۾

جيئمسنت ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪري اليڪشن ڪاميٽي ٺاهي وئي. سمورا تنظيمي معاملا ان ڏانهن منتقل ٿيا ۽ جدوجهد جا معاملا مون وٽ رهيا. مون پاڻيءَ جي مسئلي تي حيدرآباد ۾ ڌرڻو هڻايو. سکر پل تي پهرئين ۽ ڪڙيي گهنور ۾ ڌرڻا هڻي حڪومت جون وايون بنال ڪيون ويون. انهيءَ ڪري مون کي تنظيمي اختيار نه هئڻ ڪري آءٌ ڪنهن به پتي خور تي قدم کڻي نه سگهيس ۽ جڏهن کان اليڪشن ٿي آهي ته اختيار مون وٽ آهن ۽ جنهن به پتاخوري جي شڪايت ٿي آهي ته مون اُن جو سخت نوٽيس ورتو آهي.

سوال: تازو الطاف حسين سنڌي ايڊيٽرن ۽ صحافين کي ٽيليفون تي خطاب ڪيو آهي. جنهن ۾ ان سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت تمام اهم ڳالهيون ڪيون آهن. توهان الطاف حسين جي موقف کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: جڏهن کان متحده قومي موومينٽ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ جي ويجهڙائپ پيدا ٿي ته پنجاب جي دلال ڌرين اها واويلا شروع ڪئي ته جيئي سنڌ قومي محاذ متحده سان ويجهڙائپ ڪري وڏو ڏوهه ڪيو آهي. متحده سنڌ ورهائڻ گهري ٿي ۽ علحده قوميت جو نعرو هڻي سنڌ جي تقسيم ڪرڻ گهري ٿي. پر متحده جي قيادت اسان کي ان وقت به يقين ڏياريو هو ته هو به سنڌ ڌرتي جا حقيقي پٽ آهن ۽ سنڌي آهن ۽ سنڌ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرن ٿا. انهيءَ دوران ڪافي ويجهڙائپ شروع ٿي ۽ متحده وارن ذاتي دلچسپي وٺي اسان جي احتجاجن ۾ شرڪت ڪئي. جسقم ۽ متحده انهيءَ وقت به ان ڳالهه تي متفق ٿيا هئا ته پنجاب سامراج جي سنڌ جي مٿان بالادستي قائم آهي ۽ سنڌ پنجاب وٽ غلام آهي اسان سنڌ ڌرتيءَ وارن سمورن ڌرين کي گڏجي پنجاب جي خلاف مؤثر ۽ مضبوط جدوجهد ڪرڻي آهي. انهيءَ کان پوءِ متحده سان مسلسل پيش رفت ٿيندي رهي آهي. الطاف حسين جي موجوده بيان کي به اسين سنڌ جي لاءِ مفيد ۽ بهتر سمجهون ٿا ۽ جيڪي ماڻهن جي ذهنن ۾ شڪ شبها هئا، هن اُن جي بهتر نموني وضاحت ڪري ماڻهن جا شڪ شبها دور ڪيا آهن. اڄ رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد جو اهو چوڻ سچو ثابت ٿيو آهي ته مستقبل ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جي حقن ۽ سنڌو ديش جي آزادي لاءِ گڏيل

سنڌي قوم جي حيثيت ۾ جدوجهد ڪندا رهيا آهن. الطاف حسين جنهن حيثيت ۽ موثر انداز ۾ پاڻ کي فرزند سنڌ ۽ سنڌي قوم جو باغيرت فرزند سڏيو آهي، سندس اهو اعلان ۽ لاڙو ساراهه جوڳو آهي. هن چيو آهي ته پنجابي بيوروڪريسي ۽ پنجاب جا مستقل مفاد سنڌ ۾ محفوظ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ هتي رهندڙ سنڌي قوم کي قبائلي ۽ لساني طرح ورهائڻ جون ڀيانڪ سازشون ڪندا رهيا آهن، جنهن ڪري سنڌ ۾ گڏيل مزاحمت واري زوردار تحريڪ اڀري نه سگهي آهي. پنجاب سنڌ کي مڪمل ڪالوني بڻائي سنڌي قوم کي ٻئي درجي وارن انسانن جو ڍڳ بڻائي ڇڏيو آهي انهي حقيقت جو احساس ۽ ادراڪ ڪندي الطاف حسين موجوده موقف اختيار ڪري سنڌين جون دليون کٽي ورتيون آهن. جيئي سنڌ قومي محاذ الطاف حسين جي موقف جي ڪليل دل ۽ دماغ سان آجيان ڪري ٿو. اسان کي يقين آهي ته مستقبل ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو اتحاد پنجاب سامراج جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيندو ۽ رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي فڪر کي پايه تڪميل تي پهچائيندو.

سوال: اوهان ٻين قوم پرستن وانگر پونم ۾ شامل نه ٿا ٿيو، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: پونم 1940ع جي قرارداد ۽ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ ريڙهيون پائي رهيو آهي ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ، سنڌو ديش جي آزادي، سائين جي. ايم. سيد جي فڪر تحت حاصل ڪرڻ گهري ٿو. انهيءَ ڪري اسان اهڙي ڪنهن به اتحاد جو حصو ٿيڻ لاءِ تيار نه آهيون، جنهن ۾ پاڪستان کي بچائڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي.

سوال: هن ڀيري محترم عبدالواحد آريسر ڪنهن به عهدي تي ڪونه ايو آهي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

جواب: آريسر صاحب اسان جو قومي دانشور ۽ سائين جي. ايم. سيد جي نظريي جو شارح ۽ پارکو آهي. هو هن وقت اسان جي پارٽيءَ جي نظرياتي شعبي جو سربراهه آهي. هن پنهنجي صحت ۽ ناچاڪائيءَ سبب جفاڪشيءَ ۽ گهڻي ڪم ڪان لاچاري ڏيکاريندي، پاڻ چيو ته مون کي نظرياتي شعبي جو ڪم ڏيو. جيڪو خوشيءَ سان سنڀاليندس. باقي هو

خُود ڪنهن عهدي لاءِ آماده نہ ٿيو. ليڪن اسان وٽ جسقم جي قيادت ۽ ڪارڪنن وٽ سنڌ لاءِ وڏي عزت ۽ وڏو احترام موجود آهي.

سوال: جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪنن لاءِ ڪهڙو پيغام ڏيندا؟

جواب: آءٌ جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪنن، سيد جي سپاهين ۽ آزادي پسندن کي اهو ئي عرض ڪندس تہ سائين جي. ايم. سيد جي فڪر هيٺ "سنڌو ديش" کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ جفاڪشيءَ سان جدوجهد ڪري منزل طرف وڌن.

مڪاني ادارن جي چونڊن ڪي ون يونٽ جو متبادل سمجهون ٿا

سوال: پاڻي جي مسئلي تي جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده جدوجهد جا سنڌ جي قومي تحريڪ تي ڪهڙا اثر پوندا ۽ توهان جي نظر ۾ انهيءَ جي حاصلات ڇا هوندا؟

جواب: پاڻي جو بحران پيدا ٿيو آهي ته سنڌي ماڻهو سمجهي رهيا آهن ته بحران پنجاب جي طرفان پيدا ڪيل آهي. جيڪو غير قانوني پاڻي روڪي چوري پيو ڪري. اهڙي ڏاڍ جي خلاف سنڌ جا سنڌي ماڻهو تمام گهڻي تڪليف محسوس ڪري رهيا آهن ته هي زيادتي چو آهي. هن وقت تائين جيڪي معاهدا ٿيا آهن، اهي پنجاب پنهنجي مرضيءَ سان مسلط ڪيا آهن. انهن ون يونٽ ناهي مارشل لائون هٿي زوري سنڌو ندي مٿان مختلف ڊيم ٺاهيا ۽ غير قانوني ڪينال جوڙيا ويا. جنهن ۾ سنڌ جي ڪا به مرضي شامل نه هئي. 1945ع جي ٺهراءَ مطابق سنڌ پنجاب ايگريمينٽ تحت سنڌو درياهه مٿان 75 سيڪڙو سنڌ جو حق تسليم ٿيل هو ۽ باقي پنجاب جي پنج دريائن تي 25 سيڪڙو سنڌ جو حق هو. جڏهن ته پنجاب تي درياهه هڪ سئو ڪروڙ رپين ۾ وڪرو ڪري هندستان کي ڏنا ته انهن ڏوڪڙن مان تربيلا ۽ منگلا ڊيم ٺاهيا ويا ۽ انهيءَ هڪ سؤ ڪروڙ رپين مان سنڌ کي هڪ رپيو به نه ڏنو ويو. اهڙي طرح منگلا ۽ تربيلا ڊيمن ۾ حصو شامل آهي، جتي جيڪو پاڻي گڏ ٿي رهيو آهي اتي سنڌ کي هڪ ڦڙو به ڪو نه ٿو ملي. 1974ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو چشما ۽ جهلم لنڪ انهيءَ شرط تي کوٽايا ته سنڌ ۾ ٻوڏ ٿيندي ته سنڌ سرڪار جي درخواست تي وهائيا ويندا پر جڏهن کان چشما جهلم لنڪ ڪينال ٺهيا انهيءَ وقت کان مسلسل پاڻي وهي رهيو آهي ۽ چوري ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هڪ ڏينهن لاءِ به بند نه ٿا ڪيا

وڃن. اڄ سرڪاري وزير ۽ نمائندا اهو چئي رهيا آهن ته پاڻي جي قدرتي کوٽ آهي. انهيءَ جي ڪري پاڻي جو قحط پيدا ٿيو آهي. جيڪڏهن کوٽ ۽ قحط آهي ته پوءِ چشما جهلم ۽ ٻيا ڪينال ڪهڙي بنياد تي وهايا وڃن ٿا. جڏهن ته پاڻي جا جيڪي به معاهدا ٿيا آهن اهي هميشه لاءِ مارشل لا ڇانوَ ۾ ويهي ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ سنڌ جي مرضي ڪڏهن به شامل ناهي. 1991ع جو ٺاهه پنجاب جي مرضي سان ٿيو ۽ انهيءَ ٺاهه جي سنڌ جي سڀني سياسي جماعتن مخالفت ڪئي ۽ سنڌي قوم روڪيو ۽ رد ڪيو. جڏهن ته سنڌ سرڪار به عمل ڪرائڻ ۾ مڪمل طرح ناڪام وئي آهي. سنڌ جي اخبارن ۾ سرڪاري ڪامورن جي بي وسي نظر اچي رهي آهي. جڏهن سنڌ جا سرڪاري ادارا عوامي نمائندا پنجاب جي اڳيان بي اختيار ۽ ڪجهه به ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هجن ته پوءِ سنڌي قوم جي مٿان فرض ٿو عائد ٿئي ته اهي پنهنجي بچاءَ جي جنگ وڙهڻ لاءِ سمورا معاملا پنهنجي هٿن ۾ کڻي جدوجهد جي ميدان ۾ نڪري اچن. سنڌ جي ماڻهن جو تقريباً گذر سفر زراعت تي آهي، پاڻي نه هجڻ ڪري اسان جون زندگيون مفلوج ٿي ويون آهن. ماڻهن جا فصل ته ٺهيو پر پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ تڙپي رهيا آهن. اها صورتحال جاري رهي ته سنڌ صوماليا ۽ ايٿوپيا بنجي ويندي. بک ۽ بيروزگاري وڪوڙي ويندي، انهيءَ ڪري ضروري ٿي پيو آهي ته سنڌي قوم پاڻي جي هن نازڪ مسئلي تي مجرمانا خاموشي اختيار نه ڪري ايئن ڪيو ته هميشه لاءِ ختم ٿي ويندي. پاڻي جو مسئلو پوري قوم جو مسئلو آهي، ڪنهن جماعت يا گروهه جو ناهي جيستائين قوم حصو نه وٺندي احتجاج ۾ شريڪ نه ٿيندي، تيستائين هيءَ مسئلو حل ٿي نه سگهندو. پاڻيءَ جي بحران شروع ٿيڻ سان سنڌ جون سياسي جماعتون متحرڪ ٿي ويون. ڪن سيمينار ڪيا ته ڪن مارچ شروع ڪيو ۽ سنڌ جي ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ احتجاجي سلسلا شروع ٿي ويا. جسقم شروع کان اهو موقف اختيار ڪيو ته پاڻي لاءِ هر جدوجهد ۾ چاهي اها ڪنهن به جماعت جي طرفان هجي انهيءَ ۾ حصو وٺبو ۽ جسقم پنهنجي حڪمت عملي تحت جدوجهد ڪندي. اسان پنهنجي جدوجهد جو آغاز متحده قومي موومينٽ وارن سان گڏجي ڪراچي کان شروع ڪيو ۽ گذيل طريقي سان بک هڙتال جو سلسلو شروع ڪيو پر سرڪار پرامن

احتجاج کي ڪُچلڻ لاءِ طاقت جو استعمال ڪيو. مظاهرن جو پروگرام ڪيو ويو ته انهيءَ کي به سختي سان ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي گوليون هلايون ويون ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا گولا ڇڏيا ويا. لٺيون هنيون ويون ۽ هزارين ڪارڪن گرفتار ٿيا. سرڪار جڏهن پرامن احتجاج جا رستا روڪيا ته هڙتال ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌي قوم ڀرپور نموني سان شرڪت ڪري انهيءَ هڙتال کي ڪامياب ڪيو. ايڏي ساري احتجاج جي باوجود سرڪار سنڌ کي پاڻي ڏيڻ بجاءِ جسقم ۽ متحده جي ڪارڪنن جي گرفتارين جو سلسلو جاري رکيو ۽ هن مسئلي کي سنجيده نموني سان حل ڪرڻ بجاءِ تشدد جي راهه اختيار ڪئي وئي. هن وقت اسان سمجهون ٿا ته سواءِ جدوجهد جي پنجاب سنڌ کي پاڻي نه ڏيندو. انهيءَ لاءِ اسين 10 جون تي پنجاب ڏي ويندڙ سڀ رستا بند ڪري ڌرڻو هڻنداسون. ڇو ته سنڌ جي جياپي جو ذريعو سنڌو درياهه آهي ۽ پنجاب جي جياپي جو ذريعو روڊ رستا آهن. في الحال ريلوي لائين بند ڪرڻ جو ۽ هوائي رستو بلاڪ ڪرڻ جو پروگرام ناهي، جيڪڏهن حڪومت جي دماغ ۾ اڃا به عقل نه آيو ته پوءِ اهي رستا به بند ڪيا ويندا ۽ سنڌ کان پنجاب ڏي ويندڙ سڀ راهون بند ڪري بارڊر کي سيل ڪيو ويندو ۽ لڳاتار ويهي رهنداسون. جيڪڏهن گرفتاريون ٿيون ته انهيءَ جو نعم البدل تيار ڪري ڇڏيو آهي. پوئتي ناهي هٽڻو. مسلسل جدوجهد ڪنداسون.

سوال توهان چئو ٿا ته ڪجهه ماڻهو مجرماڻي خاموشي اختيار ڪيو ويٺا آهن توهان جي اها ڳالهه وضاحت طلب آهي؟

جواب: اوهين ميڊيا جا ماڻهو، اسان جهڙن قومي ڪارڪنن جي محبتن ۽ مصلحتن کي بهتر سمجهو ٿا پر پوءِ به مان انتهائي ايمانداري سان اها ڳالهه محسوس ڪريان ٿو ته اسين سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ اڪيلا هئڻ جي باوجود ڪڏهن به همت هاري ويهي نه رهيا آهيون پر پاڻي جيڪو هر جيءَ ۽ جاندار جو مسئلو آهي. پاڻيءَ تي ڪنهن هاري جا چار پارا پرجي اَنَ ڪڻا پيدا ڪن ٿا. جنهن مان انهيءَ جو اپرو سيرو گذر ٿئي ٿو ۽ اهو ئي پاڻي آهي جنهن تي اسان جن 5 لک گوڏڙين 7 لک گوڏڙين، 9 لک گوڏڙين ۽ نه ڄاڻ ڪيترا لک گوڏڙين وارن پيرن ۽ مرشدن جون هزارين ايڪڙ زمينون

آباد ٿين ٿيون. اسان وٽ گڏيل هندستان ۽ هاڻوڪي پاڪستان جي ڪيترن ئي حڪمران رهندڙ سردارن، وڏيرن، رئيسن جون ڪيتريون آباد ٿينديون رهيون آهن. انهيءَ پاڻي تي اسان جي رياستن جا والي رهندڙ مير صاحبان به آهن ۽ اسان وٽ ڪيترائي آبادگار سڌريل ۽ سلجهيل آبادگار سمجهيا ويندڙ پارليامينٽرس به آهن جيڪي هاڻي به صوبي ۽ وفاقي وزير ٿيو وينا آهن. سي ڪلما پڙهندا وتن ۽ قسم کنيو چون ٿا ته نه پيلي نه! پنجاب سنڌ جو پاڻي ڪو نه ٿو چورائي. اسان جن ڪن جاگيردارن کي عبوري حڪومتن جي نهڻ ۽ انهيءَ ۾ نگران وزير اعظم، وڏا وزير ۽ وزير ٿيڻ جا آسرا آهن ۽ ڪن کي وري سرڪار پاران جاري ٿيل لوڪل گورنمينٽ پلان ۾ عهدن جي مصلحت ماري وڌو آهي. منهنجي نظر ۾ اهي ئي ماڻهو مجرمانا خاموشي اختيار ڪيو وينا آهن ۽ آئون يقين سان چوان ٿو ته ايندڙ نسل ڪين تاريخ جي ٽياس تي ٽنگيل ڏسندا.

سوال: توهان تازو پير پاڳارو سان ملاقات ڪئي آهي انهيءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪتا آهن؟

جواب: شهيد سيد صبغت الله شاهه ثاني سورهيه بادشاهه جيڪو اهو عظيم اڳواڻ هو جنهن چيو ته "وطن يا ڪفن"، "آزادي يا موت" ۽ هو وطن جي آزادي لاءِ سوليءَ جو سينگار ٿي ويو، اسين سائين جي. ايم. سيد جا پيروڪار سورهيه بادشاهه کي سنڌ جي آزاديءَ واري تحريڪ جو انتهائي قابل احترام ڪردار تصور ڪندي سندس فرزند سيد شاهه مردان شاهه پير سائين پاڳارو کي گذارش ڪرڻ وياسين ته سنڌ هن وقت قومي غلاميءَ مان ڇوٽڪاري واري راهه ڏانهن وڌي رهي آهي، جنهن جي سفر جي ابتدا ۾ توهان جي خاندان جو لازوال قربانيون تاريخ جي رڪارڊ تي آهن ۽ تواريخ توهان کان به اها ئي تقاضا ٿي ڪري ته اوهين سورهيه بادشاهه وانگر وطن جي آزاديءَ لاءِ اسان جي رهنمائي ڪيو. اسان جو فرض هو ته تواريخ جو سڌ تاريخ ساز شخصيتن تائين پهچايون. پير سائين پاڳاري اسان کي آئين ۽ قانون جي حدن ۾ رهڻ ۽ وقت اچڻ تي ساٿ ڏيڻ جو عهد ڏنو آهي. اسين هميشه پرامن رهيا آهيون ۽ ڪڏهن به قانون کي پنهنجي هٿ ۾ نه کنيو اٿئون پر اسين منتظر آهيون، انهيءَ ڏينهن جا جنهن ڏينهن جي آمد جو خود پير

سائين اسان کي اشارو ڏنو آهي، باقي پير سائين پاڳارو ۽ اسان جي وچ ۾ ڪجهہ آف دي رڪارڊ ڳالهيون بہ ٿيون آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ناهي.

سوال: توهان ڪجهہ ڏينهن اڳ اخبارن ۾ بيان ڏنو هو تہ سنڌ جا پوليس وارا 10 جون تي گهرن ۾ ويهي رهن، توهان جو مقصد ڇا آهي؟

جواب: پاڻي جو مسئلو هر ساهہ واري ۽ جاندار وجود سان تعلق رکي ٿو. سنڌ جي پوليس هجي، بيوروڪريٽ يا سنڌي وزير، اهي سنڌي باشندا آهن. انهن جي مٿان اخلاقي فرض ٿو عائد ٿئي تہ اهي هن گڏيل جدوجهد ۾ قومي غيرت جو مظاهرو ڪن. اسان پاڻي جي گهر ڪري ڪو ڏوهہ جو ڪم نہ ٿا ڪيون. اسان سان پنجاب مسلسل ناانصافي پيو ڪري اسان سنڌي ماڻهن جو 75 سيڪڙو گذر سفر پاڻي تي آهي، جيڪڏهن پاڻي نہ ڏنو ويو تہ اسان ختم ٿي ويندا سون ۽ انهيءَ سنڌ جي تباهي مان سنڌ جا پوليس وارا ڪامورا، وزير، ننڍا ملازم بچي ڪو نہ سگهندا. انهيءَ ڪري سڀني کي اپيل ڪنداسون تہ سرڪار جي انهيءَ اڻڱي رويي خلاف ساٿ ڏين ۽ مڪمل سهڪار ڪن. وزيرن ۽ گورنر جي افسوسناڪ بيانن سان سنڌن ذهنيت واضح ٿي رهي آهي، انهن بيانن جي سزا ڪين سنڌن ضمير ڏيندو ۽ سنڌي قوم ڄاڻي ٿي تہ ڪرسي بچائڻ لاءِ پنجاب جي هيڻائين ڪن ٿا ۽ اهي ڏڄڻ انهيءَ ڏينهن کان ڄڏهن سنڌي قوم جا هٿ انهن جي ڳچيءَ ۾ هوندا. سنڌ جو گورنر محمد ميان سومرو شهيد الهہ بخش سومرو جي خاندان سان تعلق رکي ٿو، هن کي گهرجي تہ پنهنجي وڏي شهيد ۽ عظيم دائودپوٽي سابقہ گورنر جي نقش قدم تي هلندي سنڌ سان وفا ڪري تہ سٺي ڳالهہ آهي وقت ڪنهن جو انتظار نہ ڪندو.

سوال: مستقبل ۾ جسقم متحده جدوجهد گڏيل نموني جاري رکڻ لاءِ حڪمت عملي جڙيل آهي يا عمل جي بنياد تي اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي هٽڻ واري پاليسي ناهيندؤ؟

جواب: سنڌ جي اندر 1988ع ۾ سنڌي- مهاجر ڪرائيسز ٿيا تہ ايم ڪيو ايم جي الطاف حسين سائين جي. ايم. سيد کي ماڻهو موڪلي چيو تہ "هن جهيڙي کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪريو". انهيءَ وقت سنڌ قومي

اتحاد جي وفد جنهن ۾ آئون بہ هيس سائين جي. ايم. سيد روبرو الطاف کي چار ڳالهيون چيون، (1) پاڪستان جي مفاد کان سنڌ جي مفاد کي ترجيح ڏيو، (2) مهاجر قوم تان هٿ کڻي سنڌي قوم جو حصو بڻجو، (3) مهاجر پنهنجي ڪيل اڳرائي جي سنڌي قوم کان معافي وٺن، (4) ايم ڪيو ايم جا جيڪي ماڻهو سنڌين جي قتل ۾ ملوث آهن انهن کي نيڪالي ڏيو. تہ انهيءَ وقت الطاف حسين اهي مطالبا تسليم نہ ڪيا ۽ سنڌي قوم جي مسلسل گهر هئي تہ مهاجر سنڌي قوم جو حصو ٿين ۽ سنڌ بابت ڇٽو مؤقف اختيار ڪن تہ سنڌ جو ورهاڱو نہ ٿا چاهيون، هن وقت ايم ڪيو ايم وارن پنهنجي موقف ۾ تبديلي آڻي چيو آهي تہ مهاجر سنڌي قوم جو حصو آهن ۽ سنڌ جو ورهاڱو ماءُ جي ورهاڱي برابر سمجهن ٿا ۽ الطاف حسين سنڌي قوم کان معافي گهري. انهيءَ موقف اچڻ کان پوءِ سڀ شڪ شبها سنڌي ماڻهن کي دور ڪرڻ گهرجن، جيڪو ماڻهو موقف تبديل ڪري سگهي ٿو، انهيءَ تي اعتبار ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انهن جو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي، هن جا مفاد سنڌ سان آهن ۽ سنڌ جي مفادن لاءِ گڏيل جدوجهد ڪيون پيا ۽ حڪمت عملي سان هڪ ٻئي جي صلاح مشوري سان ڪيون پيا. اڳتي پنتي ٿيڻ جدوجهد جي رخن تي دارومدار رکي ٿو. بهرحال ايم ڪيو ايم وارن ۽ جسقم وارن جو الحاق فطري عمل آهي. انشاءالله پنجاب کان گڏجي جان آجي ڪرائينداسون.

سوال: رسول بخش پليجو حڪمرانن کي درخواستون موڪلي لکيو آهي تہ جسقم وارا ڪيس قتل ڪندا توهان ڇا ٿا چئو؟

جواب: آئون پليجي صاحب کي چوندس تہ آئون تہ فقير ماڻهو آهيان، آئون رڳو سندس ذهني صحت جي سلامتي لاءِ دعاءِ خير گهري سگهان ٿو.

سوال: سيد خاندان ۽ جسقم ۾ ڪيتري ڪوآرڊينيشن آهي توهان پنهنجو شخصي ۽ تنظيمي موقف ٻڌايو؟

جواب: آئون گڏريل ڏينهن بہ سائين امداد محمد شاهہ سان سڪرنڊ ۾ مليو آهيان، انهيءَ جو توڙي سائين امير حيدر شاهہ جو رويو اسان سان اولاد وارو رهيو آهي. باقي سياسي موقف رکڻ جو هر ماڻهو کي حق آهي، سائين امداد محمد شاهہ شروع کان مختلف موقف رکيو آهي ۽ سائين جي. ايم.

سيد سان بہ سهمت نہ رهيو آهي. اسان کي سيد فيملي لاءِ ڪالهہ بہ عزت هئي اڄ بہ آهي آئنده بہ رهندي.

باقي سائين جلال محمود شاهہ جي سياست پنهنجي آهي ۽ جيئي سنڌ جو پروگرام آزادي آهي ۽ سائين جي. ايم. سيد جو پروگرام آزاديءَ وارو آهي. سن سنڌ جو سياسي مرڪز آهي، ڪالهہ بہ هو اڄ بہ آهي مستقبل ۾ بہ رهندو. باقي جيڪا سيد فيملي ۽ قومي تحريڪ وچ ۾ جيڪا ٿوري تلخي پيدا ٿي آهي، انهيءَ ۾ ڪجهہ مفاد پرست ماڻهن جو منفي ڪردار شامل آهي، جيڪي سيد فيملي جو دامن پڪڙي قومي تحريڪ جي خلاف سازشون ڪري رهيا آهن ۽ اهي ساڳيا ماڻهو آهن جيڪي سائين جي. ايم. سيد جي موجودگيءَ ۾ بہ اهڙيون سازشون ڪندا هئا ۽ اڄ بہ انهن جا پرڪار ساڳيا آهن ۽ اهي موجودگيءَ ۾ بہ اهڙيون سازشون ڪندا هئا ۽ اڄ بہ انهن جا پرڪار ساڳيا آهن ۽ اهي ماڻهو پنهنجي ڪردار ۽ عمل ۾ چٽا ۽ واضح آهن، نالن وٺڻ جي ضرورت ناهي. اسان سائين امير حيدر شاهہ ۽ امداد محمد شاهہ کي اپيل ڪنداسون تہ اسان کين پنهنجو وڏو ۽ والدين وانگر سمجهون ٿا. اهي قومي تحريڪ کي سن کان پري رکڻ وارين سازشن جو نوٽيس وٺن ۽ سن جي مرڪزي حيثيت برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

سوال: توهان جدوجهد دوران اڪثر پنهنجي زندگي بابت خدشن جو اظهار ڪندا رهيا آهيو. انهيءَ جو پس منظر ڇا آهي؟

جواب: هتي ڳجهن هٿن مون کي ۽ قومي تحريڪ جي ٻين اڳواڻن کي قتل ڪرڻ جي سازش ائين سٽي آهي جيئن مير مرتضيٰ ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو ۽ انهيءَ ڪم لاءِ 30 ماڻهن تي مشتمل فورس تيار ٿي چڪو آهي ۽ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ جيئن 10 جون کان اڳ مون کي قتل ڪيو وڃي. هن اڳ بہ اهڙيون ڪوششون ڪيون پر انهن ۾ ناڪام ويا آهن. اسان اهڙين ڪاروائين کان هيسجي قومي تحريڪ تان هٿ نہ ڪڍنداسون، مان موت سان هر وقت اکيون اکين ۾ ملائي ڏٺو آهي ۽ موت سان منهنجي ايتري محبت آهي جيتري سائين جي. ايم. سيد جي سنڌ سان محبت آهي. موت کان ڊڄڻ وارا آزادي جي ڳالهہ نہ ڪندا آهن. اسان جي راهہ ۾ هميشہ ڪنڊا رکيا ويا آهن ۽ منهنجي مختصر عمر ۾ منهنجي پيرن

مان وهندڙ رت جي نشانن تي قومي تحريڪ جا ڪارڪن پنڌ ڪري رهيا آهن ۽ جي آزادي جي راهہ ۾ قتل ٿي ويس تہ اهي پانڊيئڙا ضرور آزادي مائيندا ۽ اهو موت منهنجي خوشنصيبي آهي ۽ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي.

سوال: مڪاني ادارن جي چونڊن جو بائيڪاٽ جسقم ۽ متحده چو ڪيو آهي انهيءَ جو ڪو سياسي ۽ تاريخي سبب آهي يا رڳو مخالفت براءِ مخالفت آهي؟

جواب: مڪاني ادارن جي اليڪشن ڪي ون يونٽ جي متبادل سمجهون ٿا. جيڪو سنڌ جي پڌي ۽ ايڪي لاءِ تمام گهڻو نقصانڪار آهي. اڳ پنجاب جي مداخلت صرف سنڌ جي مخصوص طبقي لاءِ هئي ۽ هاڻي هيٺين سطح تائين وڌي ويندي ۽ سڄي سنڌ انهن جي حوالي ٿي ويندي.

سوال: آمريڪا، هندستان ۽ پاڪستان ۾ امن مذاڪرات لاءِ پيش رفت پيو ڪري، توهان جي نظر ۾ انهيءَ جو سبب علائقائي امن آهي يا پيو ڪجهہ؟

جواب: آمريڪا ڪشمير جو مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ ڪوشش پيو ونئي، ڪشمير انهن کي ملندو اهو سندن بنيادي حق آهي. امن لاءِ ڪوشش وٺڻ سٺي ڳالهہ آهي پر ڪشميرين کان وڌيڪ ظلم سنڌين سان آهي، جيڪي ماڻهو ٻين مظلوم قومن کي طاقت جي بنياد تي غلام بنايو ويٺا آهن، اهي ڪشميرين کي ڪهڙو انصاف ونئي ڏيندا. عالمي طاقتن کي گهرجي تہ هو پاڪستان هندستان جي حاڪمن کي صرف مسئلي ڪشمير نبيرڻ لاءِ آماده ڪرڻ بجاءِ پنهي ملڪن جي جبري الحاق ۾ جڪڙيل قومن کي خودمختياري يا احا بہ اڳتي وڌي حق خوداختياري ڏيڻ لاءِ چون، جن ۾ سنڌ، بلوچستان، پختونستان سميت سرائڪي بيلٽ اچي وڃن ٿا.

سوال: 10 جون جي ڏرٽي بابت توهان ڪيترا پراميد آهيو؟

جواب: سنڌي قوم اسان کي اڳ بہ مايوس نہ ڪيو آهي ۽ هاڻي بہ ساڳي همٿ ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندي. سنڌ جا ماڻهو پورهيت، هاري زميندار سياسي ڪارڪن ۽ هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو 10 جون 2001 تي گڏجي پنجاب خلاف پاڻي واري ٿيندڙ احتجاج ۾ ڀرپور شريڪ ٿي اسان جو ساٿ ڏين. آئون سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن کي اپيل ٿو ڪيان تہ پاڻ نہ ٿا

اڇي سگهن ته هڪ هڪ ٽرالي ماڻهن جي ڀري موڪلين ته پنجاب جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيندا سون. ڇو ته هي مسئلو جهيڙي ڪان سواءِ حل نه ٿيندو. اسان جو ساٿ ڏيو اسان ايمانداري سان هي ويڙهه وڙهي سنڌ جو نازڪ مسئلو حل ڪرائيندا سون ۽ ٻين وانگر رعايتون وٺي هن مسئلي کي ٿڌو ڪري گهر نه وهنداسون. ڇو ته اسان ايماندار ۽ سچي رهبر جا پوئلڳ آهيون، جنهن پنهنجي پوري حياتي سنڌ جي آزادي لاءِ جدوجهد ۾ صرف ڪئي ۽ آخري وقت تائين سنڌ ۽ سنڌي قوم جي محبت ۾ قيد دوران وصال ڪري ويو.

(روزاني 'شام' سومر 4 جون 2001ع تان ورتل)

سائين جي. ايم. سيد جا فيصلا سنڌي قوم جي مفاد وٽان آهن

سوال: توهان جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ڪڏهن ۽ ڇو شامل ٿيو؟ مهرباني ڪري ان متعلق اسان کي ڪجهه ٻڌائيندا؟

جواب: ادا مون 72 ۾ ٽنڊي ڄام يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي. اتي ڪن دوستن سان شهر گهمڻ وياسين. واپسي ۾ اسٽاپ تي دوستن ٻڌايو پئي ته 73 ۾ هنگامن ۾ اسان جي يونيورسٽي جا ٻه دوست شهيد بشير احمد ٿيبو ۽ شهيد عبدالقادر هاليپوٽو شهيد ڪيا ويا. اتي پرسان بيٺل هڪ ڇوڪريءَ وڏي آئي ۽ ان ٻڌايو ته هو اکين ڏٺي شاهد آهي ۽ پوءِ سنڌ جي ڪونڌرن جي شهادت جي ڪهاڻي اهڙي دردناڪ انداز ۾ ٻڌايائين جو آءٌ روئي ويٺس ۽ خبر پئي ته جيئي سنڌ وارن وڏي مڙسي ڪئي هئي. ان ئي ڏينهن مون فيصلو ڪيو ته آءٌ سنڌ جي حقن لاءِ وڙهندڙ سچي قومپرست تنظيم ۾ شامل ٿي ڌرتي جي آزادي لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪندس ۽ انهي ڏينهن کان آءٌ جيئي سنڌ ۾ شامل آهيان.

سوال: سائين جي. ايم. سيد جون تحريرون ۽ تقريرون سدائين عام ماڻهن يا سياستدان توڙي دانشورن وٽ تضادن جو شڪار رهيون آهن. ڪي سائين کي تضادن جو مجموعو ٿا چون ته ڪي چون ٿا ته سائين سدائين جذباتي ڳالهيون ڪيون آهن ۽ سدائين غلطيون ڪندو رهيو آهي. مهرباني ڪري توهان اسان کي اهو ٻڌائيندا ته مٿين تناظر ۾ توهان سائين کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: اسان جو ايمان آهي ته سائين جي. ايم. سيد جون تحريرون توڙي تقريرون سنڌي قوم لاءِ راهه نجات آهن. اها انهن ماڻهن جي سوچ جي گهٽتائي آهي يا سمجهه جي کوٽ جو هو سيد کي سمجهي ڪو نه سگهيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

آهن. سيد جون تحريرون ۽ تقريرون صرف ۽ صرف سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بقا، ڀلائي ۽ ترقي و آزاديءَ لاءِ رهيون آهن. سائين پنهنجي انهي موقف کان ڪڏهن هڪ تر جيترو به ڪو نه ڦريو آهي. باقي سائين وقت ۽ حالتن پٽاندڙ پنهنجي طريقہ ڪار کي تبديل ڪندو رهيو آهي جنهن کي اسان جا نادان ماڻهو تحريرن ۽ تقريرن ۾ تضاد سڏين ٿا پر جيڪڏهن انهن ماڻهن کي شعور هجي تہ اهي ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪن. مثال طور سائين جي. ايم. سيد ايم آر ڊي تحريڪ جي مخالفت ڪئي ۽ سائين چيو تہ اها وفاق کي مضبوط ڪرڻ لاءِ تحريڪ پئي هلي. پنجاب جي جمهوريت سنڌين لاءِ هاڃيڪار آهي مگر ان وقت بہ نام نهاد دانشورن ۽ مت جي موڙيل سياستدانن سائين کي ضياءَ جو ايجنٽ هجڻ جا طعنا هنيا مگر وقت ثابت ڪيو تہ اها تحريڪ وڏن طاقتن جي چرچ تي هلائي وئي هئي ۽ خوامخواهہ سنڌ جو ماڻهو قرباني جو ٻڪرو بڻيو ۽ ان کي ڪو بہ فائدو سواءِ لاشن وصول ڪرڻ جي ڪو نہ مليو. ۽ ان تحريڪ تي اهو الزام بہ لڳو تہ اها تحريڪ علحدگي پسندن جي هٿ ۾ آهي ۽ جڏهن تہ ان جي سائين مخالفت ڪئي هئي پر جيڪڏهن سائين ان جي حمايت ڪري ها تہ توهان يقين ڄاڻو تہ سنڌ تي وڏو آپريشن ڪيو وڃي ها ۽ سنڌي قوم بيخبري ۾ مارجي وڃي ها. تنهنڪري اسان سمجهون ٿا تہ سيد جا فيصلا سدائين درست ۽ صرف ۽ صرف سنڌي قوم جي مفاد وٽان رهيا آهن. باقي پوءِ مخالف ان کي ڪٺي ڪهڙو بہ رنگ ڏين. اسان جو ايمان آهي تہ سيد جون تحريرون، تقريرون ۽ حڪمت عمليون سنڌي قوم جي راهہ نجات لاءِ آهن ۽ جڏهن بہ سنڌي قوم اڪ پٽي سيد جي پويان لڳي تہ پوءِ هن قوم کي ڪير بہ غلام رکي ڪو نہ سگهندو. سائين جو ڏسيل دڳ حق سچ جي وات آهي. هن تي جيڪو هلندو ان جا ٻيڙا پار آهن ۽ جيڪو ان جي مخالفت ڪندو اهو صفحہ هستيءَ تان نيست و نابود ٿي ويندو.

سوال: سائين جي. ايم. سيد جيئي سنڌ تحريڪ جو رهبر ۽ سنڌي قوم جو سيمبال (Symbol) يعني نشان آهي. ان باري ۾ توهان مهرباني ڪري ڪجهہ وضاحت سان پنهنجي موقف کان آگاهہ ڪندا؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد سنڌي قومپرستي جو پيغمبر، سنڌي

قوميت جو نشان ۽ سنڌ جو نشان يعني باباءِ سنڌي قوم آهي. سڄي دنيا ۾ سنڌي قوم جي سڃاڻپ جي. ايم. سيد سان آهي. تنهن ڪري يقين سيد سنڌي جو نشان يا (Symbol) آهي. ۽ جيئن ته سائين سنڌي قومپرستي جو پيغمبر آهي. سنڌي قومپرستي جي نظريہ جو خالق آهي موجود آهي ۽ سڄي قوم جي سدائين رهبري ڪندو رهيو آهي تنهنڪري ان ڳالهہ ۾ بہ ڪنهن ڪي شڪ نہ آهي تہ سائين پوري قوم جو رهبر آهي. ۽ اسان جو انهي ڳالهہ تي يقين ايمان جي حد تائين آهي تہ سائين سنڌي قوم جو رهبر ۽ Symbol آهي.

سوال: توهان جساف جا صدر آهيو. هن کان اڳ بہ اوهان جساف جا صدر رهيا آهيو. مهرباني ڪري اوهان ٻڌايو تہ اوهان جساف لاءِ ۽ سنڌي قوم لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڇا توهان پنهنجي ڪم مان مطمئن آهيو؟

جواب: اها هڪ ڏگهي ڪهاڻي آهي. مسئلن جي لحاظ کان بہ تہ محنت ۽ ڪارڪردگي جي لحاظ کان بہ. چاهي آءٌ صدر رهيس يا ڪارڪن مگر مون جڏهن کان قومپرستن سان گڏجي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي غلامي مان نجات لاءِ وچن ڪيو آهي يعني 72 کان جڏهن آءٌ جيئي سنڌ جو ميمبر ٿيس اڄ تائين ڪا پل ڪو ڏينهن اهڙو نہ گذريو آهي جو مون ڪا سنڌ جي ڪاز لاءِ غفلت ڪئي هجي. پنهنجي علم، عقل، پگهر ۽ طاقت ڪي استعمال ڪري سدائين سنڌ جي مسئلن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهيان. مگر خاص ڪري آءٌ جڏهن ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ۾ 1983ع ۾ يونٽ جو صدر ٿي آيس. ان وقت اسان جو يونٽ تمام ڏکئي صورتحال ۾ هو ۽ اسان کي ايترو تجربو نہ هو ان وقت جيڪي اسان جا سينيئر دوست هئا. اهي اتان پنهنجي تعليم پوري ڪري هليا ويا هئا ۽ جيئن ٿي اسان ڪم سنڀاليوسين ۽ آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو تہ ان وقت زرعي يونيورسٽي جا جيڪي شاگرد هئا اهي ان شيءِ جي گواهي ڏيندا تہ اسان رات ڏينهن محنت ڪري جدوجهد ڪري شاگردن جي مسئلن کي ڪٺي نظرياتي بنيادن تي پنهنجي ورڪ ڪري، ايترو تہ پنهنجي يونٽن کي مضبوط ڪيوسين جو اتي جيڪي بہ جماعتون هيون. ان وقت انهن جون پاڙيون تقريباً غير فعال ٿي ويون ان وقت هڪڙي تنظيم

آزاد اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي نالي سان خيرپور ضلع وارن کي اڳيان ڪري وائيس چانسلر جوڙائي هئي. ان جو مقصد جيئي سنڌ کي ختم ڪرڻ ۽ ڪرمنل ماڻهن سان اسان کي جهيڙا ڪرائي رڪاوٽون وجهندا هئا ۽ پين سيني جماعتن جو هڪڙو مقصد هو ته جيئي سنڌ کي ختم ڪري. اسان ان ڏکئي وقت ۾ انهن جو اهڙو سياسي مقابلو ڪيوسين. ان کان پوءِ 1983ع ۾ مرڪزي وائيس پريزيڊنٽ ٿياسين جنهن ۾ اسان سان گڏ اسان جي باڊي ۾ محترم نياز ڪالاڻي هو ۽ ان وقت ٻه اسان تمام ٿوري عرصي ۾ ڪارڪردگي ڏيکاري. سنڌ جي مسئلي کي تمام سٺي نموني سان ڪنيوسين ان وقت سيد جي نظرئي تي هڪڙي ڪات هڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان وقت ايم آر ڊي تحريڪ هلندڙ هئي. انهن هڪڙو بنياد بنائي ته اسين تحريڪ ۾ حصو نه وٺنداسين ان وقت انهن هڪڙي گهري سازش ڪئي. مرڪزي باڊي ۾ ٻه هئا ۽ انهي وقت جي قيادت انهن وٽ هئي. هڪڙي پلاننگ ڪري سڄي تحريڪ کي هائي جيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ان وقت اسان ڪائونسل جي اندر فائيٽ ڪئي سين. باقائدا انهن کي ڪنڊم ڪيوسين ۽ ايترو انهن جو گهيرو سخت ڪيوسين جو هو پارٽي کي خير آباد چئي تنظيم کي ڇڏي هليا ويا پر ڪجهه پنهنجا جراثيم اسان ۾ ڇڏي ويا جن ويهي ڪري مختلف وقتن تي مختلف بهانن ۽ حربن سان قومي ڪارڪنن کي پٽڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وقت کان وٺي اسان سيني دوستن گڏجي انهن کي چٽو ڪيوسون. واڪو ڪيوسون ۽ اڳتي هلي اها پارٽي ٽٽي وئي اسان وري 84 جي آخر ۾ 85 جي شروعات ۾ گرفتار ٿياسين. جنهن ۾ مارشل لا وارن مون کي 3 سال سزا ڏني ۽ مختلف ڪيس اسان جي مٿان مڙهيا. سزا ڪاٽي ٻاهر آياسين. سائين جي. ايم. سيد اسان جي مٿان ذميواري رکي مون کي مرڪزي صدر چونڊيو ويو جنهن ۾ آءٌ مرڪزي صدر هوس. مرڪزي نائب صدر اسان جو دوست نياز ڪالاڻي هو. جنرل سيڪريٽري شبير جمالي، جوائنٽ سيڪريٽري وفا رضا چانڊيو هو، خزانچي غفار مهر ۽ پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر نذير ميمڻ هو. ان وقت مشڪل صورتحال هئي. قادر مگسي وارن ڏکيو ماحول پيدا ڪيو هو. شفيع ڪرناڻي جي خلاف هڪڙو ڪميونسٽ لڏو ئي جدا هو جنهن کي آهسر ڊيل پيو

ڪندو هو. اسان جي ان وقت جي قيادت ڪان هڪ جائز شيءِ جي گهر هئي. ان ۾ شاگردن جا مسئلا هئا ۽ تحريڪ ۾ هڪڙي تخريبڪاري پيا ڪن. رهبر جي موجودگي ۾ فيصلن جي انڪاري پيا ڪن. 8 نمبر اسان جو جيڪو نڪتو آهي. جيڪو توهان پهرين سوال ڪيو ته سائين جي. ايم. سيد تحريڪ جو Symbol آ. انهي نڪتي کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي انهن اهو جاٿائي ڇڏيو ته سائين جي. ايم. سيد ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جو فڪر جيڪو آهي سو اسان اهڙي طور استعمال ڪري سگهون ٿا. ان وقت جيڪو آ سو اسان انهن ئي ڪميونسٽن جو ماحول ۽ صورتحال تيار ٿيل هئي جو مڪمل طرز تي سيد جي فيصلن ۽ حڪمن جي انڪاري ڪري ۽ اصل ئي جيڪو هن نظريي جو خالق آهي. ان اسان جي رهبر جو نڪتو ڪٽي ڪري ڪميونسٽن پنهنجن آقائن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ هي تمام وڏي گهري چال ڪيڏي هئي اسان ان وقت ئي ان سازش کي پڪڙي بي نقاب ڪيوسين جنهن ۾ محمد راهمون وارا اسان سان سڀ گڏ هئا ۽ اهو اهڙو سچو ماحول پيدا ٿيو هو جو فيڊريشن سڄي منتشر هئي. اهڙي گروهه بندي ڪري ڪارڪنن کي مايوس ڪري ڇڏين جو سڀ ڪارڪن گهرن ۾ ويهي رهيا. اسان ان وقت جيلن ۾ هياسين ۽ ٻڌندا هئاسين ته اڄ فلاڻي جو ٽولو ڏاڙيلن جو اڄ هاسٽل ۾ آيا انهن جي سرپرستي ۽ قيادت اهي اڳواڻ ڪندا هئا ۽ سمجهان ٿو ته ان وقت جا ايل ايم سي جا شاگرد ۽ سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد ۽ ڪي زرعي يونيورسٽي جا شاگرد اها گواهي ڏيندا ته اهي ماڻهو انهن جي اڳواڻي ۾ وڏا ٽولا ٺاهي ڪلاشنڪوف ڪٽي ۽ باقاعدا غنده گردي ڪندا هئا ۽ اڄ پاڻ کي هڪ وڏو چيمپيئن ڪوٺائڻ جي لاءِ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اسان ڪلاشنڪوف جي سياست جي خلاف آهيون. آءٌ چوان ٿو ته ڪلاشنڪوف جي سياست جي جيڪا شروعات ڪرائي. اها به انهن اتان ئي شروع ڪئي ۽ انهن جي ڪري ماحول خراب ٿي پيو ۽ هاسٽلن کي چوديواريون ڏنيون ويون. جڏهن اسان جي بادي آئي ته ديوارن جو سلسلو به شروع ٿيو. نيون تانيون ڪڇڻ پيون. حڪومت پاليسي جوڙي ته شاگردن جا والدين ايس ڊي ايم جي آڏو لکي اقرار ڪندا ته اسان جو پٽ ڪنهن به قسم جي سياست ۾ حصو نه وٺندو وغيره. اهڙيون

ڳالهيون رکيون ويون جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اسان اهو محسوس ڪيوسين ته اهي قاعدا قانون صرف ان لاءِ مڙهيا ويا آهن ته جيئن تعليمي ادارن جا دروازا سنڌي شاگردن لاءِ بند ڪيا وڃن. اسان انهن جي خلاف جدوجهد هلائي. جدوجهد ڪئي سين ماحول تيار ڪيوسين ايترو ته اسان دٻاءُ وڌو. اخبار جي ذريعي جلسن جي ذريعي شاگرد يونٽي جي ذريعي جو خود يونيورسٽي انتظاميه مجبور ٿي پيون. زرعي يونيورسٽي جي ان وقت جي وائيس چانسلر عبدالقادر انصاري مون کي چيو ته خدا جي واسطي تعليمي ماحول برقرار رکو ۽ توهان جيئن چئو اسان تيئن ڪيون ٿا. چو ته اسين ان وقت هاسٽل الاٽمنٽ جا جيڪي فارم هئا. اسان ان وقت کو نه ڀراياسين تقريباً ڏهه هزار شاگرد بي گهر هئا. انهن فارم داخلا جو جمع نه ڪرايو هو. انهي ڪري انتظاميه به پريشان هئي ۽ اسان اهو به مطالبو پيا ڪيون ته اسان جا شاگرد انتظاميه جي آڏو يا مئجسٽريٽ جي آڏو ان شيءِ جي ضمانت نه ڏيندا ته اسان سياسي ڪمن ۾ حصو نه وٺنداسين. باقي رينجرس ويهارڻ جي اسان مخالفت ڪئي هئي سين. چو ته تلاشي ڏئي اندر وڃڻ تلاشي ڏئي ٻاهر نڪرڻ جو ڪم مڪمل طور تي هڪ قيد خاني وارو هيو ۽ اها شاگرد جي توهين هئي سنڌ جي تعليمي ادارن جو سنڌ جي سياست ۾ اهم ڪردار رهيو آهي قومي مسئلي تي چٽي ۽ واضح پاليسي رهي آهي ۽ هو ميدان عمل ۾ رهيل آهن. هر دؤر ۾ هر وقت ته ان عمل کي روڪڻ جي سازش ٿي آهي. اسين ان شيءِ جي مخالفت ڪئي سين اسان چيو ته استاد شاگرد پاڻ ۾ ويهي اهڙو ماحول پيدا ڪن جو جنهن ۾ غنده گردي جو به خاتمو اچي تعليم جو به معيار بلند ٿئي. شاگردن جا به مسئلا حل ٿين ان وقت انتظاميه ڪافي دٻاءُ ۾ اچي ڪافي جهڪاءُ ڪيو اهو ئي سبب هو جو تعليمي ادارا انهن مهينن ۾ کولڻ جي ڪنهن کي به جرئت نه پئي ٿئي. تاريخ ڏئي وري ان تان پاڻ ئي انڪاري پئي ٿيا. ان جو سبب اهو هو جو هر شاگرد جيئي سنڌ وارن سان پڌل هيا. بهرحال اسان سان پراون کان وڌيڪ پنهنجن گهڻيون زيادتيون ۽ جنيون ڪيون آهن. پنهنجن جون غداريون آهن. پنهنجن جو ويساهه گهاتيون آهن. پنهنجن جا راتاهه هنيل آهن. پنهنجا ئي تنظيم کي تحريڪ کي ڪک ۾ ڪات هڻي ڌارين جي دلالي پيا ڪن اٽلندو ڪم ڪرڻ وارن تي پيا سدائين

الزام لڳن ايستائين و سيد کي معاف نہ ڪيو ويو هينئر بہ اسان چاهيون ٿا تہ پاڻ ۾ گڏجون گڏ هجون ڇاڪاڻ تہ پاڻ ۾ ڇڙوڇڙ هجڻ سان تباهي آهي. سنڌي قوم تباهي جي ڪناري وڃي لڳي آهي. سرڪاري ڌريون اسان کي ويڙهائڻ ۾ لڳيون پيون آهن. الله اسان کي سمجهہ ڏئي.

سوال: بشير خان توهان جي وڏي مهرباني؟

جواب: هڪڙو ٻيو عرض تہ اڄڪلهہ اسان جو اديب سٽين ٽڪرن تي پيو لکي اسان جا قومي ڪارڪن قومي جدوجهد ۾ ڏينهن رات ڪم ڪن پيا پر انهن جا ڪا پروجيڪشن ڪا نہ آهي. اسان کي ڪنهن پروجيڪشن جي ضرورت ڪو نہ آهي. پر افسوس اهو آهي تہ ڪوڙن قومپرستن کي مٿي آندو ٿو وڃي جيڪي سواءِ سرڪار جي ٻي ڪنهن سان سچا ڪو نہ آهن. سنڌي قوم جو ايمان هجڻ کپي تہ جيڪو سيد سان سچو ڪو نہ تو ٿي سگهي. بهرحال آءٌ وري بہ اهل قلم ۽ دانشورن کي عرض ڪندس تہ اهي اکيون کولين اڳ پوءِ ڏسن سامهون انڌاهہ انڌوڪار اچي پٽي. ۽ ان کي آڻڻ ۾ اهي اديب ۽ دانشور پاڻ بہ شامل آهن. ڏاهپ جو گس وٺن ۽ سيد جي واڳ وٺي اڳتي وڌن تہ انهن کي صحيح ۽ سچو رستو ملندو نہ تہ اهي گمراهہ آهن ۽ ڪڏهن بہ فلاح نہ پائيندا.

(هي انٽرويو 'پيغام سنڌ' پبليڪيشن 17 جنوري 1991ع جي. ايم. سيد نمبر تان ورتو ويو آهي.)

سنڌين کي پاڪستان ۽ اسلام جي نالي هميشه ڦريو ۽ لٽيو ويو آهي

سنڌ ڌرتي وقت بوقت اهڙن املھ امر انسانن کي جنم ڏيندي رهي آهي جيڪي پنهنجي جيون جو هر پل مظلومن، محڪومن، ماروئڙن، هارين، جهانگين، مزدورن جي خاطر قربان ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪي پنهنجي زندگي ۾ پنهنجي ديس ڌرتي جي دشمن سان مهاڏو اٽڪائيندا رهندا آهن، جيڪي پنهنجي مارو ماڻهن جي دوا ڳولي تن جا ويج طبيب بڻجي انهن جو علاج ڪندا آهن. جيڪي ماڻهو اڪين ڄي التجائن ۾ صدين جي صدائن جا وڪيل بڻيا آهن، جيڪي ارڏا ۽ اڻ موت انسان پنهنجي ڌرتي خاطر وقت جي فرعونن سان چوٽ کائي مقتل گاهن ۾ ماريا ويندا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي اڏول ارادن ۽ سرڪشي سوچن جي ڪري انهيءَ منزل تي پهچي چڪا هجن جتان سندن ڪنڌ نہ ڪبجي سگهن تا پر انهن جي جهڪڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، اهڙن ئي ارڏن اڻ موت سورهيہ سوڍن، جوڌن، سرڪش انسانن مان بشير خان قريشي بہ هڪ آهي. سنڌ ڌرتيءَ جو هي عظيم سپوت ڪپڙا ڦاٽل، پيٽ بکايل، سنڌ جي ماروئڙن جي آڇپي لاءِ پنهنجي زندگي جي سفر ۾ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو رهي ٿو. هيءَ سنڌ جو سپوت هر ڏاڍ ۽ ظلم اڳيان هماليہ وانگر ڳاٽ اوچو ڪري سنڌين جي حقن جي خاطر ڪراچي هجي يا سنڌ جو ٻيو ڪو شهر، پوليس هجي يا فوج، رينجرس هجي يا پنجاب سامراج جا دلال. هن هر حڪمران سان اکيون اکين ۾ ملائي سچ ۽ سورهيائي، سرڪشي ۽ سرفروشي، بهادري، همت ۽ حوصلي، جرئت ۽ سرويچي سان وڙهندو رهي پيو. سنڌ ڌرتي جي هن نوجوان دلير سپوت تي سنڌ جي ساهہ ۽ پساهہ کي ناز آهي. هر سنڌي جي ويساهہ کي ناز آهي. جي. ايم. سيد کي بشير خان قريشي تي ناز هيو. بشير

خان قريشي سان عوامي آواز طرفان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي اها اوهان آڏو پيش آهي. موجوده صورتحال جي باري ۾ پڇيو ويو ته: هن چيو ته اڄ اسين ان سنڌ ڌرتيءَ لاءِ وڙهي رهيا آهيون، جنهن سنڌ لاءِ اسان جا لکين ماڻهو وڙهي شهيد ٿي ويا آهن. ڌرتي جو وجود عزت، عظمت بقا کي قائم رکي سگهجي. سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي تاريخ ۽ وجود کي سلامت رکڻ لاءِ پنجاب سامراج سان مهاڏو اتڪائي جدوجهد ۽ جنگ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن ملڪ کي نهرائڻ ۾ اسان جي بزرگن جو هٿ هيو ۽ ان اميد سان ٺاهيو ويو ته اسين مسلمان سڀ گڏ رهنداسين، ايڪو ۽ اتحاد قائم رهندو. جهالت، بک، بيروزگاري ختم ٿي ويندي. اسين سڀ خوشحال ٿي وينداسين. 52 سالن جي اندر اوهان اسان سيني ڏٺو آهي ته سنڌ جي وجود کي ختم ڪيو پيو وڃي. سنڌي قوم جيڪا هزارين سالن کان وٺي هن ڌرتي تي آباد آهي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ منصوبي تحت عمل ٿي رهيو آهي. شهر اسان کان کسيا ويا آهن، حڪومتون اسان مٿان مڙهيون ويون، زمينون، نوڪريون اسان کان کسيون ويون. سنڌ جيڪا خدا جي طرف کان مليل هڪ اهڙو تحفو آهي جو ان اندر ايترا ته وسيلا آهن، جيڪڏهن تيل، گئس، ڪوئلي تي ئي صرف سنڌي ماڻهن جو حق تسليم ڪيو وڃي، تڏهن به مان خاطري سان ٿو چوان ته هتان بک، بيروزگاري، بدحالي ختم ٿي ويندي.

ڇا توهان اسان جون ڪجهه غلطيون آهن جو سنڌ اڄ اهڙي صورتحال مان گذري رهي آهي، اسان سيني جي لاپرواهي جي ڪري ئي اڄ هيءَ ڌرتي اهي وسيلا ۽ قومي وجود ايترو ته خطري ۾ پئجي ويو آهي جو سڄي سنڌ سورن ۾ گذري رهي آهي. ائين ڪڏهن به نه ڏٺو هيو ۽ نه ئي ٻڌو جيئن هينئر ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن هن وقت به اسان گڏجي ڪجهه نه ڪيو ته پوءِ تاريخ معاف نه ڪندي. سنڌ ۾ موجوده زراعت جي صورتحال جي باري ۾ هن چيو ته ماڻهن جي جياپي جو وڏي ۾ وڏو مسئلو پاڻي آهي اهو به ڏاڍ جي زور تي پنجاب کنيو پيو وڃي. اخبارن جي اندر پريس ميڊيا جي ذريعي اسان جي ذهن ۾ اها ڳالهه وڌي پئي وڃي ته پاڻي جي قدرتي کوٽ آهي. ٺهنڪري هاڻي فصل 40 سيڪڙو يا 50 سيڪڙو کان وڌيڪ نه پوکيو وڃي، پوءِ ان جي به خاطري نه آهي ته اهو به صحيح فصل ٿيندو به يا نه. پر

جيڪڏهن هن وقت جيڪي ڪجهه به ساريون لٽيون آهن انهن جو به اگهه باقائدي ڪيرائي چڏيو ويو آهي ته جيئن اهي هاري بکون ڪاٽين، انهن جا ٻچڙا به بکون ڪاٽين، پر اسان ائين ٿيڻ نه ڏينداسين. سنڌ جي ڪنهن به اداري مان ملازمن کي نيڪالي ڏياري وئي ته جيئي سنڌ قومي محاذ تحريڪ هلائي آهي. اسٽيل مل هجي يا ٺٽو شوگر مل، اسان هر ملازم سان گڏ آهيون ۽ جيستائين جسقم جو هڪ به ڪارڪن زنده آهي. سنڌين جي حقن لاءِ وڙهندو رهندو. اڄ سنڌي ماڻهن لاءِ نوڪريون نه آهن پر جيڪڏهن ڪجهه ماڻهو باقي نوڪرين ۾ آهن به ته پاڪستان جي حڪمرانن جو اسان مٿان ٿورو نه آهي ڇو ته هن ملڪ کي هلائڻ لاءِ 85 سيڪڙو بجيٽ سنڌ ادا ڪندي آهي. هي ملڪ اسان جي خون پسيني ۽ ڌرتي جي وسيلن تي پيو هلي. نوڪريون ته اسان سنڌي ماڻهن کي شروع کان ئي نه ڏنيون ويون هيون، پر جيڪڏهن پنهنجي صاحب جي حڪومت ۾ مليون به هيون ته اهي به لاٿا پيا وڃن. اسان کي هميشه پاڪستان ۽ اسلام جي نالي تي لٽيو ۽ ڦريو ويو آهي. اڄ اها وڏي حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته اسين سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافي جي ڳالهه ڪريون ٿا ته اسان کي باغي سڏي بار بار بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. پر سرحد ۽ پنجاب جا ملان هٿيار کڻي هزارن ماڻهن جي تعداد ۾ اچي سرعام اعلان ٿا ڪن ته اقتدار اسان جي حوالي ڪيو نه ته حڪومت تي زوري قبضو ڪنداسين. پر هنن کي ته ڪو روڪڻ وارو ئي نه آهي ڇو ته پرويز مشرف جي حڪومت پاڻ بنياد پرستي کي اپاري رهي آهي. آمريڪا کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ هتي اسلامي ويڙهاڪن کي هڪ منصوبي تحت منظم ۽ مضبوط هٿياربند ڪيو پيو وڃي ته جيئن سنڌ اندر قومي تحريڪن کي ڪچليو وڃي. اها سنڌي قوم لاءِ وڏي گهري سازش پئي ٿئي. سنڌ اها ڌرتي آهي جتي هميشه امن ۽ محبت جي فضا گهلي آهي. چوندا آهن ته نبي سائين صلعم جن به نماز کان فارغ ٿي سنڌ ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا. پيو ته حضرت امام حسين عليه صلعم جن لاءِ به چوندا آهن ته جڏهن آخري وقت ۾ پڇا ڪئي وئي ته سائين جن چيو ته آءٌ سنڌ ڏانهن ويندس بهرحال اهڙا ڪيترائي مثال آهن. ڇا هاڻي سنڌ ۽ ڌارين جي پناهه گاهه بڻجي وڃي ٿي؟ توهان ڏسو ته سنڌ هميشه اڄڻ واري جي لاءِ

پناهہ گاهہ رهي آهي ۽ سنڌ هميشہ ان کي پناهہ ڏني آهي. هتي شيعا، سني، وهابي، بريلوي ۽ ٻين مذهبن، هندو، عيسائي، ڪرسچن ۽ ٻيا هتي امن محبت ۽ ڀائيچاري سان رهيا آهن. هتي جيڪي اچي چڪا آهن انهن کي هينئر ڪنهن کان بہ ڪنهن کي نفرت نہ آهي ڇو تہ سنڌ صوفين جي سرزمين رهي آهي.

سنڌي ماڻهن کي جيڪي جهاد لاءِ افغانستان وغيره ڏانهن وٺي پيا وڃن ان لاءِ توهان جو ڇا خيال آهي؟ هاڻي تہ افغانستان مان روسي بہ ڀڄي ويا آهن، باقي جهاد هاڻي ڪنهن جي خلاف آهي. هتان جا سنڌي اڻوجهہ نوجوانن کي ورغلائي وٺي وڃي ڪشمير ۾ جهاد پيو ڪرايو وڃي. پر هتي سڄي سنڌ غلام لڳي پئي آهي. ڪنهن بہ شيءِ تي اسان جو اختيار نہ آهي. هر شئي هتان ڌاريا ڦريو ڪنيو پيا وڃن. اسان جي هزارين ورهين جي ٻولي، ثقافت خطري ۾ آهي. انهيءَ کي بچايون يا وري اسلام جو نالو وٺي رهيل ٽپڙ بہ ڪنيو پيا وڃن. پنجابي اسلام جو نالو وٺي هاڻي ڏسن تہ اسان هتي جمهوريت مڙهي تہ بہ ڪجهہ نہ ٿيو، مارشل لا مڙهي سون تہ بہ هنن کي جهڪائي نہ سگهياسون، بم هنيا ويا، ڳوٺن جا ڳوٺ تباهہ ٿيا، نماز ۽ قرآن پڙهندڙن مٿان گوليون هلائي شهيد ڪيو ويو. بهرحال ڪا بہ ڪثر ڪو نہ ڇڏيائون جهڪائڻ خاطر، مگر هاڻي وري هتي ملي کي وٺي پيا اچن. ياد رکن تہ سنڌ جا ماڻهو اهڙي عمل جي سخت مذمت ڪندا ۽ اسان لاءِ تہ لطيف جو پيغام ئي ڪافي آهي.

بار بار جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ ڌڙابندي ٿيڻ جو اصل ڪارڻ ڇا آهي؟ هي پهريون دفعو ناهي ٿيو. سنڌ جي قومي تحريڪن ۾ شروع کان ئي اهڙيون سازشون ٿينديون رهيون آهن. جنهن جو مقصد انهن کي ڪمزور ڪرڻ آهي ۽ اُن پوزيشن ۾ آڻڻ چاهين ٿا تہ جيئن ڀرپور نموني سان تحريڪ هلائي نہ سگهن. ڪهڙو سبب آهي تہ اڄ ڏينهن تائين انهن اختلافن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو بہ لائحہ عمل تيار ڪو نہ ڪيو ويو آهي؟ ڪو بہ اهڙو ادارو نہ ناهيو ويو آهي جنهن ۾ ننڍي ننڍي ڏرين جون ڳالهيون ٻڌي ان کي سهڻي نموني سان حل ڪيو وڃي. اڄ ڏينهن تائين قومي تحريڪن ۾ جنهن بہ اختلاف رکيو آهي اُن جو مقصد هرگز اهو نہ رهيو آهي تہ نهڻ جي ڳالهہ ڪئي وڃي

انهن جو مقصد شروع کان ئي اهو رهيو آهي ته واويلا ڪري ڪارڪن جي ذهن کي منتشر ڪري انهن کي مايوس ڪري ۽ انهن جي ردعمل ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال ۾ قومي جدوجهد جي ميدان مان پچو نظرياتي اختلافن جو ڊرامو بڻائي لفظن ۽ دليلن ۾ پناهه وٺي پوءِ جدا ٿيون. جيترا به ڪارڪن ٽوڙي سگهو ٽا ٽوڙيو. پهرين وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري پوءِ انهن تان ڦري وڃن ۽ ڪارڪن کي ان صورتحال جي بليڪ ميلنگ جو شڪار ڪري انهن لاءِ واپسي جو رستو به بند ڪري ڇڏين ٿا. پنجاب سان گڏوگڏ پناڻ به اسان جو استحصال ڪن ٿا؟ پناڻ سنڌ جي استحصال ۾ ملوث آهن سنڌ لاءِ پناڻ پنجابين کان پوءِ هڪ سامراج جي حيثيت رکن ٿا. ان سلسلي ۾ ايم ڪيو ايم وارا به اسان جي ان موقف سان اختلاف نه ٿا رکن. فوج جي نگراني ۾ سنڌي شاگردن جي هلندڙ امتحانن جي باري ۾ هن چيو ته فوجين جي هٿياربندن جي سايي ۾ امتحان ورتا پيا وڃن اها وڏي سنڌين جي خلاف سازش آهي. ايتري سختي توهان ڪنهن فوجي آفيسر جي ٻار مٿان ڪرائي وجي پوءِ ڏسون ته هو پاس ٿئي ٿو ۽ توهان هٿيار ڪنهن جي به مٿان جهلي بيهندا ته ڪڏهن به هو ذهني طور صحيح نه هوندو. حڪومت ڇاڻي واٽي سنڌي نوجوانن کي پوئٽي ڪري پنجاب يا ٻين صوبن کان سازش تحت پروفيشنل شاگرد گهرائي انهن کان هتي انٽر ڪرايو ويو ته ان عمل خلاف سخت احتجاج ڪنداسين. ڪنهن ٻئي صوبي جو شاگرد ڪڏهن به برداشت ڪو نه ڪنداسين. سنڌي پريس جي بند ڪيل اشتهارن جي باري ۾ هن چيو ته حڪومت ڇاڻي واٽي سنڌي اخبارن جا اشتهار بند ڪيا آهن ته جيئن هو اسان جي چڱائي ۾ لکن، مان سلام ٿو پيش ڪيان سنڌي اخبارن خاص طور تي عوامي آواز جي سٽ کي جنهن هميشه بغير ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀلائي خاطر ۽ هتي ٿيندڙ ظلمن کي عالمي ليول تي ڪنيو پئي اچي. اسين سنڌي ميڊيا سان هميشه گڏ آهيون، اسان کي جڏهن به سڏ ٿيو ته جان ڏين کان به نه لهرائينداسين.

جسقم جي نئين آيل باڊي ڪا نئين تبديلي آڻيندي؟ هن چيو ته اسين هاڻي پهرين کان وٺي باقائده ضلعي ڪانگريسون ڪري اتي شاگردن لاءِ باقائده اسڪول ڪولرائينداسين ته جيئن ننڍڙي ڪارڪن کان وٺي اسان جي اصل مقصد جي باري ۾ هن کي ڄاڻ ڏني وڃي.

(هي انٽرويو روزاني 'عوامي آواز' ڪراچي 3 ڊسمبر 2000ع تان ورتو ويو آهي.)

مون کي ختم ڪيو ويو ته
هتي هزارين بشير پيدا ٿيندا!

سوال: تازو 10 سالن کان پوءِ جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده قومي موومينٽ ڳالهين جي ميز تي آمهون سامهون آيا آهن جيڪا سنڌ جي سياست ۾ هڪ وڏي تبديلي چئي وڃي ٿي، توهان پنهنجي طرفان اهو ٻڌائيندا ته اهو اتحاد ڪهڙن بنيادن ۽ ڪهڙين ڳالهين تي ٿيو آهي؟

جواب: هي سوال توهان جو هڪ اهم سوال آهي، هن وقت سنڌ جون سياسي حالتون تباهيءَ طرف وڃي رهيون آهن سنڌ تي ظلم جا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن ڪهڙي نه ڪهڙي طريقي سان مڙئي سنڌ کي نيست و نابود ڪيو پيو وڃي، مهاجرن لاءِ اسان جو ڪلهه به اهو موقف هو اڄ به اهو ئي موقف آهي. ته سنڌ ۾ رهو تا ته سنڌي ٿي رهو. سائين جي. ايم. سيد به انهن کي اهائي تلقين ۽ هدايت ڪندو هو ته سنڌي ٿي رهو ۽ مهاجرن جون ڪجهه ڌريون جيڪي پاڻ کي سنڌي سڏائيندا هئا اهي اسان سان ڪلهه جدوجهد ۾ به گڏ هئا ۽ گڏ به هليا. ڪو وقت اهڙو به هئو جو الطاف حسين خود سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهه تي ايندو هو ۽ اسان جا نمائندا انهن جي جلسن ۾ شرڪت ڪندا هئا ۽ جڏهن انهن اهو به چيو ته اسان مهاجرن کي مهاجرن جي نالي تي گڏ ڪري ونون پوءِ سنڌ لاءِ جدوجهد ڪنداسين پر وقت جي وهڪري ۽ پنجاب سامراج ڏنو ته سنڌ جي مستقل رهندڙن جو پاڻ ۾ اتحاد ٿيندو ظاهر آهي اهي ماڻهو جيئي سنڌ وارن سان گڏيا آهن هن ملڪ کي ٽوڙڻ لاءِ سنڌو ديش لاءِ ڪم ڪندا پوءِ انهن پنهنجي پالتو ايجنسين جي معرفت سنڌي ۽ مهاجرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ۽ هڪ وڏي خونريزي ڪرائي نتيجو اهو نڪتو جو ويڇا وڌندا ويا مهاجرن پنهنجي پاليسي ۾ تبديلي ڪري پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ وڏو

گيپ پئجي ويو سنڌي مهاجر تمام پري وڃي پيا جنهن جو فائدو پنجاب سامراج کي پيو. پنجابين مهاجرن مان ڪم ڪڍي سنڌين سان ويڙهائي ۽ پوءِ انهن تي بہ هڪ وڏو آپريشن ڪيو، جنهن مان مهاجر اڃا تائين جند ناهن ڇڏائي سگهيا ۽ اڳتي هلي انهن جو قائد خود ملڪ مان جان بچائي نڪري ويو ۽ ايم ڪيو ايم وڃي پارلياماني سياست ڪئي. انهي وچ ۾ مختلف مرحلن تي ايم ڪيو ايم ۽ سنڌن اڳواڻن اسان سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسان جو ڪين اهو ئي جواب هو تہ مهاجر قوميت جي نعري تان هٽ تہ ڪٺندا ۽ سنڌ جي مفادن لاءِ پنهنجو موقف واضح تہ ڪندا تہ اسان توهان سان ڪڏهن بہ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون ان ڪان پوءِ هائي جڏهن اسان سان رابطو ڪيو ۽ چيو تہ اسان پنهنجون غلطيون تسليم ڪيون ٿا ۽ واقعي اسان ڪان غلطيون ٿيون آهن. اسان ۽ توهان سنڌ ڌرتي جا فرزند آهيون ۽ اسان توهان سان گڏ سنڌ جي مسئلي لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون اسان ۽ توهان جو دشمن بہ ساڳيو آهي ۽ اسان توهان وٽ هلي اچڻ لاءِ تيار آهيون. جنهن لاءِ هوءِ اسان وٽ سائين جي. ايم. سيد جي گهر حيدر منزل تي ڳالهين لاءِ پهتا اسان انهن تي واضح ڪيو تہ توهان کي ماضيءَ وانگر سنڌ دشمن ڪردار ادا تہ ڪرڻ کپي هنن چئو چيو تہ اسين سنڌ ڌرتي جا فرزند آهيون ۽ هاڻي پنجاب سامراج جي خلاف گڏجي جدوجهد هلائبي تنهن ڪان پوءِ اسان جون ۽ انهن جون يعني جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده قومي مووومينٽ طرفان هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي جيڪا سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي گڏيل جدوجهد هلائيندي. ٻنهي ڌرين ۾ رابطن ۾ تيزي آڻڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪئي وئي. سنڌ جي مفادن لاءِ گڏيل جدوجهد تي پڻ اتفاق ڪيو ويو، ڪالا باغ ڊيم، آدمشماري، ناٿي واري مسئلي، ڪراچي جي مسئلي تي گڏجي لائحہ عمل تيار ڪيو ويندو ان ڪان سواءِ ٻنهي ڌرين جي نمائنده هڪ ڪاميٽي تشڪيل ڏني جيڪا ٻين قوم پرست ڌرين سان پڻ رابطو ڪندي.

سوال: تازو ٻين سياسي ڌرين جيئڻ ترقي پسند پارٽي آهي انهن جو بيان هيو تہ اهو انفرادي ناهہ ۽ سنڌي مهاجر ناهہ ناهي. توهان ڇا ٿا سمجهو؟

جواب: دراصل ڳالهہ اها آهي تہ ايم ڪيو ايم کي اسان ۽ توهان ڪجهہ

بہ سمجھوتن پر ھوءِ مھاجرن جي ھڪ نمائنده تنظيم سڏجي ٿي، ھاڻي جڏھن انھن اھو سمجھيو تہ سنڌي ماڻھن سان گڏجي پنجاب جي خلاف جدوجھد ڪجي تہ پوءِ انھن اھو سوچيو تہ جيئي سنڌ قومي محاذ ئي واحد تنظيم آھي جيڪا سنڌ جي آزادي لاءِ جدوجھد ڪري رھي آھي ۽ انھن سان رابطو ڪيو وڃي ۽ اسان وٽ آيا. ان ڪان پوءِ اسان انھن وٽ ويا سين ڳالھيون اڳتي وڌيون جدوجھد تي اتفاق ٿيو اسان ڏٺو تہ سنڌ جي ماڻھن ۽ سنڌي ماڻھن انھيءَ اتحاد کي تمام گھڻي مثبت موٽ ڏني، اسان جي عمل کي ساراھيو ۽ مھاجرن ۽ ايم ڪيو ايم بہ اھو ئي محسوس ڪيو تہ اھا وقت جي ضرورت ھئي ۽ پوءِ مختلف ٽائمن تي اسان جي پاران ۽ انھن جي پاران گڏيل پريس بريفنگ بہ آئي جيڪي توھان پڙھيون ھونديون ۽ اسان پنھي پارٽين طرفان ھڪ گڏيل ڪاميٽي تشڪيل ڏني وئي جنھن ۾ اسان پاران آءٌ، سائين جلال محمود شاھہ، زين شاھہ، عبدالواحد آريسر ڪاميٽيءَ جا ميمبر آھن ۽ متحده طرفان ڊاڪٽر فاروق ستار، شعيب بخاري، آفتاب شيخ ۽ انيس ايڊووڪيٽ ڪنيا ويا آھن ۽ سنڌي قوم جو ساٿ رھيو تہ پنجاب سامراج کي سبق سيکاري سگھجي ٿو. ھاڻي جڏھن متحده قومي موومينٽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙيندڙ نمائنده تنظيم جيئي سنڌ قومي محاذ کي سمجھي ٿي تہ ظاھر آھي تہ ھو ڪنھن بي ڊر سان في الحال تہ تہ ڳالھائي سگھن تڏھن ھيون ڊريون اتحاد کي سبوتار ڪرڻ لاءِ ئي اھو چئي رھيون آھن جڏھن تہ سنڌي ماڻھن ڪجھہ ھنڌن تي منايون پڻ ورھايون آھن. ھاڻي سنڌي قوم بہ اھو فيصلو ڏئي ٿي اھو اتحاد سنڌي ۽ مھاجر اتحاد ٿي سگھي ٿو تہ پوءِ اسان کي ڪنھن جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت بہ ڪانھي. آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو تہ جيڪڏھن متحده طرفان انھن ڌرين سان رابطو ٿئي ھا تہ پوءِ اھي اھڙو بيان نہ ڏين ھا ۽ وڏيون ڳالھيون بہ ڪن ھا پر ھاڻي سنڌي قوم انھن کي بہ سڃاڻي ٿي ۽ اسان کي بہ سڃاڻي ٿي تہ ڪير سچو آ ۽ ڪير مال ناھي سياست ڪري رھيو آھي.

سوال: ھا پر قطعي ڪلامي معاف انھن ماڻھن جو چوڻ تہ ايم ڪيو ايم جي تاريخ دھشتگرديءَ سان يري پئي آھي؟

جواب: اسان انھيءَ ڳالھہ ڪان انڪار ڪو نہ ٿا ڪيون ۽ نہ ٿي وري

ماضي کي دفن ڪري مستقل ڪان لاتعلق ٿيا آهيون پر تاريخ ٻڌائي ٿي جڏهن توهان ڪنهن کي گڏ ڪٺندو تہ ٿي سگهي ٿو اڳتي هلي جن ٿن نڪتن تي جدوجهد ڪيون پيا ان ڪان بہ ٿپي هو اڳتي هلي اسان جي ٻين نڪتن سان بہ متفق ٿين. آءٌ توهان کي ٻڌايان ٿو تہ متحده جي ليڊرن ايترو بہ چيو تہ أسان توهان سان سنڌ جي آزادي تائين بہ گڏ هلنداسين پر ڪجهہ وقتي مجبوريون پڻ آهن پر هر ڪو پلي پت ڇاڻي ٿو تہ انهن کي بہ هتي ئي رهڻو ۽ هتي ئي دفن ٿيڻو آ ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌواسي ڪراچي ڪان ڪشمور تائين پنجابين لاءِ سنڌ ڌرتي کي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ايئن ڌرتي تنگ ڪندا جيئن مهانما گانڌي هندستان جي ڌرتي انگريزن ڪان پاڪ ڪرائي ۽ هڻ جيئي سنڌ قومي محاذ کي سائين جي. ايم. سيد جو فڪري پوئلڳ سمجهيو آهي ۽ اسان اهڙي ٻڌي ڪري پنجابين کي نيڪالي ڏينداسين جو پنجابين کي يادگار تعمير ڪرڻ جي بہ مهلت نہ ملندي. ۽ جيڪڏهن ڪراچي ۾ اردو ڳالهائيندڙن تي بيواجي آپريشن ڪيو ويو تہ اسان ان جي پڻ مزاحمت ڪنداسين.

سوال: تازو سنڌ ۾ پيدا ٿيل ڪالا باغ ڊيم جي مسئلي تي بيچيني واري لهر ني توهان پنهنجو واضح موقف ٻڌايو؟

جواب: ڳالهہ اها آهي تہ اسين ڪالا باغ ڊيم جي مسئلي تي شيطان سان جدوجهد ڪرڻ، گڏ هلڻ لاءِ تيار آهيون؛ پر شرط اهو آهي تہ اها جدوجهد سچائي جي بنياد تي هجي اسين هن مسئلي تي دليل ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيون اسين سمجهون ٿا تہ ڪالا باغ ڊيم سنڌ جي لاءِ هڪ موت جي پرواني تي صحيح ڪرڻ جي برابر آهي. سنڌو نديءَ ۾ اضافي پاڻيءَ جي موجودگي مشڪوڪ آهي. پنجابي حڪمران ۽ پنجابي سامراج غلط انگ اکر ڏئي 50 سالن ڪان وڏي ملڪ کي ڪاڏو آهي. حقيقت ۾ نواز شريف ۽ ان جو ساٿاري پنجابي ٽولو پنجاب کي سائو ستابو ڏسڻ نہ ٿو گهري. هو هتي ڪجهہ سنڌين کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، انهن کي ڳالهين جي ذريعي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. اسين اهو واضح اعلان ٿا ڪيون تہ اسين ڪو بہ دليل ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيون، جيڪڏهن ڪالا باغ ڊيم ٺاهيو ويو تہ ان ڏينهن کان اسين سنڌي قوم جي مدد سان هڪ باقاعده

جنگ وڙهنداسين پوءِ چو نہ اها هٿين خالي هجي پر اسان کي پڪو ۽ پختو يقين آهي تہ سنڌي قوم اسان تي رڳو شفقت جو هٿ رکي جيئي سنڌ جو هڪ هڪ ڪارڪن ماضي وانگر پنهنجي پنهنجي قرباني ڏيندو اسان ان ڏينهن کان پنجاب جي سرحد بند ڪنداسين ڪو بہ پنجابي سنڌ ۾ سک جو ساهہ نہ کڻي سگهندو تنهنڪري اسان جو واضح موقف آهي تہ سنڌ جي سڪائڻ لاءِ سازش جو منهن توڙ جواب ڏنو ويندو. اسان ان سلسلي ۾ اسيمبلين جي اڳيان مظاهرا ڪيا آهن حيدرآباد ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ طرفان ڌرڻو هنيو ويو جنهن کي زبردست پذيرائي ملي. ان کان پوءِ سڪرنڊ، نوشهرو فيروز، لاڙڪاڻو، سنڌ جي هر شهر ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ طرفان الڳ الڳ بک هڙتالي ڪيمپون هنيون آهن ۽ اسان جي جدوجهد جو پيو مرحلو هڪ فيصلہ ڪُن مرحلو هوندو جنهن ۾ جيئي سنڌ جا ڪارڪن سرن سان ڪفن ٻڌي نڪرندا پوءِ ڏسنداسين سنڌ ۾ ويٺل سياسي ڌريون اسان سان ڪيترو تعاون ڪن ٿيون. بهرحال اسان سنڌ ۾ جلد ئي عملي مظاهرو ڪنداسين.

سوال: ڪالا باغ ڊيم لاءِ مختلف فرنٽ ٺهيا آهن هر ڌر الڳ جدوجهد ڪري پئي. جيئن اينٽي ڪالا باغ ڪاميٽي آهي يا اينٽي ڪالا باغ ڊيم فرنٽ آهي جڏهن تہ توهان الڳ پليٽ فارم تان جدوجهد ڪيو پيا ڇا سبب آهن؟

جواب: ڪالا باغ ڊيم هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو سنڌي قوم جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. مون هن کان اڳ واري توهان جي سوال جي جواب ۾ عرض ڪيو تہ اسين ڪالا باغ ڊيم جهڙي نازڪ مسئلي تي نہ دليل ڏينداسين ۽ نہ ئي وري دليل وٺنداسين نہ ئي وري ڪو مذاڪرو ڪنداسين هينئر جيڪي ڪالا باغ ڊيم جي خلاف اتحاد ٺهن پيا اسين چئون ٿا تہ اهي ڪاغذي اتحاد تہ هجن پر عملي اتحاد هجن ماضيءَ ۾ اسان اتحادن جا تجربا ڪيا آهن جن اسان کي وڏ ۾ وڏ مايوس ڪيو ۽ ٿيندو اهو آهي تہ جڏهن اسان جو ورڪر يا ڪارڪن قرباني ڏيندو آهي تہ پوءِ اهي اتحادي ليڊر اڌ ۾ ڇڏي وڃي گهر ويهندا آهن اتحاد ۾ سيني ڌرين جو هڪ جهڙو موقف نہ هوندو آهي، هڪڙا چوندا آهن تہ ڳالهيون ڪيون، ٻيا چوندا آهن دليل ڏيون ۽ وٺون ۽ وري ڪي چوندا آهن ڊيم هيئن نہ هوڻ ٺهڻ کپي يا وري ڊيم

جي ڊزائين تبديل ڪئي وڃي. پوءِ ٿيندو اهو آهي ته هڪڙا خريد ٿي ويندا آهن ته ٻيا وري چپ ڪري ويهي رهندا آهن ڪي وري جدوجهد ۾ اڪيلا ٿيندا آهن هاڻي اتحادي چون ٿا ڳالهيون ڪيون اڙي بابا ڪنهن سان ڳالهيون ڪيون پنجابين سان پنجاب سامراج سان جيڪي سنڌي قوم کي ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن يا وري مذاڪرات جي ناليءِ ۾ مراعات وٺون پوءِ نرمي اختيار ڪيون تنهن ڪري پاڻ چئون ٿا ته اتحاد جي ناليءِ ۾ ڪنهن به قسم جي مصلحت پسندي جو شڪار ڪو نه ٿينداسين يا وري ڪنهن مغالطي جو شڪار ٿيون تنهن ڪري پاڻ Diplomacy واري سياست ڪيون ٿي ڪو نه اسين سائين جي. ايم. سيد جا سچا سپاهي آهيون اسان ته هن ملڪ جي ڀانڇي کي ئي رد ٿا ڪيون ته پوءِ ڪهڙو دليل ڏيون ۽ وٺون باقي مختلف ڌرين جي جدوجهد جو اگر هڪڙو پنهنجو طور طريقو آهي ته اهي پاڻ ڄاڻن ته سڀاڻي سنڌي قوم جي عدالت ۾ به ويٺو آهي جيڪا سچي سپاهي جي پرک پاڻ ڪندي، باقي پنهنجو موقف واضح ۽ چٽو آهي ته پنجاب سامراج سان مهاڏو اتڪائي آزادي وٺون.

سوال: تازو ڪجهه وقت اڳ جناح اسپتال ۾ اوهان تي حملو ٿيو هو اهو ٻڌائيندا ته هن حملي جي پويان ڪهڙا هٿ هئا؟ يا اتفاق هئو؟

جواب: جيئن ته آءٌ جناح اسپتال ۾ پنهنجي والد صاحب جي عيادت جي سلسلي ۾ ويندو هئس ڇو جو منهنجو والد بيماري سبب داخل هيو. ايجنسين ۽ پنجابي پالتو ڪتن جي اسان تي ڪڙي نظر هوندي هئي ۽ هڪ ڏينهن وجهه وٺي انهن اسان تي هڪ بزدلاڻو حملو ڪيو، حملي جي وقت اتي تي ڳاڏيون رينجرز جون ۽ به ڳاڏيون فوجين جون پڻ بيٺل هيون اسان هٿين خالي صرف به ڄڻا هئاسين. اسان پنهنجي خيالن ۾ ويٺا هئاسين ته هو ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا اسان کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. رينجرز قانوني ادارا تماشو ڏسندا رهيا پنهنجي پر ۾ هو اسان کي اڌت ماري ڇڪا هئا ۽ حملي ڪان پوءِ رينجرز جي اڳواڻيءِ ۾ ڀڄي ويا. اسان کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ ڪجهه ٽائيم ڪان پوءِ مون سان گڏ منهنجو ساٿي قيوم منگي زخمن جا تاب نه سهي شهيد ٿي ويو. اسان ان پنجابين جي بزدلاڻي حملي آورن کي اهو ٻڌايون ٿا ته حملو مهانگو پوندو اسان پنهنجي شهيد

ساٿي جو خون ڪڏهن بہ رائگان ٿيڻ نہ ڏينداسين ان حملي کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ سنڌي عوام تمام گهڻو Reaction ردعمل ڏيکاريو ۽ سنڌي ماڻهن ۾ تمام گهڻو تاءُ هيو. اسان ڪارڪنن کي صبر جي تلقين ڪئي ۽ مشتعل ٿيڻ نہ ڏنو. باقي اسان ان حملي جو پلاند ضرور ڪنداسين جيڪا سنڌ جي آزاديءَ جي روپ ۾ پنجاب سامراج جي منهن تي هڪ چماٽ هوندي. اسان اهڙن حملن کان ڪڏهن بہ خائف نہ ٿيا آهيون ۽ نہ ٿينداسين باقي زندگي ۽ موت الله جي هٿ ۾ آهي.

سوال: پڌري ۾ آيو تہ توهان تي اهو حملو عليم عادل شيخ جي اشاري تي ٿيو؟

جواب: اسان ڪنهن جو بہ شخصي نالو نہ ٿا ڪڍون باقي اينترو ضرور آهي تہ انهن غنڊن کي پنجابين جي ايجنسين ۽ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو اشارو ضرور هيو ڇو جو ڪجهہ ٽائيم کان وٽي مون کي قتل ڪرڻ ۽ حملي ڪرڻ جون سازشون رٿيون ويون آهن. ان ڪري اسان سائين جي. ايم. سيد جا سچا سپاهي پنجابين جي اک ۾ ڪنڊو آهيون. هن کان اڳ ۾ پير مظهرالحق جي اغوا جي ڪيس ۾ بہ مون کي زوري ملوث ڏيکاري مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي تہ هن ماڻهوءَ کي ختم ڪيو پر جيئي سنڌ جي قومي ڪارڪنن ان سازش کي بہ ناڪام بڻايو. باقي سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ 'پلاند پراڻا نہ ٿيندا آهن'. سو جيئي سنڌ جي ڪارڪن هميشہ دشمن کي منهن توڙ جواب ڏنو آهي ۽ ڏيندو. ۽ اسان جو ڪيس بہ سنڌي قوم جي عدالت ۾ آهي جيڪا پاڻ ئي فريادي آهي ۽ پاڻ ئي جج آهي ۽ پاڻ ئي انصاف ڪندي.

سوال: توهان هڪ قومي تنظيم جا چيئرمين بہ آهيو ۽ گڏوگڏ توهان جي پنهنجي هڪ قومي حيثيت بہ آهي پوءِ هميشہ توهان پنهنجي دفاع ۾ نہ باڊي گارڊ رکندا آهيو ۽ نہ ئي وري پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪو بيو ذريعو استعمال ڪندا آهيو؟

جواب: منهنجو اهو ايمان آهي تہ زندگي موت الله جي هٿ ۾ آهي. اسين جيئي سنڌ جا ڪارڪن آهيون جيڪڏهن پنجابي سامراجين مون کي ماريو يا قتل ڪيو تہ مون کي اها پڪ آهي ۽ اهو منهنجو ايمان آهي تہ سنڌي

قوم ان جو بدلو ضرور وٺندي. هي تہ هڪڙو بشير آهي هتي هزارين بشير پيدا ٿيندا ۽ هر سنڌي بشير قريشي آهي ۽ اسان جو بہ اهو يقين آهي تہ سر ڏبو تہ سنڌ تان ڏبو ان موقعي تي بشير خان قريشي شاهہ سائين جو هي بيت جهونگاريو تہ:

هي سر هڪڙو آچيندي پنهل کي لڄ مران،
هجن سر گهڻا تہ واري واري ڏيان.

سوال: ڇا سبب آهي جو جيئي سنڌ ۾ اڳتي هلي ليڊر پارٽي ڇڏي وڃن يا چپ ڪري ويهي رهن؟

جواب: جيئي سنڌ هڪ انقلابي پارٽي آهي ۽ نہ وري ڪا اليڪشني پارٽي آهي، سائين جي. ايم. سيد کي ڪارڪن شڪايت ڪندا هئا تہ سائين فلاڻو ماڻهو پارٽي سان سچو ناهي پارٽي کي نقصان ٿو پهچائي ان تي ايڪشن کڻي پارٽي مان ڪڍي ڇڏيوس. سائين چوندو هو تہ 'بابا هن پارٽيءَ مان اسان ڪنهن کي بہ نہ ڪيندا سين پر اهي ماڻهو اڳتي هلي پاڻ ئي ڇجي ويندا.' سو ادا هي ڏکيو سفر آهي ڪندڻ جي سيج آهي، تڪليفون آهن ايذاءَ آهن، پوءِ گهڻا ڇڏيو هليا وڃن پر جيئي سنڌ اڄ بہ قائم ۽ دائم آهي هر ڪنهن جو پنهنجو عمل آهي دنيا جي انقلابي پارٽين ۾ ٿيندو ئي ائين آهي جو سؤ سؤ سال تحريڪون بہ هلنديون آهن ۽ نيٺ آزادي جي منزل ماڻينديون آهن. هي اڙانگو سفر آهي سسئي جڏهن پنهل کي ڳولهڻ پئي وئي تہ ان بہ ائين چيو هو تہ سنڀالي هلجو ۽ شاهہ سائين چيو آهي:

سڌائتي سڀ ڪا بک نہ باسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي جنبش ناهي جا،
مون سين هلي سان جي جيءَ مئو نہ ڪري.

منهنجي خيالن ۾ توهان جي انهيءَ سڄي سوال جو جواب انهي شاهہ سائين جي شعر ۾ ملي ويو هوندو.

سوال: جيئي سنڌ قومي محاذ هڪ انقلابي پارٽي سڏجي ٿي ڪنهن ٽائيم جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ان جو هڪ مضبوط فرنٽ هوندو هو ڇا سبب آهي جساف هن وقت پنهنجي پراڻي معيار ناهي ماڻي سگهي؟

جواب: جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن اصل ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ

جو هڪ ذيلي فرنٽ آهي جيڪو پنهنجي طور تي شاگرد ونگ ۾ هڪ سرگرم ادارو آهي پر پارٽي جيڪا آهي سا جيئي سنڌ قومي محاذ آهي ان هوندي بہ تنظيمن ۾ لاها چاڙها ايندا آهن هيئنئر جساف تعليمي ادارن ۾ پنهنجون سرگرميون تيزي سان نباهي رهي آهي. جساف تعليمي ادارن ۾ پنهنجو ڪردار صحيح معنيٰ ۾ ادا ڪري رهي آهي ۽ ڪندي پر هميشہ ايجنسين طرفان ۽ بيورو ڪريٽن طرفان اسان جي شاگردن تي نفسياتي دباءُ وجهي ڪڏهن رينجرز جي پهري ۾ تہ ڪڏهن وري پوليس جي پهري ۾، بندوق جي سايي ۾ تعليم پرائڻ جي لاءِ دباءُ وڌو آهي ۽ ان کي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ پوءِ اسان جو سنڌي شاگرد ويچارو مجبور تي قومي ۽ سياسي سرگرميءَ کان پاسيرو ٿيو وڃي نتيجي ۾ اڄڪلهہ هلي سنڌي شاگرد تعليم بہ صحيح نہ ٿو وٺي سگهي. جساف تعليمي ادارن ۾ ادبي سرگرميون بہ جاري رکندي آهي، ماضي شاهد آهي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن ۾ تعليمي ادارن ۾ اهو انجنيئرنگ هجي يا ميڊيڪل هجي زرعي شعبو هجي يا بزنس جو شعبو هجي هميشہ مختلف وقتن تي مٿين شعبن ۾ پوزيشنون پڻ حاصل ڪيون آهن. تنهنڪري اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي جساف پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪري پئي اها رڳو دشمن جي پروپئگنڊه آهي.

سوال: ڪجهہ ڏينهن جساف کي تعليمي ادارن جي ماحول خراب ڪرڻ جو ذميوار چون ٿيون، تازو رسول بخش پليجي جو بہ اهڙي قسم جو بيان ڇپيو آهي تہ جساف جا ڪارڪن غنڊه گردي ڪن ٿا؟

جواب: پليجي جو ڪم آهي ننگي ڪرڻ ۽ هو هڪ سياسي ٺڳ آهي جنهن کي دنيا سڃاڻي ٿي تہ ڪيئن نہ پنهنجي چالاڪي سان ماڻهن کي بيوقوف ڪندو آهي ۽ ڪيئن پاڻ کي سرخرو ڪري سنڌ جي مسئلن لاءِ جدوجهد جو رکوالو سڏائيندو آهي. حقيقت ۾ ايس ايس ٽي جي غنڊن هاڻي بہ تازو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسان جي تنظيمي شاگردن تي رات جو حملو ڪيو اسان جا ڪارڪن زخمي ڪيا ويا ۽ اٽلندو گرفتار عام سنڌي شاگرد ۽ جيئي سنڌ جا ڪارڪن ٿيا جيڪا خبر تعليمي ادارن جي سربراهن کي پڻ آهي. اسان تعليمي ادارن جي وائيس چانسلرن کي بہ چيو هو تہ جيئي سنڌ

جا ڪارڪن توهان سان هر حال ۾ پڌل آهن ۽ تعاون ڪندا. توهان تعليمي سرگرميون جاري رکو ۽ پنهنجا ادارا کوليو پر هميشه ماضي وانگر جيئي سنڌ جي شاگردن کي ريسٽيڪيٽ، جيل ۽ ٻيون سختيون ڏئي تعليم کان پاسيرو رکيو ويو آهي. آءٌ هن انٽرويو جي ذريعي تعليمي ادارن جي سربراهن کي اتساهه ٿو ڪيان تہ اسان تعليمي ادارا ڇڏيا تہ معنيٰ جيئي سنڌ جي قوت ناهي ۽ جيئي سنڌ ختم ٿي ويندي اهو غلط آهي جساف اڄ بہ آهي سياڻ بہ رهندي توهان ايجنسين ۽ پنجاب سامراج جي اشاري تي اسان جي ڪارڪن کان تعليم جو حق نہ کسيو گڏوگڏ جيئي سنڌ جي ڪارڪن ۽ شاگردن کي پڻ هدايت ٿي ڪجي تہ قومي فرض نڀائڻ سان گڏوگڏ تعليمي ۽ نصابي سرگرميون جاري رکو ۽ پنهنجي تعليم تي ڌيان ڏيو جيئن هن مقابلي جي دؤر ۾ سنڌي شاگرد اڳي کان اڳرو رهي. باقي رسول بخش پليجي پنهنجي سياسي چالبازين جي ڪري هميشه ادارن ۾ جهيڙا ڪرايا آهن ۽ پاڻ سيائي وڪيل وانگر الزام بہ هڻندو آهي ڪين پڌائجي ٿو تہ هي وقت ناهي جو هڪٻئي تي تنقيد ڪيون. اچو تہ گڏجي جدوجهد ڪيون.

سوال: توهان ٻڌايو تہ اسان جي سنڌ جي آزادي جي جدوجهد ڏاڍي ڏکي جدوجهد آهي تہ پوءِ ڪڏهن ٻين ماضي جي اڳواڻن وانگر مايوس ٿيا آهيو يا پنهنجي سياسي سفر ۾ ٿڪا آهيو؟

جواب: ڪڏهن بہ نہ. اسان جو آزاديءَ ۾ ايمان ايترو تہ پختو آهي جيترو سياڻ جي سچ اپرڻ ۾ هوندو آهي ۽ جيترو بہ اسان تي تشدد ڪيو ويو آهي اوترو اسان جو ايمان پڪو ٿيو آهي. جيترا جيل ڏنا اٿئون ائين سمجهون ٿا تہ اڄ جيل ۾ پهريون ڏينهن آهي يا وري جيتريون تڪليفون ۽ سختيون اينديون آهن هر ڏينهن نئون ڏينهن سمجهي جدوجهد شروع ڪندا آهيون. پاڻ تہ يار سنڌ جا عاشق آهيون ۽ سيد جا سپاهي آهيون. ڪنڌ ڪيرائڻ تہ سکيا ئي ناهيون ۽ نکو غداري ڪرڻ ايندي آهي "الائي آ توڙ نڀائي" وارو محاورو ٻڌو هوندو.

سوال: سائين جلال محمود شاهه سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي سيڪريٽري آهي ۽ جڏهن تہ توهان سان سائين جلال شاهه متحده. جيئي سنڌ جي اتحاد ۾ کهڙن بنيادن تي شامل هيو، ڇا جلال شاهه جيئي سنڌ قومي محاذ جو

ميمبر آهي ۽ سائين جي. ايم. سيد جو سياسي جانشين ڪير آهي؟

جواب: توهان هڪڙي سوال ۾ ٻه ٽي سوال ڪري ويا آهيو سوالن کي الڳ الڳ ڪري پڇو ته اسان کي به پريشاني نه ٿئي، آءٌ ڪو سياسي مدبر، اديب يا لکاري ته ناهيان جو هڪڙي هنڌ سڀ جواب ڏيان پاڻ قومي ڪارڪن آهيون. خير پڇو ٿا ته ٻڌايون ٿا. سائين منهنجا وضاحت ڪندو هلان ته سائين جلال محمود شاهه جيئي سنڌ قومي محاذ جو ميمبر نه آهي نه ئي ورري رهيو آهي. باقي سائين جي. ايم. سيد جي خاندان جي ۽ گهرائي جي ملڪي سياست ۾ ۽ سنڌ جي قومي سياست ۾ هڪ وڏو ڪردار رهيو آهي. اسان سائين جي. ايم. سيد کي هڪ قومي رهبر سمجهون ٿا جهڙي طريقي سان الله سائين ۽ اسان جو نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم به هڪ آهي اهڙي طريقي سان اسان جو قومي رهبر به هڪ ئي سائين جي.ايم. سيد آهي. تنهنڪري سيد جي خاندان جي اسين تمام گهڻي عزت ڪندا آهيون ۽ هو به اسان کي سائين جي. ايم. سيد جو سپاهي سمجهي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن. هاڻي جڏهن سائين جلال محمود شاهه صوبائي اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر آهي ته متحده جي اڳوڻن سائين جلال محمود شاهه جي معرفت اسان سان رابطو ڪيو ڇو جو اسيمبلي ۾ سائين جون ملاقاتون ٿينديون رهن ٿيون تنهنڪري سائين جلال شاهه ٽياڪڙي ۽ ثالثي جو ڪردار ادا ڪيو آهي ان ڪري سائين جلال محمود شاهه کي اسان رابطي جي ڪاميٽي ۾ عرض ڪري آندو آهي، باقي ميمبر نه آهن ڇو جو متحده جي اڳوائن سائين جلال محمود شاهه سان سائين جي. ايم. سيد جي خاندان جو فرد هجڻ ڪري ۽ اسيمبلي ميمبر هجڻ ڪري سنا لڳ لاڳاپا آهن. منهنجي خيال ۾ انهيءَ سوال جو جواب توهان کي ملي ويو. باقي جيستائين سائين جي. ايم. سيد جي سياسي جانشين جو سوال آهي ته سائين جي. ايم. سيد جي حياتي هوندي ڪارڪن سائين کي چوندا هئا ته سائين پنهنجو سياسي جانشين مقرر ڪري ڇڏيو جيئن پوءِ پريشاني نه ٿئي. سائين جواب ڏيندو هو ته 'بابا اسان فيوڊل نظام جا حامي ناهيون ۽ نه ئي ورري آءٌ پنهنجي خاندان مان توهان تي سياسي جانشين مڙهي ويندس آءٌ ڪڏهن به ڪنهن تيزور زبردستي ناهيان ڪندو ۽ نه ئي ڪندس توهان مان جيڪو ڪارڪن اهل هوندو محنتي هوندو اڳي

ڪان الڳ هوندو اهو ئي منهنجوسياسي جانشين ٿيندو.' انهيءَ ڪري اڄ بہ امداد محمد شاهہ جي سياست الڳ آهي ۽ منهنجي الڳ آهي سائين جي. ايم. سيد جي انهيءَ وضاحت ڪان پوءِ سائين جا پٽ يا اولد اسان تي ڪڏهن بہ فيصلا ناهن مڙهيندا. رهي ڳالهہ سن شهر جي اسان قومي ڪارڪن اڄ بہ سن کي پنهنجو سياسي قومي قبلو سمجهون ٿا ۽ رهندو. باقي سائين امير حيدر شاهہ ۽ سائين زين العابدين شاهہ جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ جيئمست ڪائونسل جيڪا اسان جي مرڪزي ڪائونسل آهن ان جا ميمبر آهن ۽ هو ميمبر جي حيثيت ۾ ويهندا آهن. اڄ بہ سائين جي. ايم. سيد جو خاندان اسان جي مٿان ڊڪٽيٽرشپ ناهي مڙهيندو ۽ هو مرڪزي ڪائونسل جي فيصلي جا پابند هوندا آهن باقي سائين اماد محمد شاهہ سنڌ ۾ هڪ بزرگ سياستدان جي حيثيت رکن ٿا. قومي مسئلي تي پڻ سائين امداد محمد شاهہ جو هڪ واضح ۽ صاف ڪردار ۽ جدوجهد رهي آهي ۽ اهو ئي سائين امداد محمد شاهہ آهي جنهن ٿوڙهي ٿاڻڪ جي اسيرن لاءِ پيرين اگهاڙي قومي اسيمبليءَ جي بلڊنگ اڳيان ڌرڻو هنيو هو ۽ نہ ڪو وري سائين جي. ايم. سيد جو اولاد پاڻ کي سائين جو سياسي جانشين سمجهندا آهن.

سوال: پلا اهو ٻڌائيندا تہ توهان سائين جي. ايم. سيد جي زنده هوندي هڪ الڳ گروپ جيئي سنڌ تحريڪ جا اڳواڻ هوندا هئا ۽ جيئي سنڌ محاذ الڳ گروپ هيو ۽ ان ڪان پوءِ توهان جو انضمام ٿيو ۽ هن وقت بہ هڪ ٽيون گروپ خالق جوڻيجو وارا آهن ۽ قمر ڀٽي وارن جو الڳ گروپ آهي. انهن سان توهان جو انضمام ڇو نہ ٿو ٿئي؟

جواب: ادا ڳالهہ اها آهي تہ سائينءَ جي هوندي بہ اسان جي اها ڪوشش هوندي هئي تہ اسان سڀني کي گڏجي ڪٺون سائين جي. ايم. سيد ڪان پوءِ سائين امداد محمد شاهہ وارن ڪوششون ڪري جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌتحريڪ جو فرنٽ ختم ڪري انضمام ڪرائي اسان کي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ۽ اسان سڀ انا جو مسئلو ختم ڪري گڏياسين هاڻي خالق جوڻيجي وارن اختلاف رکيا شرط شروط رکيا سائين امداد شاهہ وارن جي پاليسي سان اختلاف رکيو جن ڌرين انا جو مسئلو ڇڏيو اهي ٿي ويا سڀ باقي رهجي ويا هينئر بہ چئون ٿا تہ اچو تہ هڪڙي پليٽ فارم تي

جدوجهد ڪيون جيستائين قمر ڀٽي جو سوال آهي تہ قمر ڀٽي جو ڪردار هميشہ مشڪوڪ رهيو آهي ۽ اڃا تائين ڪارڪن هن کي ايجنسين جو ماڻهو سڏيندا آهن ان کي بہ اسان گڏ ڪڻ لاءِ تيار ٿي ناهيون هوندا بہ رستو سيني لاءِ کليل آهي جيڪو جدوجهد ڪندو اهو اڳتي هوندو.

سوال: گل محمد جکراڻي جيئي سنڌ ڇو ڇڏي ويو؟

جواب: اهو سوال توهان گل محمد کان ئي پڇو تہ سٺي ڳالهہ آهي باقي ڪنهن جي پارٽي ڇڏڻ سان ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿو پوي قافلو روان دوان رهندو.

سوال: سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪو پيغام؟

جواب: سنڌ ڌرتي جي سنڌي سڀاجهڙن لاءِ اهو ئي پيغام آهي تہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪيو، دشمن سڃاڻو، ڪلهہ جن جي سائين جي. ايم. سيد نشاندهي ڪئي هئي، اڄو تہ انهن چورن جو پيرو کڻون، دشمن جا گهٽ گهيڙ جهليون ۽ سنڌ ڌرتي آزاد ڪرائي تاريخي قدم کڻي ڌرتي ماءُ جو قرض لاهيون.

(ماهوار 'سنڌ رويو' ڪراچي جولاءِ- آگسٽ 1998ع تان ورتل)

بشير خان قريشي ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟

سوال: اسٽيل مل جي ملازمن جي بحاليءَ لاءِ اوهان مظاهرو بہ ڪيو لئيون ڪاڍيون ۽ هڙتالون ڪرايون ان ڪان پوءِ بہ ڪيترن ادارن مان سنڌين کي برطرف ڪيو ويو آهي اوهان انهن لاءِ ايترو تحرڪ ناهي ورتو؟

جواب: اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي اسان هر وقت سرڪاري ادارن مان سنڌين جي نيڪالي خلاف احتجاج ڪيو آهي. ہ سال اڳ سئي گئس وارن لاءِ بہ اسان آواز بلند ڪيو هو. ڪانٽريڪٽي ڊاڪٽرن جي بہ حمايت ڪئي هئي سون ۽ هينئر اسٽيل مل وارن لاءِ لئين، گولين ۽ ڳوڙها گئس جي شيلن ۾ سندن بحاليءَ لاءِ روڊن تي نڪتاسين ۽ هن وقت بہ لتل اي ايس آئيز ڪان ولي بئنڪن مان لهندڙ سنڌي ملازمن کي بہ اسان جي سپورٽ آهي ۽ وڏيڪ حڪمت عملي جوڙيون پيا.

سوال: ماڻهن جو خيال آهي تہ جسقم بہ پ پ وغيره وانگر صرف اشوز تي سياست ڪري ٿي ۽ جسقم وٽ ڳالهہ تہ آزاديءَ جي آهي مگر ان جي حاصلات لاءِ وٽن ڪا حڪمت عملي ناهي؟

جواب: جيتري قدر سوز تي سياست ڪرڻ جو سوال آهي تہ ان لاءِ عرض آهي تہ هڪ طرف وزگاري سبب سنڌي نوجوان خودڪشيون ڪري رهيا آهن ٻئي طرف ڊرن مان سنڌين کي ڪڍي اتي فوجي ڀرتي ڪيا ٿا وڃن تہ اهڙي صورتحال ۾ اڪيون ٻوٽي ويهي تہ نٿو سگهجي. ٻيو سنڌي ماڻهن ۾ ايترو شعور ناهي جنهن ڪري اشوز ڪٽون ٿا جيئن سنڌي ماڻهن ۾ پنهنجن حقن جي سڃاڻ ٿئي ۽ منجهن قومي شعور بيدار ٿئي.

سوال: تازو جيئمسٽ ڪائونسل جي ميمبر عبدالواحد آريسر اهو بيان ڏنو هو تہ بشير قريشي ۽ زين شاهہ جسقم جا آرگنائيزر آهن ۽ اهو فيصلو اسان تنظيم کي بچائڻ لاءِ ڪيو آهي سنڌس انٽرويو مان ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ اوهان سڀني تي ڪو دٻاءُ هو تبديلي آڻڻ لاءِ ۽ ان دٻاءَ جي نتيجي اوهان

تبديلي آندي آهي اهڙو ڪهڙو دباءُ هو؟

جواب: اسان تي ڪو دباءُ ڪو نہ هو اسان پنهي سيد زين شاهہ ۽ مون کي پارٽي جو گڏيل آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو آهي. ڪن دوستن جي اها راءِ هئي تہ تنظيم کي نئين سر آرگنائيز ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو وڃي ۽ اسان اهو قدم کنيو ۽ اسان پنهي کي جيئمسنت ڪائونسل خود سمورا اختيار ڏئي ڇڏيا آهن. باقي ڪو بہ اختلاف ڪونهي. اخبار وارا بہ هروپرو ننڍين ننڍين ڳالهين کي وڏو ڪري پيش ٿا ڪن.

سوال: هن وقت جسقم جو آئين معطل آهي اڳتي لاءِ اوهان وٽ لائحہ عمل ڪهڙو آهي؟

جواب: ڪير ٿو چئي آئين معطل آهي. آئين وغيره معطل ڪونهي ادارا اهي ئي آهن، آئين ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهي آهي جيڪا نيشنل ڪائونسل کي سفارشون ڪندي.

سوال: متحده ۽ جسقم رڳو اشوز تي ئي گڏ هلندا يا ويجهڙ ۾ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ جسقم ۾ ڪا گنجائش رکبي؟

جواب: اردو ڳالهائيندڙن کي اسين سنڌ جو حصو سمجهون ٿا ان ڪري انهن کي بہ سنڌ جي هر مسئلي تي گڏ ڪئي هلڻ لاءِ تيار آهيون. باقي في الحال هنن کي جسقم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪو نہ سوچيو اٿئون. باقي جيڪا حقيقت هجي اها بيان ڪجي نہ هو اسان کي هن ڌرتيءَ تان نيڪالي ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ ئي اسان اردو ڳالهائيندڙن کي ڪڍي سگهون ٿا. هن ڀيري بہ احتجاج ۽ هڙتال جو سڏ اسان ڏنو هو اُن ۾ هنن اسان جيٰ حمايت ڪئي هئي اها تہ سُني ڳالهہ آهي، ۽ ضرور جيڪڏهن ائين بقا باهمي رهي تہ آهستي آهستي هڪ سنڌي قوم جي گڏيل صورت بہ اختيار ٿي ويندي.

سوال: بل ڪلنٽن جي آمد تي جيئن ڪشميرين پنهنجي آزاديءَ جي حق ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو اوهان جي پارٽي بہ آزادي پسند آهي اوهان بل ڪلنٽن جي آمد تي ڪنهن بہ قسم جو احتجاج نہ ڪري سگهيا ڇو؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد حال حيات هو تہ بہ اسان احتجاج ڪياسين ۽ هاڻي بہ فوجي حڪومت آهي سڀ ڌُريون خاموش آهن پوءِ بہ اسان احتجاج ڪيا آهن ۽ بل ڪلنٽن کي بہ اخبارن ذريعي سنڌ جي آزاديءَ جي حمايت لاءِ چيو آهي.

(هيءُ انٽرويو "سورٺ ميگزين لاڙڪاڻو" اپريل- مئي 2000ع تان ورتو ويو آهي.)

رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي نظريي ۽ فڪر کي سنڌي ماڻهن تائين پهچائڻو آهي

سوال: اسين توهان کان پهريون سوال ڪنداسين، ته توهين جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پنهنجيءَ پارٽي، سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام ۽ قومي تحريڪ بابت ڪهڙيون سوچون، خيال ۽ تجويزون ڪٺي آيا آهيو؛ تن بابت پنهنجو اظهار خيال ڪندا ته مهرباني؟

جواب: جيل هڪ اهڙي جڳهه آهي، جتي ماڻهوءَ کي غور ۽ فڪر ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. اسان جون زندگيون سنڌي قوم ۽ قومي تحريڪ لاءِ وقف ٿيل آهن؛ اسان سيد جي نظريي جي پروڪار آهيون؛ ۽ سيد جو نظريو سنڌ جي آزاديءَ جو نظريو آهي. اسان اندر هئاسين ته ڪيترين ڳالهين جي ڪوتِ محسوس ڪندا هئاسين ۽ پوءِ جڏهن ٻاهر آيا آهيون ته اسان کي اميد هئي ته اسان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين، پر پوءِ ٿيو هيئن ته آئون جيئن ئي پنهنجي ڳوٺ پهتس ته منهنجي والد صاحب جي حالت نهايت نازڪ صورتحال واري هئي؛ مون ٻئي ڏينهن ئي ان کي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. تنهن کان پوءِ منهنجيءَ والده جي طبيعت خراب ٿي پئي؛ جيڪا هفتو کن اسپتال ۾ هئي پر پوءِ اها هن دنيا مان لاڏائو ڪري وئي؛ تنهنڪري ائين گهرو مسئلن ۾ مصروف رهيس. ٻئي طرف مون وٽ پنهنجي پارٽي جي جدوجهد کي تيز ۽ سرگرم ڪرڻ لاءِ تجويزون آهن؛ رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي نظريي ۽ فڪر کي سنڌي ماڻهن تائين پهچائڻو آهي. سيد جي پيغام کي سنڌ جي ڳوٺن، واهڻ ۽ وستين تائين پهچائي، ماڻهن ۾ قومي غيرت ۽ قومي آزاديءَ جو جذبو پيدا ڪري، کين سنڌ جي آزاديءَ لاءِ تيار ڪرڻو آهي.

جيتوڻيڪ هن وقت اسان جي پارٽيءَ ۾ وسيلن جي ڪافي ڪوت آهي؛

چو تہ اسان جي پارٽيءَ ۾ هيٺئين وچولي طبقي جي گهڻائي آهي؛ تنهنڪري تمام غريب پارٽي آهي. اسان کي مالي طور وڏيون پريشانيون آهن؛ اسان جا ڪافي تعداد ۾ ڪارڪن اڃان جيلن ۾ بند آهن؛ جن لاءِ جائز ۽ قانوني مدد جو پورائو ٿي نٿو سگهي. ان ڪري نڪرڻ کان پوءِ اسان اهو سوچيو هيوسين تہ پارٽيءَ جي فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ مهم هلائينداسين. پر هاڻي جيئن تہ اليڪشن وارو ماحول ٿي پيو آهي؛ ان ڪري چونڊن کان پوءِ اسان پنهنجي پارٽيءَ جي لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ جي مهم جاري ڪنداسين. جنهن لاءِ محنت ۽ مزدوري بہ ڪنداسين ۽ جائز وسيلا گڏ ڪري، پارٽي کي مضبوط ۽ منظم ڪنداسين. نظرياتي سياسي تبليغ ڪرڻ لاءِ ڳوٺن ۽ شهرن جا دورا ڪنداسين. اسان سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جا پيروڪار آهيون ۽ رهبر جي مشن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قرباني ڏيڻ کان نہ ڪيٻائينداسين؛ اسان انشاءالله، رات ڏينهن جدوجهد ڪري، پنهنجي مقصد تي پهچي، سيد جي خواب کي سچو ڪري ڏيکارينداسين.

سوال: سائين جي. ايم. سيد جي رحلت وقت توهان جيل ۾ هئا؛ جڏهن توهان اهڙي افسوسناڪ خبر ٻڌي هوندي تہ ان وقت توهان جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد اسان جو سياسي ۽ نظرياتي رهبر آهي ۽ اسان ان جا پيروڪار آهيون؛ اسان جو رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد سان عشق جو ڳانڍاپو آهي؛ ظاهر آهي تہ جڏهن عاشق کان سندس محبوب اهڙي طريقي سان جدا ٿي ويندو آهي؛ تڏهن ان جي ڪيفيت جي خبر انهن کي ئي هوندي، جيڪي اهڙي ڪنهن مرحلي مان گذريا هوندا.

جنهن وقت سائين جي. ايم. سيد جناح اسپتال ۾ داخل هو؛ تہ آئون ان وقت سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ هوس. هڪ دفعي مون کي ڪراچي جيل تہ ڪٺي ويا هئا؛ اتي مون کي گل محمد جکراڻي ۽ سهيل ميمڻ کان سائين جي نازڪ حالت جيخبر پئي، تہ آئون ڏاڍو پريشان ٿي ويو هوس. مون دوستن کي چيو تہ جيڪڏهن پاڻ کي سائين جي. ايم. سيد جي علاج واسطي پنهنجون زندگيون ڏيڻيون پون، تڏهن بہ ڪنهن قرباني ڏيڻ کان نہ ڪيٻائينداسين. ۽ سائين جي ٻاهرين ملڪ ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ ڪوشش

ڪجي، ۽ پارٽيءَ جي سرگرمين کي تيز ڪجي؛ جنهن لاءِ احتجاج کان وٺي، هر هيلو وسيلو استعمال ڪجي. ڇو ته اسان ائين ٿا سمجهون ته سائين جي. ايم. سيد سنڌ آهي، ۽ سيد جو اسان کان جدا ٿي وڃڻ، اسان لاءِ وڏو سانحو ۽ حادثو آهي.

تنهن کان پوءِ مون کي لانڍي جيل ڪراچيءَ ۾ آندو ويو؛ آئون اتي ئي هوس ته ٿورن ڏينهن کان پوءِ رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد رحلت فرمائي. مون صبح جو ريڊيو تان، جڏهن اها خبر ٻڌي ته منهنجي ڪيفيت اهڙي ٿي وئي، ڄڻ مون کان منهنجي سڄي ڪائنات کسي وئي هجي. جيڪڏهن رهبر جو مشن سپرد ٿيل نه هجي ها؛ ته اسان ائين سمجهون ها ته اسان جو جيئڻ بيڪار آهي؛ جيتوڻيڪ خودڪشي مايوسي آهي پر رهبر جي وڃڻ کان پوءِ اسان جو زنده رهڻ بي معنيٰ ٿي پيو هو، پر سائين جي. ايم. سيد اسان کي جيڪو فڪر ۽ نظريو ڏنو آهي؛ اسان کي ان کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻو آهي، ان لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي ۽ ان کي گهر گهر پهچائڻو آهي. جيڪڏهن اسان سيد جي پيغام کي ۽ خواب کي عملي روپ ڏياري وڃون ٿا؛ ته اها اسان جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي ٿيندي ۽ ان سان گڏ سائين جي روح کي بہ راحت ۽ سڪون ملندو. اها ڳالهہ، سوچي ۽ ڄاڻي پاڻ تي جبر ۽ ضبط ڪندي، ۽ پنهنجي دل تي پٿر رکي صبر کان ڪم وٺڻو پيو؛ تنهن کان سوا، اسان جي ذهن ۾ اها ڳالهہ بہ ويٺي ته پيغمبرن جي دنيا مان لاڏاڻي ڪرڻ کان پوءِ سندن پيروڪار وارثيءَ تان پاڻ ۾ وڙهي پوندا آهن؛ ۽ انهن ۾ اختلاف پيدا ٿيندا ۽ پوءِ پاڻ ۾ ڇنڊا پٽ شروع ٿي ويندي آهي. اسان وٽ رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو مثال آهي؛ سندن لاڏاڻي کان پوءِ ايترا تہ اختلاف ٿيا، جو سندن ميت مبارڪ جي دفنائڻ کان اڳ اقتدار جي ويڙهہ شروع ٿي وئي. اهو ئي سبب آهي جو رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد جي وڇوڙي کان پوءِ اسان شدت سان محسوس ڪيو تہ اسين جيڪي بہ سائين جي. ايم. سيد جي فڪر ۽ نظريي جا فالوور آهيون، ۽ جيڪي کين پنهنجو رهبر تسليم ڪيون ٿا؛ ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌ جي آزاديءَ ۾ يقين بہ رکون ٿا. انهن کي هاڻ پاڻ ۾ گڏجي ٻڌي ڪري، طاقت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. يعني سيد جي وڇوڙي واري ڏک کي جدوجهد جي طاقت ۾ تبديل

ڪري، هڪ بهترين آزادي پسند انقلابي پارٽي قائم ڪريون. جيڪا سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي رهنمائي ڪري. تنهنڪري اسان جيڪي سيد جا پيروڪار ۽ محب وطن هئاسين، انهن سڀني دوستن هڪ جاءِ تي ويهي "جيئي سنڌ قومي محاذ" کي تشڪيل ڏني ۽ اسان کي يقين آهي ته اسان انشاءالله تعاليٰ پنهنجي صفن کي مضبوط ۽ منظم ڪري، رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد جي نظريي تحت سنڌ جي آزادي ضرور ماڻينداسين ۽ اهو ئي اسان جو اولين مقصد آهي.

سوال: "جيئي سنڌ قومي محاذ" جي قائم ٿيڻ وقت توهان جيل ۾ هئا، توهان اهو ٻڌايو ته توهان جون ان اتحاد ۾ ڪيتريون سرگرميون شامل هيون، ۽ ان ۾ توهان جي دوستن جي ڪهڙي ۽ ڪيتري ڪوشش هئي، ۽ ان کان پوءِ ان جيڪي نتيجا ڏنا آهن، ان مان توهين ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

جواب: "جيئي سنڌ قومي محاذ" جي قائم ٿيڻ کان اڳ اسان جي "جيئي سنڌ تحريڪ" هئي، ۽ مون کي ان جو جيل ۾ ئي صدر بنايو ويو هو، مون پنهنجن سڀني دوستن کي چيو ۽ هدايت ڪئي ته سائين جي وڇوڙي کان پوءِ اسان سڀني کي هڪ ٿيڻو آهي. اسان جون ماضيءَ ۾ پڻ ڪوششون هيون، ته اسين جيڪي به سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ آهيون ۽ سيد جي فڪر ۽ نظريي جا پيروڪار ۽ پوئلڳ آهيون، انهن جو نظريو هڪ آهي، رهبر هڪ آهي ۽ مقصد به هڪ آهي ته پوءِ راهون ۽ پارٽيون جدا جدا ڇو هجن، ان ڪري مون ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻين دوستن کي اهو مشن سپرد ڪيو ته توهين ٻين دوستن سان ملاقاتون ڪريو، هن ڪم ۾ پيش قدمي ڪريو، ۽ پوءِ اسان جي ئي طرف کان سڀ کان اڳ ۾ اها راءِ آئي ته اسان سڀ پاڻ ۾ گڏجون ۽ هڪڙي گڏيل پارٽي ٺاهي، سيد جي ڏک کي طاقت ۾ تبديل ڪريون. نتيجي ۾، جيڪي به سيد جا سچا پيروڪار هئا، جن کي سنڌ جي آزاديءَ جو عشق هو، جن ماڻهن سيد کي سمجهيو هو، سيد جي فڪر کي پڙهيو هو، ۽ سيد سان سندن دلي طرح محبت هئي، انهن سڀني ماڻهن اسان کي ڀرپور نموني جي موٽ ڏني ۽ ان ڳالهه جي آجيان ڪئي.

خود توهان (خاڪي جويو) ۽ آصف بالادي پڻ انهيءَ سلسلي ۾ مون سان لانڍي جيل ۾ ملاقات ڪرڻ آيا هئا؛ ۽ اتي مون جيڪو ڳالهايو هو، سو توهان به ٻڌو هو: آئون اهو ئي چاهيان پيو ته سيد جي عاشقن، ۽ پوئلڳن کي هر حالت ۾ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ گهرجي؛ ۽ اهو اسان جو مقصد هو ته اسان گڏجي جدوجهد ڪنداسين. اسان ۾ ماضيءَ ۾ جيڪي ڪوتاهيون يا ڪميون پيشيون رهيون هيون؛ انهن سڀني کي درست ڪري پنهنجي اصلاح ڪريون ۽ هڪ منظم ۽ مضبوط پارٽي جوڙيون. تنهن کان پوءِ سائين جي. ايم. سيد جي چاليهي تي اسان جي هڪ گڏيل پارٽي وجود ۾ آئي ۽ ٿوري عرصي ۾، محدود وسيلن آهر ان پنهنجو بهتر ۽ سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي. پر جيئن ته اسان جو دشمن وڏيڪ مضبوط ۽ طاقتور آهي، ۽ جيڪڏهن اسان ان جي خلاف ايڏي وڏي جنگ جوٽي آهي ۽ اسان کي سيد جي نظريي کي پايه تڪميل تي پهچائڻو به آهي ته پوءِ ان لاءِ تمام وڏي محنت ۽ وڏي جدوجهد جي ضرورت آهي؛ جيڪا اسان کي سڀني دوستن ۽ سائين جي سهڪار سان منظم ۽ مضبوط طريقي سان اڳتي وڌائڻي آهي. هاڻ به اسان پنهنجي پارٽي قيادت مان مطمئن آهيون. ٿوري گهڻي ڪمي بيشي هر پارٽي ۾ رهندي آهي. پر هن وقت الله جي مهرباني سان اسان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن به قسم جو ڪو اهڙو نظرياتي بحران يا ڪشمڪش نه آهي. وسيلن جي کوٽ ضرور آهي. وسيلا محدود آهن؛ تنهن هوندي به اسان کي پنهنجي پيغام کي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ اجان به گهڻيءَ محنت جي ضرورت آهي. اسان جي مٿان، جيڪو فرض تاريخ توڙي دوستن عائد ڪيو آهي؛ انشاءالله انهيءَ کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ کان نه گهٻرائينداسين ۽ نه ڪيٻائينداسين.

سوال: توهان وسيلن جي ڳالهه ڪئي. ائين چو آهي ته جيئي سنڌ تحريڪ کي سدائين وسيلن جي کوٽ جي شڪايت رهي آهي. جڏهن ته ٻيون پارٽيون ۽ گروهه جيڪي جيئي سنڌ کان جدا ٿيڻ کان پوءِ تمام گهڻا وسيلا هٿ ڪري ٿيون وڃن. ترقي پسند پارٽيءَ وٽ جيڪي وسيلا آهن، سي شايد ڪنهن وڏي پارٽيءَ وٽ به مشڪل هجن. پليجي صاحب وٽ به وسيلا ٿاهوڪا آهن؛ اهو ڪهڙو سبب آهي، جو "جيئي سنڌ" سدائين

وسيلن جي لحاظ کان ڪمزور رهي آهي؟

جواب: اسان پنهنجي ڳالهه ڪنداسين. اسان کي هن راهه ۾ هلندي ويهه پنجويهه سال ٿيا آهن: اسان مسلسل سفر ۾ رهيا آهيون. ڪڏهن هڪ ڏينهن به خاموش يا سڪ سان نه ويٺا آهيون؛ اسان تي رياست جو تشدد به ٿيندو رهيو آهي. ڪارڪن جون گرفتاريون به ٿينديون رهيون آهن. حڪومتن جون اسان جي مٿان وقت بوقت ڪاهون به ٿينديون رهيون آهن، اسان کي پنهنجي عقائد تي قائم رهڻ جي ڪري، حڪومتون اسان کي پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو به بنائينديون رهيون آهن. جنهن جي ڪري اسان يا ته جيلن ۾ بند هوندا آهيون؛ يا روپوشين ۾ هوندا آهيون، يا جيڪڏهن جدوجهد ڪندا آهيون ته رياست اسان جي پويان هٿ ڌوئي پوندي آهي. جنهن ڪري اسان نه پنهنجي عوام تائين جيئن پهچڻ گهرجي، تيئن پهچي سگهيا آهيون ۽ نه وسيلا پيدا ڪري سگهيا آهيون. توهان جيڪو ٻين پارٽين لاءِ چيو آهي: ته انهن تمام وڏا وسيلا هٿ ڪيا آهن، سو وسيلا هڪ ته گورنمينٽ جي طرفان مليل ٺيڪن ۽ ڪانٽريڪٽن مان ايندا آهن، اهي حڪمرانن جي دلاليءَ ۽ سندن خوشنوديءَ واري سياسي لائين اختيار ڪرڻ کان سواءِ ملي نه سگهندا آهن. جن دوستن جيئي سنڌ کان الڳ ٿي سياست ڪئي آهي، انهن يا ته وجي آصف زرداريءَ جي پر جهلي هوندي آهي، يا سندن ٻي ٽيم ٿي سياست ڪئي هوندي آهي يا انهن پيا ڪي ناجائز طريقا استعمال ڪري، چندا خوري، ڀتا خوري ۽ دهشتگرديءَ جي ذريعي ڦرمار ڪري پئسا هٿ ڪيا هجن ته اها خدا کي خبر آهي: باقي اسان وٽ اهو دستور آهي ته پارٽي ڪارڪن کان پنج يا ڏهه روپيا في جا ورتا ويندا آهن يا ڪڏهن هنگامي بنيادن تي ڪارڪن کي محنت ۽ مزدوري ڪرڻ جو سنڌ ڏنو ويندو آهي. جيڪي اسان کي ضلعن جي دورن وغيره لاءِ ڪتب مس اچي سگهندا آهن.

سنڌ جي ماڻهن ۾ اڃان ايترو شعور پيدا نه ٿيو آهي، جو هو قومي تحريڪ جي مڪمل طرح سان مدد ڪن يا ان کي ڊونيشن ڏين. باقي ڪجهه اسان جا پنهنجا همدرد دوست آهن، جيڪي هن سلسلي ۾ اسان جي ٿوري گهڻي مدد ڪندا آهن، جنهن جي آڌار تي اسان جي پارٽي هلي ٿي. ڪن

دوستن مون کي چيو ته: پليجي صاحب اسان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته: جيئي سنڌ جي اندر چور ۽ ڏاڙيل آهن؛ مون چيو ته اسان کي جيئي سنڌ ۾ ڪم ڪندي ويهه پنجويهه سال گذري ويا آهن. سنڌ جو ڪو به ماڻهو ڪنهن ڪان ڳجهو ڪو نه آهي؛ هتي حيدرآباد ۾ ڪئي ماڻهون مون کي سياسي طرح سڃاڻندا هوندا پر مون کي پنهنجي ڳوٺ ۽ تر جا ماڻهو ذاتي طور به چڱيءَ طرح سڃاڻن ٿا؛ انهن کي خبر آهي ته مون کي منهنجي پنهنجي پراپرٽي ڪيتري هئي؛ ۽ هن وقت ڪيتري آهي؟ اسان وٽ اسان جي وڏن جيڪا ملڪيت ڇڏي هئي؛ هن وقت اسان وٽ اوتري به ڪا نه آهي. پر جيڪي ماڻهو پنجويهه ٽيهه سال اڳ سائين جي. ايم. سيد سان گڏ سياست ڪندا هئا: اهي پنهنجي ڳوٺ ڪرايو به سائين جي. ايم. سيد ڪان وٺي ويندا هئا؛ ۽ اڄ اهي ماڻهو ٽيهن چاليهن لکن جي لينڊڪروزر گاڏين ۾ چڙهي گهمن ٿا ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سندن بنگلا آهن پر سائين جي.ايم. سيد جو ڪراچيءَ ۾ 1933ع وارو نهيل بنگلو ئي آهي. ته پوءِ سوال ٿو اٿي ته انهن ايتري ملڪيت ڪٿان ناهي آهي؟ جڏهن ته سندن هڪ گاڏيءَ جي قيمت جيترا به اسان جي سڄي گهر جا ٿپڙ ڪو نه آهن. ته پوءِ چور اسان آهيون يا اهي پاڻ آهن؟ جن جا ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ بنگلا آهن. اهي سڀ پئسا آسانيءَ سان ڪيئن ۽ ڪٿان ٿا اچن؟ اسان کي خبر آهي ۽ اسان ڪان ڪجهه به ڳجهو ڪو نه آهي. اسان جي سامهون انهن سياست ڪئي آهي ۽ اسان سان گڏجي سفر ڪيو آهي. اسان جڏهن سندن گهرن ۾ ويندا هئاسين ته وٽن گهرن ۾ صحيح طريقي سان ويهارڻ جي به جاءِ نه هوندي هئي، اڄ انهن وٽ زندگي جي هر ڪا گهربل آسائش موجود آهي. اسان کي اها به خبر آهي ته سنڌ جو ماڻهو اجان ايڏي نوبت کي نه پهتو آهي؛ جو هو اسان جي ڪروڙن ۾ مدد ڪري سگهي. ان ڪري اسان سمجهون ٿا ته اسان کي هينئر محنت ڪرڻي آهي ۽ پنهنجي بازوئن تي پاڙڻو آهي. اسان چندي ۽ ڀتوخوريءَ يا دهشتگرديءَ جي سخت خلاف آهيون؛ آئون اجان نئون جيل مان نڪري آيو آهيان ته اتفاق سان پنهنجي گهر جي مسئلن ۾ گهيرجي ويو آهيان. اسان کي جيئن ٿوري ئي واندڪائي ملندي ته اسان انهن سڀني ڳالهين جو تدارڪ ڪنداسين. اسان پورهيو ۽ محنت ڪنداسين. پنهنجي

ڪارڪنن تي پاڙي سڄيءَ سنڌ ۾ گڏيل طريقي سان مزدوريون ڪنداسين، جيڪي به نوجوان ڪارڪن سنڌ جي آزاديءَ ۾ يقين رکن ٿا. جن اسان سان ڪافي عرصي کان گڏجي سفر ڪيو آهي. انهن وٽ ويندا سين، اهي به اسان جي مدد ڪندا. اسان کي يقين آهي ته اسان جائز ۽ صحيح معاشي طريقو ڳولي لهنداسين ۽ انهيءَ تي پنهنجو ورڪ ڪنداسين. ۽ جدوجهد ڪنداسين، پنهنجي پارٽيءَ کي منظم ۽ مضبوط ڪنداسين. انهيءَ ۾ اسان جو رت ۽ ست توڙي اسان جي جسماني قوت به شامل هوندي.

سوال: ”جيئي سنڌ قومي محاذ“ جي جڙڻ جو هڪڙو مقصد، سائين جي. ايم. سيد جي پوئلڳن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏي ويهارڻ هو. باوجود ان جي جيئي سنڌ وارن جُون تي پارٽيون ٺهي پيون، جيئي سنڌ محاذ جو هڪڙو حصو، ان ۾ شامل نه ٿيو، ۽ قمر ڀٽي وارا به شامل نه ٿيا؛ ان ڪري ماڻهن ۾ اڳوڻو ساڳيو تاثر موجود آهي؛ ته جيئي سنڌ وارا هڪ ٻئي خلاف گروپنگ ڪيو ويٺا آهن. توهان ٻڌائيندا ته باقي ماڻهو ۽ پارٽيون جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ ڇو شامل نه ٿيون؟

جواب: جن کي به رهبر اعظم سان عشق هو ۽ سنڌن نظريي سان محبت هئي؛ اهي سڀ ماڻهو گڏ ٿي ويا ۽ اهي اڄ اسان سان جدوجهد ۾ شريڪ آهن. پر جن ماڻهن جا قومي تحريڪ ۾، پنهنجا ذاتي مفاد هئا ۽ آهن؛ اهي يا ته اسان سان گڏ ئي نه ٿيا يا وري هاڻي ڇڏي وڃن ٿا. ڏنو وڃي ته اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي اصل کان وٺي، اختلافن جا محرڪ ۽ منڍ رهيا آهن. جيڪي يا ته هن وقت به جيئي سنڌ کي ڇڏيندا پيا وڃن يا هن کان اڳ ڇڏي ويا آهن ۽ هاڻي پنهنجي جدا هندي چاڙهيو ويٺا آهن. اهڙا ماڻهو اسان جي اڳوڻي جيئي سنڌ تحريڪ ۾ به هئا؛ جيڪي پارٽي اندر هرويرو اختلاف پيدا ڪندا رهندا هئا. ۽ ڪي نه ڪي سازشون ڪندا رهندا هئا. ڪجهه حقيقتون به هيون، جن تي اسان کي اعتراض هوندو هو؛ پر اسان جيئڻ ته سائين جي. ايم. سيد ۽ ان جي فڪر سان عشق ڪندا هئاسين ۽ سائين جي. ايم. سيد سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ جو سنبال هيو؛ اسان سنڌس فيصلي کي لبيڪ چوندا هئاسين ۽ ان جي هر لفظ کي پنهنجي قوم جي نجات جي راهه سمجهندا هئاسين ۽ جيڪي ماڻهو سيد جي فيصلن جي

تڪراءَ ۾ ايندا هئا؛ يا مخالفت ۽ مداخلت ڪندا هئا. اسان انهن ني پنهنجو ۽ سيد جو مخالف سمجهندا هئاسين. ڪي ماڻهو وري هٽ وٺي به اهڙي قسم جون ڳالهيون، ڦهلائي، اسان جي پارٽيءَ ۾ ۽ دوستن ۾ اختلاف پيدا ڪندا هئا. اڄ اسين ڏسون پيا ته جيڪي ماڻهو ان وقت به مخالفت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا؛ اهي سڀ ماڻهو اڄ گڏ آهيون ۽ جيڪي ماڻهو اختلاف پيدا ڪندا هئا؛ انهن مان اڄ ڪي جيئي سنڌ محاذ ۾ ويٺا آهن يا پارٽي کي خيرآباد چئي ويا آهن ۽ چون ٿا ته اسان سچن قومپرستن سان وڃي گڏيا آهيون؛ ڪي وري 1973ع جي آئين جي پاسخاطري ڪندي، اهڙن ماڻهن سان وڃي گڏيا آهن. جن جي ڪردار کان هرڪو ماڻهو واقف آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي ماڻهو اختلاف پيدا ڪندا هئا؛ اهي اڄ اسان کان پري ٿي بيهي رهيا آهن. اسان انهن دوستن کي هاڻ به اهو ئي چونداسين، ته جيئن مقصد هڪ آهي؛ نظريو هڪ آهي، رهبر هڪ آهي ۽ ان لاءِ ئي جدوجهد ڪرڻي آهي ته پوءِ اختلاف ۽ جدا جدا رهڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ باقي جيتريقدر قمر ڀٽي جو تعلق آهي ته اهو ماڻهو شروع کان وٺي، قومي تحريڪ اندر مشڪوڪ رهيو آهي؛ ان ڪي اسان هرويرو ايتري گهٽي صلاح به ڪا نه ڪئي؛ پر جي هو به اچي شامل ٿئي ها ته ان کي به پنهنجي هن ڪافلي ۾ ڪٿون ها، پر جا آهي ته هڪڙن ماڻهن کي ليڊر ٿيڻ جو وڏو پوٽ سوار هوندو آهي؛ بلڪ هڪ قسم جو... هوندو آهي. ته آئون هر حال ۾ ليڊر هجان، منهنجا اخبارن ۾ بيان ايندا رهن. جڏهن ته اسان ڪين ان وقت ئي چيو هو ته اسان کي ليڊري وغيره نه کپي. اها توهان کي ڏيون ٿا؛ رڳو اچو ته سيد جا پانديئڙا پاڻ ۾ گڏجون. پلي اڳوائي توهان ڪريو. اسان توهان جي ڪڍ ڪارڪن ٿي هلنداسين. پر انهن ماڻهن کي پنهنجي الڳ ليڊري چمڪائڻي هئي؛ جنهنڪري اهي ان ۾ شامل نه ٿيا؛ يا وري انهن جا پنهنجا ڪي مفاد هئا؛ يا ڪاڏي جا ڪي ذريعا اٿن؛ جن ڪي عزيز ڪري قومي تحريڪ ۾ شامل نه ٿيا. باقي انهن جي نه شامل ٿيڻ ۾ ايڏو وڏو ڪو نظرياتي سبب ڪو نه هو. هو اسان کان وڌيڪ سٺي ۽ پلي سياست ڪو نه ٿا ڪن. بلڪ ڪي پارلياماني سياست ۾ حصيدار ٿيڻ گهرن ٿا. ڪي ڪنهن ٻئي جي پوپان ڏڪڻ ۽ تاڙيون وڄائيندا وتن ٿا؛ مطلب ته اهي ڪنهن به راهه تي ڪو نه آهن.

اسان وري بہ پارٽي ادارن کي جوڙيو آهي. اسان سيد جو پروگرام کي کڻي، سنڌ جي آزاديءَ جي ڪلمہ ڪلا ڳالهہ ڪريون ٿا ۽ اهڙيءَ طرح هن عشق جي اڻانگي راهہ ۾ ڪاهي پيا آهيون؛ اسان کي يقين آهي تہ رهبر سنڌ جي نظريي ۽ فڪر کي جهر جهنگ پهچائي هڪ ڏينهن هن دوکي جي ديوار کي ڊاهي وجهنداسين، جنهن جو بنياد ئي غلط پيل آهي. ڇاڪاڻ تہ هن ملڪ ۾ سنڌي قوم جو وجود مستقل طور تي خطري ۾ آهي. ان ڪري اسان تمام گهڻو تباهي ڏي وڃي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان سيد جي نظريي ۽ پروگرام تي عمل نہ ڪيوسين تہ بحيثيت هڪ قوم جي دنيا مان ختم ٿي ويندا سين.

سوال: جيڪي ٻڌون، "جيئي سنڌ قومي محاذ" ۾ شامل نہ ٿيون هيون، جيئن محاذ وارن جو چوڻ هو تہ هي اتحاد گهڻو وقت هلي نہ سگهندو ۽ نہ وري گهربل نتيجا ڏيندو. هاڻي جڏهن گل محمد جکراڻي قومي محاذ کي ڇڏي ويو تہ ان پڻ اهڙي ڳالهہ ڪئي تہ جيئي سنڌ قومي محاذ گهربل نتيجا ڏئي نہ سگهيو آهي؟

جواب: گل محمد جکراڻي تہ جيئي سنڌ قومي محاذ جي قيادت ڪندڙ هو. جيڪڏهن قيادت ئي نااهل هوندي ۽ ان ۾ اهليت ۽ صلاحيت نہ هوندي ۽ اها جدوجهد ڪري نہ سگهندي تہ گهربل نتيجا بہ ڏئي نہ سگهندي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ: "مڙس پاڙي ٿئي، تہ پڳ بہ بار سمجهندو آهي." هيءَ هڪڙي ڪنڊن جي سيج آهي. هن سفر ۾ جيڪي ماڻهو هلندا آهن، اهي سڀ لاڳاپا لاهي هلندا آهن؛ سڀ آسرا ڇڏي هلندا آهن. پوءِ ئي هن راهہ ۾ هلي سگهندا آهن. جن جي ذهن ۾ ڪا بہ لالچ ۽ لوڀ توڙي ڊپ نہ هوندو آهي. اهي ئي هلي سگهندا آهن ۽ اڳتي بہ وڌي سگهندا آهن. باقي جيئي سنڌ محاذ وارن جو اهو چوڻ تہ هي پاڻ ۾ گڏجي هلي ڪو نہ سگهندا. اها ڪين پل آهي. ۽ سندن وهم آهي. چو تہ اسان جيڪي بہ سيد جا فالوور آهيون، اهي هڪ ٻئي سان اهڙي محبت ڪريون ٿا، جيئن سائين جي. ايم. سيد اسان ڪارڪنن سان محبت ڪندو هو؛ اسان کي سندس نظريي سان محبت آهي؛ اسان کي سنڌ جي آزاديءَ سان عشق آهي، جيڪي ماڻهو عشق ڪندا آهن، اهي ڪوڙا ۽ دغاباز يا ڪانئر نہ هوندا آهن، اهي سچا ۽ مخلص

هوندا آهن. اسان وٽ مقصد سان سچائي آهي. اسان جو هڪڙو ٽارگيٽ آهي ته سنڌ اسان جو وطن آهي، جيڪو اڄ ڌارين جو غلام آهي، ۽ ڌاريان ان کي ڏينهون ڏينهن وڏيڪ زنجيرن ۾ جڪڙيندا ۽ سوگهو ڪندا رهن ٿا. اهڙيءَ صورت ۾ جيڪڏهن اسان پاڻ ۾ اختلاف وجهي، هڪ ٻئي سان گڏجي نه هلنداسين ته ظاهر آهي ته نقصان پنهنجي مقصد جو ۽ سنڌ جو ڪنداسين. جڏهن ته اسان کي ڏکن ۽ تڪليفن کان سواءِ پيو ڪجهه به ڪو نه ٿو ملي؛ نه گورنمينٽ جا ٺيڪا ملندا آهن؛ نه پرمٽون ملنديون آهن، ۽ نه وري ٻئي ڪنهن هنڌان پئسي ڏوڪڙ ملڻ جي اميد هوندي آهي ۽ نه ڪنهن وزيري يا صلاحڪاري جو آسرو هوندو آهي. هتي رڳو جيل ۽ تڪليفون آهن. عذاب آهن ۽ اهنج آهن. اهڙيءَ صورت ۾ هتي اختلافن ٿيڻ جا ڪي به سبب ڪو نه آهن. اها ته انهن ماڻهن جي پنهنجي هڪ مجبوري هئي ته هو اهڙي قسم جو سڪٽو شوشو ڇڏي، ماڻهن کي ورغلائي، ڪجهه ڪارڪن پاڻ سان رکي سگهن.

اسان کي گڏجي هلندي هاڻي ڪافي عرصو ٿي ويو آهي. "جيئي سنڌ قومي محاذ" کي جڙئي تقريباً ٻه سال ٿيڻ وارا آهن؛ پر اسان ۾ پاڻ ۾ اهان محبت وڌي رهي آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ ويجهڙائي وڌي رهي آهي. اسان هڪ ٻئي کي وڌيڪ سمجهندا ۽ پنهنجو ڪندا پيا وڃون. چند کي اهڙا منافق ۽ ڦٽل روح ماڻهو هجن؛ ته ٻي ڳالهه آهي پر انهن ۾ به ايتري جرعت ناهي، جو انهن مان ڪير کلي طرح مخالفت ڪري سگهي. عبدالواحد آريسر اڄ به اسان جو ليڊر آهي؛ اسان ان جي اڳوائيءَ ۾ جدوجهد ڪريون پيا: اسان کي يقين آهي ته ان ۾ اهڙيون صلاحيتون، همتون ۽ جرعتون آهن؛ جنهن ڪري هو اسان جي اڳوائي ڪري رهيو آهي. اسان کي اهو يقين آهي ته ٻين ڪانئرن وانگر هو اسان کي ڪڏهن به راهه ۾ دوکو نه ٿو ڏئي سگهي. هو هڪڙو مسڪين ۽ غريب ماڻهو آهي. سنڌ جي آزاديءَ سان مخلص آهي، ان کي سيد سان عشق آهي؛ ان جي نظريي ۽ پروگرام سان سچائي آهي. هتي اسين سڀ عاشق گڏيا آهيون؛ عاشق ڪڏهن ٺيڪو نه ڪندا آهن. ته هن وقت مون کي ڇا ٿو ملي ۽ اڳتي هلي ڇا ملندو؟

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسيو وِهَنِ گهٽو؛
ڪَڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
توڙي چڪن چاڪ، ته به آهه نه سلين عام سين.
(شاهه)

اسان سڀ جدوجهد جي راهه ۾ هلون پيا؛ ۽ اسان سڀ هڪ ٻئي لاءِ قابل احترام آهيون؛ اسان وٽ ڪا به اهڙي ڳالهه ڪا نه آهي؛ جن ماڻهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن؛ انشاءالله اهي اسان جي پاڻ ۾ محبت ۽ اتحاد ويهڻ ڏسي شرمندا ٿيندا. انهن لاءِ وري بهراهو ٺي بهتر ٿيندو ته اهي اسان جي صفن ۾ اچي شامل ٿين ۽ ٿيندا. انهن لاءِ ٻي ڪا راهه ٺي ناهي؛ يا وري انهن لاءِ ٻيو اهو آهي ته اهي اڳتي هلي ٻين وانگر مراڳو آزادي جي جدوجهد تائين هٽ ڪٽي وڃن.

سوال: ڪن ماڻهن جو اهو تاثر آهي ته پوري جيئي سنڌ تحريڪ ۾ قيادت جي ڪوت آهي؟ سائين جي. ايم. سيد جڏهن به قيد مان آزاد ٿيندو هو؛ ته چرپر شروع ڪري ڇڏيندو هو؛ جنهن ڪري رياست ۽ ان جي حاڪمن سائين کي سدائين قيد ۾ ئي رکيو ته جيئن سنڌ سرگرميون بند رهن؟

جواب: هن وقت به قومي تحريڪ جي رهبري، سائين جي. ايم. سيد جو نظريو ئي ڪري ٿو. ۽ اسان رهبر جي نظريي ۽ پروگرام جا پوئلڳ ۽ پابند آهيون. انهيءَ جي آڌار تي اسان جدوجهد ڪريون پيا. اسان هن وقت ڪنهن به واحد فرد جي قيادت ۾ يقين نٿا رکون. اسان وٽ گڏيل قيادت آهي ۽ گڏيل قيادت جي ذريعي ئي اسان آزاديءَ جي انقلاب ڏانهن وڌون پيا. اسان وٽ تمام بهترين دماغ آهن، اسان وٽ سنين صلاحيتن وارا اڳواڻ آهن ۽ اسان وٽ وڏا جفاڪش ۽ محنتي ڪارڪن آهن، اسان وٽ قربانيون ڏيندڙ ۽ بهادر ليڊر آهن. اسان وٽ ڪارڪن ۽ اڳواڻ ڪان وٺي؛ هيٺ ڪان مٿي تائين اهڙا ماڻهو آهن؛ جن ويهن پنجويهن سالن ڪان وٺي، اسان سان گڏجي، هن راهه ۾ سفر ڪيو آهي ۽ اهي ايڏا ته پختا ۽ ايماندار ثابت ٿيا آهن، جو ڪيڏا به وڏا طوفان ۽ لوڏا آيا آهن؛ پر اهي انهن کي پنهنجي جاءِ تان هڪ تر به هٽائي نه سگهيا آهن، ان ڪري اسان وٽ قيادت جي ڪوٽ ڪا نه آهي، پر اسان وٽ

وسيلن جي کوٽ ضرور آهي. جنهن جي ڪري اسان پنهنجي پروگرام کي ۽ جدوجهد کي منظم نموني سان اڳتي وڌائي نه سگهيا آهيون.

سوال: جيئي سنڌ قومي محاذ جي نهڻ وقت هڪڙو سوال اٿيو هو، جنهن بابت اخبارن ۾ به ڪالم وغيره شايع ٿيا هئا، ته جيئن پٽي مرحوم جي سياسي وارثيءَ تي لٽ پٽي لڳي؛ جنهنڪري انهيءَ ڇڪتاڻ ۽ ويڙهه ۾ مرتضيٰ پٽو قتل به ٿي ويو. هاڻي بينظير ڀٽو تي ته پٽي جي سياست جي وارث هوءَ آهي ۽ غنويٰ ڀٽو تي ته هوءَ وارث آهي. جڏهن ته سائين جي. ايم. سيد جي خاندان وارن پاڻ پاسي رهي، ڪارڪنن کي اڳيان آندو آهي؛ جنهنڪري ماڻهن ۾ مختلف قسم جا تبصرا ٿيڻ لڳا ته انهن قومي تحريڪ جي پاڻ قيادت نه سنڀالي آهي ۽ اها جيئن هئي، تيئن ڪارڪنن جي حوالي ڪري ڇڏي. ان لاءِ توهان ڇا ڀونڊا ته انهن ائين ڇو ڪيو؟

جواب: جيستائين پٽي مرحوم جي سياست جو تعلق آهي؛ ته اها هڪ حقيقت آهي، ته ان جي سياسي وراثت تي جهيڙو لڳو پيو آهي. بينظير ڀٽو ٿي ته مان وارث آهيان ۽ غنويٰ ڀٽو ٿي ته مان وارث آهيان. پر اسان جي سماجي روايتن مطابق اها به حقيقت آهي ته نياڻيءَ جي پرڻجڻ کان پوءِ، اها مڙس جي خاندان مان سڏبي آهي، جيئن خود غنويٰ پٽو سڏجي ٿي. سو اصولي طور تي ڏنو وڃي ته بينظير هاڻي آصف علي زرداريءَ جي زال آهي ۽ زرداريءَ جي ٻارن جي ماءُ آهي. تنهنڪري اها پٽي جي وارث ٿي نٿي سگهي. وارث اولاد ٿئي ٿو، پٽ ٿيندو آهي؛ يا گهر واري يا ڀاءُ ۽ ڀيءُ وغيره ٿيندو آهي. ڀيءُ ته هنن ويچارن جو اڳ ۾ ئي مارجي ويو. باقي ماءُ آهي، سا به اڌ چري ٿي پئي آهي. پوءِ خبر ناهي ته بينظير ان کي زوري هٿ سان چري ڪري ڇڏيو آهي. الائي ڇا؟ جو ته هن کي پنهنجي گهر ۾ ئي وڃڻ نٿو ڏنو وڃي؟؟

دراصل هنن ماڻهن؛ ماڻهن کي مارائي، قربان ڪرائي، پنهنجي اقتدار لاءِ ڏاکڻ ناهي، ڪرسي ماڻي آهي. هنن جي ڪا نظرياتي يا پروگرام رکندڙ سياست ڪا نه آهي. هو صرف اقتدار جا بکيا آهن. جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هي ماڻهو ڪنهن ۾ ڪنو ڪم ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي وڃن ٿا. باقي جيستائين سائين جي. ايم. سيد جي خاندان جو تعلق آهي؛ ته انهيءَ جو

تاريخي طور تمام هڪ وڏو ۽ اعليٰ ڪردار رهيو آهي. سائين جي. ايم. سيد حيدر سنائي جي خاندان مان آهي؛ جيڪو مخدوم بلاول جو پوئلڳ هو، جنهن ڌارين سامراج سان جنگ جوٽي هئي؛ ۽ انهن جو سنڌ جي سياست ۾ هڪ وڏو ۽ اهم مقام آهي. سائين جي. ايم. سيد به پنهنجي سڄي ڄمار سنڌ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڏک ۽ تڪليفون ڏسندو رهيو. سيد جي لاڏاڻي کان پوءِ سيد جي خاندان وارن اها چٽي طرح ڳالهه ڪري ڇڏي ته سائين جي. ايم. سيد جي نظريي، فڪر ۽ سياست جا حقيقي وارث ان جا پيروڪار ۽ پوئلڳ آهن. جيڪي سيد جي مشن کي اڳتي کڻي هلندا ۽ اسان به انهن سان گڏ هونداسون. انهن سياست کي جاگيرداري پس منظر جي خيال کان پنهنجي وارثت نه ڄاتو آهي. ۽ اها انهن جي وڏائي ۽ عظمت آهي ۽ سنڌ ۽ سيد جي پيغام سان سچائي آهي. پر بينظير، غنوي يا پ پ وارا پٽي جي سياست کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ويٺا آهن؛ ۽ ان سان گڏ پوري عوام ۽ ڪارڪنن کي به پنهنجي ذاتي ملڪيت تصور ڪن ٿا. ته هي اسان جو راڄ آهن ۽ ملڪيت آهن. ان ڪري اهي جيئن چاهين، تيئن انهن کي استعمال ڪري سگهن ٿا ۽ ڪن پيا. پر سيد جي خاندان اها هڪ نئين روايت قائم ڪئي آهي ته اسان سيد جي پيروڪارن ۽ ڪارڪنن جي عزت ۽ احترام ڪيون ٿا؛ ۽ انهن سان جدوجهد جي راهه ۾ گڏ آهيون ۽ اڳوائي پلي سيد جي پيروڪارن وٽ ئي رهي، ته بهتر آهي. اسان سيد جو جيئوٽيڪ اولاد ۽ فرزند آهيون پر ڪارڪن سيد جا فڪري ۽ نظرياتي فرزند آهن. ان ڪري انهن سائين جي. ايم. سيد جي قومي تحريڪ کي ڪارڪنن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جي خاندان کي پاڻ سنڀاليو آهي.

سائين جي. ايم. سيد جو خاندان هن وقت به اسان سان مڪمل طرح سان گڏ آهي. ۽ اسان جي رهنمائي ڪندو رهي ٿو ۽ جدوجهد جي راهه ۾ به اسان سان گڏ آهي. باقي پارٽيءَ جون ذميواريون پارٽيءَ جي عهديدارن، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي آهن، ۽ اهي سرانجام ڏين پيا. سيد جو خاندان به پنهنجو ڪردار نڀائي پيو. ۽ اسان کي يقين آهي ته سائين جلال محمود شاهه، امير حيدر شاهه يا امداد محمد شاهه اسان جا وڏا ۽ اڳواڻ تي رهندا. انهن جو اڄ به اسان جي مٿان شفقت جو هٿ آهي.

سوال: هاڻي سوالن کي ٿورو ٻئي طرف ڦيرايون ٿا: ٻه مهينا ڪن اڳ پ پ جي حڪومت کي ڊزال ڪيو ويو آهي؛ توهان جي خيال ۾ ته اهو صحيح ڪيو ويو آهي يا غلط ٿيو آهي. ۽ پ پ جي ﮔذريل دور حڪومت تي تبصرو ڪندا ته اهو ڪيئن رهيو؟

جواب: پ پ جي قيادت اقتدار جي بُکي ۽ مفاد پرست رهي آهي. پنجاب وارن سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خلاف جيڪو به ڪنهن ۾ ڪنو ڪم ورتو آهي، اهو پ پ وارن کان ورتو آهي ۽ اهو هنن هر دور ۾ ڪيو آهي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جي آزاديءَ جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ پ پ ئي رهي آهي. تنهنڪري جيسين اها پارٽي ختم نه ٿي ٿئي، ۽ سنڌي ماڻهن جي اڳيان ان جو سنڌ دشمن اصل روپ پڌرو نٿو ٿئي، تيسين اسان پنهنجي منزل مقصود تي پهچي نٿا سگهون؛ جنهن لاءِ هن وقت، هنن کي اها قدرت ئي سزا ڏني آهي؛ ڇو ته هنن شهيد ڀٽي جي خون کي وڪڻي ۽ ڪوڙيءَ جدوجهد جو ڍونگ رچائي ۽ سنڌي ماڻهن کي بيوقوف بنائي، انهن کي مارائي، اقتدار جي ڪرسي ماڻي هئي ۽ اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهندي ئي، هنن پنهنجيءَ حڪومت ۾ پنهنجي پاءُ کي ڏاڙيلن وانگر راهه ويندي مارائي ڇڏيو آهي، وڏي ڳالهه ته پورن چاليهن ڏينهن تائين مرتضيٰ جي قتل سان انصاف نه ڪري سگهيا.

پ پ وارن پنهنجي اقتدار ۾ ماڻهن سان جيڪي ڏاڍايون ڪيون، اهي ڪنهن کان به ڳجهيون ڪو نه آهن، هنن پنهنجي سياسي مخالفن کي جيلن ۾ بند ڪيو؛ انهن جي مٿان تشدد ۽ ڏاڍ ڪرايو، ماڻهن جي روزگارن تي لتون ڏنيون. ماڻهن کي جيلن ۾ ڇيچلائي ڇيچلائي ماريو، سائين جي. ايم. سيد کي علاج لاءِ ٻاهر نه ڇڏيو، علي محمد هنگوري کي اسپتال ۾ قيد دوران ماريو ويو، غلام حسين انڙ کي ماريو ويو، شيخو راهوءَ سان هنن ڇا ڇا نه ڪيو؟ هنن ڪنهن به ضلعي ۾ ڪو اهڙو ماڻهو نه ڇڏيو، جنهن کي هنن پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو نه بنايو، هنن سڄي ملڪ ۾ ايڏي ته ڪرپشن ۽ بدعنوانيءَ ڦهلائي، جو نوڪرين جي بدلين کان وٺي نيڪن وٺي ڏيڻ تائين، هر شيءِ مان هنن پنهنجو حصو اوڳاڙڻ شروع ڪري ڇڏيو. ملڪ جي دولت ميڙي پنهنجا گهر ۽ پيٽ ڀريائون. چند ماڻهن کي نوازيائون. اها ملڪ لاءِ ائين

خطرناڪ ٿي وئي هئي، جيئن جسم کي ڪينسرو ڪوڙهي ويندي آهي، ان ڪري جيڪڏهن پ پ جي حڪومت ٽوڙي وئي آهي ته اهو ڪو خراب ڪم ڪو نه ٿيو آهي. جو ته جي ان کي اڃان وڌيڪ وقت رهڻ ڏنو وڃي ها ته اها ملڪ لاءِ تمام گهڻو هاڃيڪار ثابت ٿئي ها. ان ڪري جو ڪجهه ٿيو آهي، اهو بهتر ٿيو آهي.

سوال: توهان جي خيال ۾ ته هن ماڻهن جي انهيءَ سڄيءَ ڪرپشن ڪرڻ جي پٺيان ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؛ تنهن کان سواءِ مرتضيٰ ڀٽي جي قتل تي به روشني وجهندا ته مهرباني؟

جواب: اسان مرتضيٰ جي قتل جو پهريون ذميوار پنجاب ۽ ايجنسين کي ٺهرايون ٿا؛ ڇاڪاڻ ته ايڏي وڏي ماڻهوءَ جو ائين راهه ويندي، قتل ٿي وڃڻ، وڏي معنيٰ رکي ٿو. انهيءَ جا پيش منظر يا پس منظر ڪهڙا به هجن. پر ان کان حڪومت ۽ ايجنسين کي پري ڪري نٿو سگهجي. باقي جيتريقدر پ پ جي حڪومت جي ڪرپشن جو تعلق آهي؛ ته ان ملڪ جي دولت کي ايترو ته لٽيو ۽ ڦريو، جو ملڪ کي ئي سجو ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري نوڪرين وارن ماڻهن کي مهيني جي پندرهن ويهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ به پگهارون نٿيون ملن. خود نگران وزير اعظم اعتراف ڪري چڪو آهي ته ملڪ ۾ ايتري ته ڪرپشن ڦهلجي وئي آهي، جو ملڪ جو هر ماڻهو ان ۾ ملوث ٿي ويو آهي. خزانو خالي ٿي ويو آهي، هن ماڻهن پنهنجي هٿن سان دولت لٽي آهي. انهيءَ لٽ مار ۾ وڏو ڪردار آصف زرداريءَ جو آهي. تنهن کان پوءِ بينظير جو آهي، جو ته وزير اعظم جا اختيار زرداري پاڻ استعمال ڪندو هو. تنهن کان وٺي وڏي تائين هر ڪنهن پنهنجا پيٽ ڀريا آهن. جنهن لاءِ هن سڄي سنڌين پنجاب جي دلالي ڪئي آهي. پنجاب کان هن سنڌ کي لٽرايو ۽ ڦرايو آهي. پنجاب هر برو ڪم پ پ وارن کان ورتو آهي. هي پنجاب جا پٺو ۽ ايجنٽ ٿي رهيا آهن ۽ پنجاب هن کي پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪندو رهيو آهي، انهيءَ آڙ ۾ هن فوج جا ۽ پنهنجا پيٽ ڀريا آهن.

سوال: مرتضيٰ ڀٽي جي قتل کان پوءِ سنڌي ماڻهوءَ جي همدردي بينظير کان تبديل ٿي غنويٰ ڏانهن هلي وئي آهي؛ ۽ انهن جي اها همدردي بلڪل اهڙي طرح جي آهي، جهڙي ڀٽي جي ڦاسيءَ کان پوءِ ان جي ڌيءَ

بينظير سان هوندي هئي. توهان ڇا ٿا ڀانيو ته غنوي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌ کي ڪو فائدو ٿيندو يا پ پ واري ساڳي صورتحال رهندي؟

جواب: سنڌ کي غنوي مان ڪو به فائدو ڪو نه پهچندو، پهرين ته غنوي کي سياست جي خبر ڪانهي؛ ان کي هتان جي ماڻهن جي مزاج ۽ مسئلن جي خبر ڪانهي. ان کان سواءِ اها اهڙن ماڻهن جي گهيري ۾ آهي؛ جيڪي اهي ساڳيا پ پ وارا وڏا ڪرپٽ ماڻهو هئا، انهن سيني مفاد پرستن اوڏانهن ڪٽي ڊوڙ پاتي آهي ۽ انهن کي اتي آساني سان جڳهه ملي وئي آهي؛ ظاهر آهي ته جيڪي ماڻهو اڳ ئي لٽ مار تي هريل آهن. جن ماڻهن سڄي عمر سودي بازيون ڪيون ۽ قوم ۽ عوام سان وساهه گهاتيون ۽ غداريون ڪيون آهن؛ اهي ماڻهو اتي وڃي ڪهڙو مثبت يا فعال ڪردار ادا ڪندا؟ يا ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪهڙو ڪم ڪندا؟ هي سڀ ماڻهو وري به شارٽ ڪٽ ڪري، ڪنهن نه ڪنهن نموني سان اقتدار تي رسڻ جي ڪوشش پيا ڪن. رائو رشيد اڄ به 1973ع جي آئين کي جنبڙيو پيو آهي؛ هو چاهي ٿو ته غنوي کي به پ پ وانگر وڃي پنجاب جي جهوليءَ ۾ وجهان. غنوي پڻ پاڻ کي قومي پارٽي ثابت ڪرڻ لاءِ اهڙو ئي ڪنو ڪم ڪري وهندي؛ جهڙو هن کان اڳ بينظير ڪري چڪي آهي. غنوي کي جيڪڏهن پنهنجي وڙ سان يا سنڌ جي ماڻهن سان سچائي آهي ته پوءِ ان کي خالص سنڌ جي سياست ڪرڻ گهرجي. ۽ پنهنجي سياست جو لاڙو قوم پرستيءَ ڏانهن ڪرڻ گهرجي. انهيءَ قوم جي سياست ڪرڻ گهرجي. جيڪا قوم اڄ به هن وانگر مظلوم آهي. ڏتڙيل آهي ۽ غلام آهي. جنهن قوم جي حقن تي روزانو نوان نوان ڌاڙا لڳي رهيا آهن. جنهن جا معاشي ۽ اقتصادي وسيلا پنجاب جي مٺ ۾ قابو آهي. غنوي کي اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته ان جي مڙس کي ڪنهن ماريو آهي ۽ ان ۾ ڪهڙيون قوتون ملوث آهن؟ پر ڏسجي ٿو ته هي پڻ ماڻهن کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ مڙس جي لاش تي سياست ڪري ۽ ان کي ڏاڪڻ بڻائي اقتدار تي رسڻ ٿا چاهين. ان ڪري اسان ٿا سمجهون ته ان جي سياست مان ڪو سنڌ کي فائدو پوندو.

سوال: پ پ جي حڪومت جي برطرفيءَ کان پوءِ، جيڪا نگران حڪومت قائم ڪئي وئي آهي؛ ان ۾ سنڌ جو نگران وڏو وزير ممتاز ڀٽي

ڪي بنايو ويو آهي. ممتاز ڀٽو هڪ قومپرست اڳواڻ آهي؛ ۽ هو ڪنفيڊريشن جو حامي به آهي؛ ان ڪري ان جي وڏي وزير ٿيڻ تي خاص ڪري پنجاب مان تمام گهڻي مخالفت ٿي رهي آهي. ان جي باوجود ٻيڻ مائهن جي پيٽ ۾ حڪمرانن ممتاز ڀٽي کي اوليت ڏني آهي؟ ان تي پنهنجي خيال آرائي ڪندا ته مهرباني ٿيندي؟

جواب: موجوده وقت ۾ نه رڳو هن ملڪ ۾ پر پوري دنيا ۾، قوم پرستيءَ جي لهر وڌي رهي آهي؛ ۽ هر ڪا قوم پنهنجي پنهنجي مفادن لاءِ سوچي ۽ وڙهي رهي آهي. هتان جي حڪمرانن به اها ڳالهه محسوس ڪئي آهي. ته هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي نمائندگي ڏجي، جيڪو سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. جو ته سنڌ سان جيڪي ظلم ۽ ڏاڍايون ٿيون آهن، اهي ڪنهن کان به ڳجهيون ڪو نه آهن. ٿي سگهي ٿو ته اها ڳالهه انهن محسوس ڪئي هجي، تنهن ڪري ممتاز ڀٽي کي اقتدار ۾ آندو ويو هجي. اسان وري به ٻين سيني کان ممتاز ڀٽي کي بهتر سمجهون ٿا؛ پوءِ اها پ پ هجي يا نواز شريف هجي؛ اهي سڀ پنجاب ۽ مرڪز جي اختيارن کي وڌائڻ ۽ انهن جي مفادن جي تحفظ جي سياست ڪن ٿا؛ هي واحد ماڻهو آهي؛ جيڪو ڪنهن حد تائين پنجاب ۽ مرڪز جي اختيارن کي پروگرام جي لحاظ کان گهٽائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ قوم پرستيءَ جي ڳالهه ڪري ٿو، ان ڪري هي ماڻهو اسان جي ويجهو آهي.

سوال: ممتاز ڀٽو سنڌ جي حقن جي يا پنجاب جي بالادستيءَ جي خاتمي جي جيڪا ڳالهه ڪري ٿو، انهيءَ تي هو پاڪستان جي موجوده نظام ۾ 1973ع آئين تحت عمل ڪرائي سگهندو ۽ اهو ممڪن آهي؟

جواب: هڪ ماڻهو عام جلسن ۾ ڪلي عام ويهي ڳالهه ڪري ٿو، اسان سياسي ماڻهو آهيون؛ ان ڪري ظاهر آهي ته اسان کي ان جي ڳالهه تي ڌيان ڏيڻو پوي ٿو. ۽ ڪنهن حد تائين يقين به ڪرڻو پوي ٿو، ۽ عملي طرح ثابت ڪري ٿو، پوءِ پنجاب ان کي اقتدار ۾ ويهاري يا نه ويهاري پر هو سنڌ جي مائهن ۾ وڏيڪ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. باقي پنجاب جيڪي هن جي ڪڏ واقعي ڪات ڪهاڙا ڪنيا آهن؛ يا هن جي خلاف جيڪا غلط قسم جي پروپيگنڊه ڪئي پئي وڃي، اها انهيءَ ڪري ٿي رهي آهي جو هن

وقت سندن مفادن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. تنهنڪري انهن کي تڪليف ٿي پئي آهي ته جيڪڏهن سنڌي ماڻهن کي پنهنجا ٿورا گهڻا حق ملندا ته پنجاب بک مري ويندو. چو ته هن وقت سنڌ جا سمورا وسيلا پنجاب لاءِ ڪتب اچي رهيا آهن. جيڪڏهن اهي ان کان واپس ورتا ته لازمي طور هو گهڻ گهوڙا ڪندو. ان ڪري اسان جو خيال آهي ته ممتاز وفاق پرستن کان بهتر ۽ صحيح آهي.

سوال: جيئي سنڌ قومي محاذ پاڻ پنهنجي سر اليڪشن ۾ حصو نٿو وٺي؛ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: هي چونڊون 1973ع جي آئين تحت ٿين پيون، ۽ ان ۾ قومن جي وجود کي تسليم نٿو ڪيو وڃي. ان ۾ "نظريي پاڪستان" ۽ نظريي اسلام جو بنياد رکيو ويو آهي. اسان هڪ علحده قوم آهيون. هي وطن سنڌ اسان جو آهي. ان کي هزارين ورهين جي تاريخ آهي. جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي هئي، ته ان وقت سنڌ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ هو. اسان جي وڏن پاڪستان ان لاءِ نهرايو هو؛ ته اسان جا سنڌي ماڻهو آزاد ۽ خوشحال رهندا ۽ عزت ۽ وقار جي زندگي گذاربندا. سنڌ ۾ سنڌين جي حڪومت هوندي. جهالت ۽ بيروزگاري ختم ٿي ويندي. پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان سان جو ڪجھ ڪيو ويو، اهو ڪنهن کان ڳجهو نه آهي. اسان جي سيني وسيلن تي پنجاب قابض آهي ۽ هيءَ ڌرتي، اسان جو وطن آهي، ان ڪري اسان کي حق آهي ته پنهنجي قوم ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪريون. باقي جيستائين اليڪشن ۾ حصي نه وٺڻ جو تعلق آهي، تنهن لاءِ جيئڻ مون چيو ته هي چونڊون 1973ع جي آئين تحت ٿين ٿيون. ان ڪري اسان ڪنهن به اهڙي اليڪشن ۾ حصو نه وٺنداسين، جنهن ۾ قومن جي وجود جو [illegible]ڪار ٿيل هجي ۽ اسان کان پنهنجي قوم جي بجاءِ ڪنهن ٻيءَ قوم لاءِ [illegible] ورتو وڃي، تنهن ڪري اسان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪريون ٿا ۽ اهو ئي اسان جو اصل مقصد آهي. هونئن به هتي جيڪا پارلياماني سياست ٿئي پئي، يا جيڪا جمهوريت هلي ٿي پئي؛ اها پنجابي فوج جي لانگ بوٽن جي تابع آهي، هتي ماڻهن جي ووٽن جو ڪو به نه قدر آهي ۽ نه اهميت آهي. اهي لانگ بوٽ وارا جڏهن چاهين ٿا. تڏهن پنهنجي

تڏي سان چونڊيل حڪومت کي بہ ختم ڪري ڇڏين ٿا ۽ ان جي جا. تي وري ٻئي ڪنهن گڏي کي آڻي ويهارين ٿا. ۽ پوءِ ان کي پنهنجي مفادن لاءِ ڪتب آڻين ٿا. ان ڪري اسان هن اليڪشن ۾ حصيدار نٿا ٿيون. باقي جيڪڏهن نئين آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون ٿين ٿيون تہ ان لاءِ غور ڪري سگهجي ٿو. اسان جو مقصد سنڌ جي آزادي آهي ۽ اسان جي جدوجهد بہ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ئي هوندي.

سوال: ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ جيئي سنڌ تحريڪ، سائين جي. ايم. سيد جي عدم تشدد جي پروگرام جي پيروڪار آهي، ان لحاظ کان اها سنڌ جي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ نہ گوريلا جنگ تي ڪري ۽ نہ پارلياماني مورچو تي استعمال ڪري تہ پوءِ اها سنڌ جي آزادي ڪيئن حاصل ڪري سگهندي؟

جواب: اسان کي پارلياماني سياست ۾ يقين ڪو نہ آهي تہ ڪو سنڌ جا ماڻهو پارليامينٽ ۾ وڃي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا. باقي جيستائين گوريلا وار جو تعلق آهي تہ اهو حالتن تي مدار ٿو رکي، اسان کي سائين جي. ايم. سيد جيڪو نظريو ڏنو آهي، اهو عدم تشدد جو آهي ۽ اسان ان جي ئي بنياد تي سنڌ جي آزادي حاد ڪري سگهنداسين. اسان جي ماڻهن ۾ جڏهن سياسي ۽ قومر شعور جاڳندو ۽ قومي ٻڌي ايندي، قومي غيرت پيدا ٿيندي ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ منظم ٿيندا تہ آزادي بہ ممڪن ٿي پوندي. اڄ ڪلهہ دنيا تمام سوڙهي ٿي وئي آهي. هڪ ملڪ جي هڪ منٽ بلڪہ سيڪنڊن ۾ سڄي دنيا ۾ خبر پهچي وڃي ٿي. جڏهن اسان جو ماڻهو سنڌ جي آزاديءَ کي دل سان قبول ڪندو، ۽ ان لاءِ ميدان ۾ نڪري ايندو تہ اسان کي هٿيارن هلائڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي.

سوال: توهان ممتاز ڀٽي کي ٻين جي ڀيٽ ۾ بهتر ۽ چڱو ڇيو آهي. توهان جي پارٽي جو اخبارن ۾ موقف بہ آيو آهي تہ جيتوڻيڪ توهان پاڻ چونڊن ۾ نہ ٻيهندا، پر سنڌ دوست ۽ قوم پرست ڌرين جي حمايت ڪندا. ان سلسلي ۾ توهان ممتاز ڀٽي سان ڪو اتحاد جوڙي يا سندس حمايت وغيره ڪري سگهو ٿا؟

جواب: ممتاز ڀٽو جيڪڏهن اسان جي ضرورت محسوس ڪندو تہ

ڪنداسين. ڇو تہ اسان انهيءَ اليڪشن ۾ حصو نٿا وٺون، باقي اسان جي پارٽيءَ جي فيصلي مطابق ڪنهن جي بہ غير مشروط حمايت نہ ڪنداسين. ممتاز ڀٽو هينئر سنڌ جو حڪمران آهي ۽ اسان جا سوين ڪارڪن جيلن ۾ بند آهن: اڄ بہ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جيل ۾ بند آهي، مير محمد سومرو، طاهر سومرو، منير سومرو، عبدالله سومرو، مختيار احمد بروهي، جميل ڏونڪائي، لالا اسد پٺاڻ، سڪندر ميرائي ۽ پيا لاڙڪاڻي ۽ ٻين ضلعن جا ڪيترائي ڪارڪن آهن، اهي دوست خالص سياسي ڪيسن جي ڪري جيلن ۾ آهن. هنن سائين جي. ايم. سيد جي علاج واسطي احتجاج ڪيو هو ۽ اڃان تائين بند پيا آهن، ان کان سواءِ سن تي جيڪا پ پ حڪومت ڪاهہ ڪئي هئي، ان حوالي سان بہ ڪيترائي ماڻهو اڃان جيلن ۾ آهن، ڪيس تہ معمولي آهن پر اسپيشل ڪورٽن ۾ آهن. اسان ممتاز ڀٽي کان گهر ٿا ڪريون تہ جهڙيءَ طرح ايم ڪيو ايم جي ماڻهن کي آزاد ڪيو پيو وڃي، ۽ کين رليف ڏنو پيو وڃي تہ اسان جي ڪارڪنن کي بہ آزاد ڪيو وڃي. اسان کانئس توقع رکون ٿا. تہ هو اسان جي ڪارڪنن کي آزاد ڪندو. ۽ سنڌ جي معدني وسيلن کي سنڌ جي حوالي ڪرڻ لاءِ موقف اختيار ڪندو ۽ ڌارين جي آبادڪاريءَ کي روڪيندو. جيڪڏهن هو هنن مسئلن تي پنهنجو موقف واضح ۽ چٽو ڪندو تہ اسان ان جي حمايت ڪنداسين.

سوال: مهاجر سياست ايم ڪيو ايم جي هٿ ۾ آهي: توهان جي تحريڪ مهاجرن ۽ ايم ڪيو ايم جي سياست لاءِ ڪهڙو موقف رکي ٿي ۽ سنڌ جي آزاديءَ کان پوءِ مهاجر مسئلي کي ڪيئن حل ڪندي؟

جواب: مهاجر هاڻ سنڌ جو حصو ٿي ويا آهن: ۽ انهن کي سنڌي ٿي رهڻو پوندو. کين هن ڌرتيءَ کي پنهنجي ماءُ قبول ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن کين سنڌ ۾ رهڻو آهي تہ پوءِ سنڌ جي مفادن کي کين ٻين سڀني مفادن تي ترجيح ڏيڻي پوندي ۽ ان لاءِ کين اسان سان گڏجي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن مهاجر سنڌ ۾ اهو ڪردار ادا ڪندا، تہ اسان جا ڀائر آهن: هيءَ ڌرتي تمام وڏي ۽ وسيع آهي. هن وٽ دولت جا تمام وڏا وسيلا آهن. جيڪڏهن سنڌ آزاد ٿيندي تہ مهاجر ۽ سنڌي سيئي خوشحال زندگي گذاري سگهن ٿا. اسان وٽ غربت رهندي

ٿي ڪا نه. نه مسئلا به نه رهندا. مهاجرن جي قيادت ڪنهن وٽ به نه هئي. هتي تي هيڏو سارو تشدد ٿيو آهي؛ ۽ ٻ پ وارن جي هيڏي وڏي ظلم ۽ جبر جي باوجود اهي ايم ڪيو ايم کي ٽوڙي ختم ڪري نه سگهيا آهن. اهو جيڪو چيو وڃي ٿو نه اسان مهاجرن کي ٻمن سان اڏائي ۽ سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏينداسين. سي سڀ احمقيائيون ڳالهيون آهن. اسان کي هن ڌرتيءَ تي گڏجي رهڻو آهي. هيءَ امن، محبت ۽ پيار جي ڌرتي آهي. هتي جيڪڏهن امن سان رهڻو آهي نه پوءِ اهو ڳالهين سان ٿي ٿي سگهي ٿو. هتي کي به هاڻي اها ڳالهه سمجهه ۾ ويئي آهي نه هو جيڪڏهن سنڌ کي پنهنجي ڌرتي ماءُ تسليم نٿا ڪن، سنڌ سان پنهنجي محبت جو رشتو نٿا جوڙين. نه پوءِ هيءَ ڌرتي کين جاءِ نه ڏيندي. سنڌ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. هن ڌرتيءَ تي سدائين امن جا پيغمبر پيدا ٿيا آهن. جن جو پيغام سنڌي ماڻهن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. سنڌي ماڻهن ۾ قومي غيرت ۽ حب الوطني جو جذبو آهي. اهو سنڌن دلين مان ڪڏهن به نڪري ۽ ختم ٿي نٿو سگهي. انهيءَ ۾ ماٺار اچي سگهي ٿي. اسان جون پنهنجون ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون ٿي غلامي جي غار ۾ ڌڪي ويون آهن؛ جيڪڏهن اسان منظم ۽ مضبوط ٿي وينداسين نه سنڌ وٽ وڏي سگهه آهي. سنڌ وٽ امن ۽ محبت جو پيغام آهي. جيڪو هڪ مشن آهي؛ ان کي سنڌين کي اڳتي کڻي هلڻو آهي. جيتوڻيڪ هن وقت وقتي طور اسان ۾ خرابيون ۽ خاميون پيدا ٿي پيون آهن؛ پر اسان کي يقين آهي نه اڳتي هلي اسان ۾ سنايون ۽ چڱايون به پيدا ٿينديون؛ سٺا ماڻهو پيدا ٿيندا. اسان ۾ قومي جذبو ۽ قومي غيرت پيدا ٿيندي. اسان جا ماڻهو وقتي طور تي برابر ڪنهن لهر ۾ لڙهي وڃن ٿا پر دائمي طور اهي ايترو ويل ڪو نه آهن. نه ڪو ايترا بي غيرت آهن. جو سنڌ ڌرتي جو اکين سان سودو ٿيندي ڏسندا ۽ پوءِ به چپ ڪري ويهندا. اسان کي يقين آهي نه سنڌ جو ٻيهر هڪ ڏينهن جاڳندو ۽ منظم ٿيندو ۽ مهاجرن کي به سنڌين جو ٿي ساٿ ڏيڻو پوندو. نه نه هو به مارجي ختم ٿي ويندا. ۽ ڌرتيءَ تان ٽڏجي ويندا. ان ڪري انهن لاءِ به اهو بهتر آهي نه جڏهن خدا تعالىٰ کين سنڌ ڌرتيءَ جهڙي عظيم نعمت نصيب ڪئي آهي نه اهي به ان ڌرتيءَ جا پٽ ٿي ڏيکارين ۽ اسان جا ڀائر ٿي رهن. نه اسان کي اکين تي آهن ۽ قبول آهن.

سوال: آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ جيڪي بہ دنيا جون تنظيمون آهن؛ انهن وٽ پنهنجي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا هوندي آهي پر سنڌ جي قومي تحريڪ وٽ اڄ تائين رڳو پرنٽ ميڊيا ۾ پنهنجي اخبار يا باقائده رسالو بہ ڪو نہ آهي؛ توهان جو ان طرف ايڏو عدم توجهہ ڇو رهيو آهي؟

جواب: اسان جون خواهشون تہ تمام وڏيون آهن، تہ هينئن بہ ڪريون ۽ هوئنئن بہ ڪريون پر جيئن مون توهان کي ٻڌايو تہ وسيلن جي کوٽ آهي. اسان جا سڀ ڪارڪن غريب آهن، اسان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ضلعي کان ٻئي ضلعي ۾ پهچڻ لاءِ بہ مسئلو ٿي پوندو آهي. ان ڪري بہ اسان پنهنجي ميڊيا واري پاسي کي مضبوط ڪري نہ سگهيا آهيون؛ جنهن لاءِ ظاهر آهي تہ پئسو ئو خرچ ٿئي؛ بمقليت، ڪا اخبار يا رسالو وغيره تہ ڪڏهن ڪڏهن نڪرندا رهندا آهن پر اهو منظم طريقي سان نہ ٿيو آهي. اسان جي ذهن ۾ آهي تہ اسان سال بسال پنهنجي بجيٽ ناهيون؛ جنهن ۾ اسان پريس ڏي بہ توجهہ ڏيون ۽ ٻيون بہ گهربل ضرورتون پوريون ڪريون.

سوال: توهان جي آزاديءَ کان هڪدم پوءِ توهان جي والد جي حوالي سان هڪ خبر ڇپي هئي؛ جنهن ۾ چيل هو تہ هو هاڻي پنهنجي پٽ بشير خان کي سياست ۾ حصو وٺڻ نہ ڏيندو، تنهن کان پوءِ اتفاق سان توهان جي غير سرگرم ٿي گهر ويهڻ جي ڪري بہ ڪن ماڻهن کي محسوس ٿيو تہ شايد بشير خان ان ڳالهہ تي سنجيدگيءَ سان سوچي رهيو آهي، ان لاءِ توهان ڇا چوندا؟

جواب: دراصل اها خبر بابا سائين جي ڏنل نہ هئي؛ آئون آزاد ٿي، جيئن ئي ڳوٺ پهتس تہ سندن طبيعت نهايت خراب هئي؛ ۽ هو ڪٽ تان اٿي بہ نہ ٿي سگهيو ۽ نہ پورو ڳالهائي ٿي سگهيو، ۽ بابا سائين گهر ۾ ئي هو، جتي ان سان ڪو بہ صحافي يا ٻيو ڪو ٻاريون ماڻهو ملي بہ نٿي سگهيو. جڏهن مون بابا کان ان خبر بابت پڇيو تہ هن مون کي ٻڌايو تہ کيس ان باري ۾ ڪا بہ خبر ڪا نہ آهي. باقي ظاهر آهي تہ جيڪڏهن ڪن والدين جا سالن کان پٽ قيد ۾ بند پيا هجن، تن لاءِ ٿي سگهي ٿو، تہ ڪڏهن ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ ائين چئي بہ وجهندا هجن، پر مون کي بابا سائين ڪڏهن بہ سياست کان نہ جهليو آهي. هن تہ پاڻ منهنجي ڪري جيل ڪاٽيا آهن، مون

جيئن ئي ميٽرڪ پاس ڪئي آهي؛ تڏهن کان جيئن ئي مون پنهنجو گهر ڇڏيو آهي؛ تہ ڪڏهن ڏهہ ڏينهن بہ سانده گهر ۾ ڪو نہ رهيو آهيان. آئون 1976ع کان گهر کان نڪتو آهيان ۽ اڄ 1976ع آهي. پورا ويهہ سال ٿي ويا آهن. ظاهر آهي تہ پيءُ ۽ ماءُ جون بہ اولاد ۾ اميدون رهن ٿيون. ان ڪري اسان کي پنهنجي مائٽن جو جيڪو خيال رکڻ کپندو هو. سو اسان رکي نہ سگهيا آهيون؛ پر اها ڳالهہ منهنجي والد نہ ڪئي آهي. اها ان سان غلط طريقي سان منسوب ڪئي وئي آهي.

1983ع ۾ فوجين ڪاري موري حيدرآباد ڪاليج ۾ شاگردن سان ڏاڍايون ڪيون هيون. جنهن لاءِ اسان احتجاج ڪرايو هو ۽ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرايو هو؛ ان جي ڏوهہ ۾ منهنجي والد کي ست مهينا نارا جيل ۾ وٺو ويو هو. جيڪو ماڻهو پٽ جي خاطر سزائون ڪاٽي اچي ٿو. جيل ۾ پوي ٿو. ڏهہ پندرهن دفعا گرفتار ٿئي ٿو. ۽ آئون بہ اٺ نوَ سال جيل ۾ رهيو آهيان. جنهن لاءِ انهن ڪيسن ۾ لوڙيو آهي. ظاهر آهي تہ هڪ پيءُ جي دل ڪڏهن ڪڏهن اهڙا رمارڪ ڏئي بہ سگهي ٿي، پر مون کي يقين آهي تہ بابا ائين نہ چيو آهي. جو تہ آئون جيئن ئي آزاد ٿي ڳوٺ پهتس تہ بابا کي ڪٽائي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخل ڪرايم. جنهن کي تقريباً ڏيڍ مهينو ٿيو آهي. پر منهنجو والد اڃان تائين بيمار آهي، تنهن کان پوءِ اوچتو ئي منهنجي والده بہ بيمار ٿي پئي. جنهن کي بہ بابا سان گڏ اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو. جيڪا هفتي ڏيڍ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري وئي. تنهن ڪري آئون انهيءَ ئي سلسلي ۾ پنهنجي گهر ۾ ئي مصروف رهيس. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ اسان جي پنهنجي والدين جي بيمارين جا ذميوار بہ اسان پاڻ ئي آهيون. هو اسان کي تارچرن ۾ ڏسن ٿا. جيلن ۾ ڏسن ٿا تہ کين ڏک ۽ تڪليفون پهچن ٿيون. پر سنڌ ڌرتي اسان جي اها ماءُ آهي، جنهن تان اسان پنهنجا پيءُ ۽ ماءُ بہ قربان ڪري سگهون ٿا. ۽ اسان جون پنهنجون زندگيون بہ سنڌ ماءُ تان قربان آهن. ان جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي گهورجي وياسين تہ اسان ڇڻ سڀ ڪجهہ پاتو!

ملي تہ ملندياس، نہ تہ گهوري جان جتن تان.

(شاهہ)

زندان جي جهروڪي مان بشير قريشي ڳالهائي ٿو

سوال: سائين جي. ايم. سيد جي وڇوڙي کان پوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ جو مستقبل ڇا آهي؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد جو مادي وڇوڙو ته هڪ اٽل حقيقت هئي، پر فڪري، ذهني، روحاني طور سيد اعظم جو وڇوڙو ناممڪن آهي. هُن جو فڪر ۽ هُن جي مادي وڇوڙي جي درد مان جڙيل پارٽي اسان جي رهنمائي لاءِ موجود آهي. سيد اعظم جو خال پرجڻ ته ناممڪن آهي، پر هُن جي اعليٰ آدرشي خوابن کي ساپيان ڏئي، هُن سان اها وفا ڪري سگهجي ٿي جنهن جو هو حقدار رهيو اڄ سڄي دنيا ۾ قومپرستي جي شديد اُڀار، سيد اعظم جي نقطهء نظر کي سچ ثابت ڪيو ويو آهي. مستقبل، مستحڪم قومي رياستن جي ترقي جو اعلان ڪري رهيو آهي. افغانستان، هندستان، ايران، چين ۽ آمريڪا سان پاڪستان جا نهايت خراب ٿيندڙ ناتا، پاڪستان جي اقتصادي ڏيوالي، وفاقي ۽ نام نهاد جمهوري حڪومتن جي مڪمل ناڪامي، عوام جي ملڪي پارلياماني سياست کان شديد بيزاري ۽ لاتعلقي وارو رويو ۽ اهڙن ٻين ڪوڙ سبن گڏجي پاڪستاني رياست جي مستقبل تي ڪاري ليڪ ڏئي ڇڏي آهي. سنڌي عوام جو وفاقي سياست تان ايمان ۽ اعتماد مڪمل ختم ٿي چڪو آهي. اهي سڀ شيون قومي تحريڪ جي شاندار مستقبل ۽ سيد اعظم جي خواب جي ساپيان جي ساک ڏئي رهيون آهن، بشرطيڪ اسان گهربل تقاضائن کي پورو ڪندڙ مضبوط عوامي پارٽي منظم ڪري سگهون ۽ اعليٰ قربانين ۽ گڻن واري جدوجهد ڪري ڏيکاريون.

سوال: ڇا پاڪستان جي ڍانچي اندر رهندي سنڌي پنهنجا قومي ۽ جمهوري حق حاصل ڪري سگهن ٿا؟

جواب: جيڪڏهن پاڪستان جا ڪرتا ڌرتا رياستي ڍانچي اندر، قومي ۽ جمهوري حق ڏيڻ لاءِ تيار هجن ها ته بنگلاديش وجود ۾ نه اچي ها. سائين

جي. ايم. سيد 1972ع ۾ اعلان ڪيو تہ هن ملڪ جا سمورا آئيني، قانوني، اخلاقي ۽ انساني جواز ختم ٿي چڪا آهن ۽ هاڻ تہ ثابت ٿيو آهي تہ هن رياست جو سچو وجود اسان جي قومي ڦرلٽ تي بيٺل آهي. اها هاڻ هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ پاڪستان اصل ۾ پنجابستان آهي ۽ پنجاب جي سڄي ترقي ۽ چمڪ اسان جي رت ۽ پگهر سان قائم آهي. جنهن ملڪ ۾ ٽن صوبن جون چونڊيل اسيمبليون ڪالا باغ ڊيم رد ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪن، پر پنجاب ٽن پائرن جي گهر ڪي ٽڏينڌي، وڏو هجڻ جو احساس ڏيارينڌي، ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ جي گهر ڪري ۽ ملڪ جي وزير اعظم پنجاب جو خواهش مطابق پنهنجي پارٽي جي ايم اين ايز کي حڪم ڏئي تہ ڪالا باغ ڊيم کي انڊس ڊيم جي نالي ۾ قبول ڪريو. اهڙي ملڪ ۾ ڪهڙا قومي ۽ جمهوري حق ملي سگهن ٿا. هتي جمهوريت جو مطلب ووٽ آهي ۽ ووٽ ٿي هن ملڪ ۾ سڀ کان وڌ تذليل جو شڪار ٿيو آهي. پاڪستان جهڙي استحصالي ۽ انسانيت دشمن رياست کان قومي ۽ جمهوري حق گهرڻ يا حقن ملڻ جي توقع ڪرڻ. فاتحن اڳيان ذلت آميز مفتوحانہ ذهنيت جو مظاهرو ڪرڻ ۽ آزيون نيزاريون ڪرڻ ۽ ليلائڻ جي برابري آهي، اهڙي رياست کان صرف ۽ صرف مڪمل قومي آزادي ونبي آهي. گهربي ناهي، پر ونبي آهي، قومي شان ۽ اوچي ڳاٽ سان.

سوال: سنڌي دانشورن گڏجي سڄاڻ ماڻهن جي هڪ اسيمبلي وارو فورم ٺاهيو آهي، ڇا اهو سنڌ جي مسئلن جي حل ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو؟

جواب: ڪنهن بہ مقدس نالي ۽ حرفت سان ڪيل ڪو بہ اهڙو عمل جيڪو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي پاڪستاني وفاق، پيپلز پارٽي يا ٻئي ڪنهن بہ پنجوڙ ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪيل هجي ان جي تعريف نٿي ڪري سگهجي، ان جي ڀربور مذمت ڪري سگهجي ٿي. اسان جا رشتا، ناتا، ادب، احترام، سڀ ڪجهہ مشروط آهن. سنڌ ۽ سنڌ جي مفادن سان ڪير ڪيترو بہ محترم هجي، پر اسان رشتن ۽ لحاظ سبب، ڪنهن کي اها اجازت نٿا ڏئي سگهون تہ هو سنڌ جي سر بازار سودو ڪندو وتي. ڊيموڪريٽڪ گروپ هجي يا ٻيو ڪير، اسان سنڌ جي قومي تحريڪ کي سيني لاءِ هڪ "چيڪ" بڻائيندا سين. ان معاملي تي اسان جو پارٽي چيئرمين تفصيلي

ڳالهيون ڪري چڪو آهي ۽ اسان سيني جو موقف قومي تحريڪ جو گڏيل موقف آهي.

سوال: اوهان تي الزام لڳندو آيو آهي تہ توهان تعليمي ادارن ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر کي هٿي ڏني آهي؟

جواب: الزامن جي ڪائي اهميت ناهي. اسان جو ڪردار ۽ اسان جي تنظيم جو ڪردار کليل ڪتاب جيان آهي. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، سنڌ جي قومي تحريڪ جو اولين ۽ نهايت مضبوط مورچو رهيو آهي. ان جي وڌندڙ اثر ۽ مقبوليت کي ختم ڪرڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي سنڌ جي سمورن تعليمي ادارن اندر سپاف قائم ڪرائي، نہ صرف ان جي ميمبر شاگردن کي هٿيارن سان ليس ڪيو پر آئوٽ سائيڊر هٿياربندن کي تعليمي ادارن ۾ جهيڙن لاءِ اماڻيو ۽ انهن سان گڏ پوليس ۽ ٻيا سرڪاري هٿياربند اهلڪار پڻ ساٿ ۾ ڏنا ويا، پر جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ جي قومي ۽ عملي شعور واري مورچي کي بچائڻ لاءِ شاندار مدافعتي ۽ مزاحمتي جدوجهد ڪئي. ان ڪان پوءِ ضيائي مارشل لا جي ديوَ سان جساف سپ کان سگهارو مهاڏو اٽڪايو ۽ پنهنجا ڪونڊر ڪُهايا. سرڪاري ايجنسين جي سازشن ذريعي ڪريٽ شاگرد اڳواڻن کي خريد ڪري انهن معرفت ڏوهن جي آبياري ڪئي وئي. اسان نٿا چئون تہ اسان فرشتا آهيون پر اسان شعور طور سنڌ جي مفادن سان غداريءَ جو تصور بہ گناهہ سمجهون ٿا. ان معاملي ۾ سنڌ جي سڄاڻ ترين، قومي اڳواڻن ۽ دانشورن تي مشتمل ڪا بہ متفقہ قومي عدالت يا انڪوائري ڪميٽي نهي ٿي تہ اسان ان جي آجيان ڪنداسين ۽ ان اڳيان ايمانداري سان پيش پونداسين. اسان سنڌ جا نمڪ حلال پُٽ آهيون. اسان سنڌ جي علم ۽ شعور کي بچائڻ لاءِ رياستي سازشن ذريعي سنڌ جي مقدس ادارن اندر پيدا ڪيل ڪلاشنڪوف ڪلچر جي داداگيرين خلافَ مهاڏو اٽڪائڻ جي ڏوهہ جا گنهگار آهيون، باقي الزامن جا تعذير تہ فقيرن لاءِ اعزاز هوندا آهن.

سوال: نواز ليگ ۽ پ پ پ حڪومت ۾ عملن ڇا فرق آهي. ڇا نواز سنڌ ۾ پاڙون مضبوط ڪري سگهندو؟

جواب: نواز ۽ پ پ پ ۾ بحيثيت وفاق پسند جي، ڪو بہ فرق ناهي.

فرق ڀنهي ۾ صرف اهو آهي ته نواز شريف پنجاب جو سڌو نمائندو آهي ۽ بينظيرُ پنجاب جي اسٽيبلشمينٽ جي ايجنٽ آهي. ممڪن آهي ته نواز شريف پاڪستان اندر ترقي يافته سرمائيدارانه نظام قائم ڪرڻ لاءِ جاگيرداري جو سخت دشمن هجي، جو ته بهرحال هو هتان جي انتهائي ترقي يافته صنعتڪار طبقي سان تعلق رکندڙ آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته اسان جي درد جو دارون پ پ پ، نه نواز ليگ ۽ نه ئي ڪنهن ٻي وفاق پسند ڌر وٽ ملندو. اسان جي مسئلي جو سڌو سنئون حل قومي آزادي آهي ۽ هاڻي قومي آزادي لاءِ جاکوڙيندڙ ڌريون ئي سنڌ جي عوام وٽ مڃتا ماڻينديون. سنڌ جو سٺر سيڪڙو عاقل بالغ عوام جڏهن پاڪستاني اليڪشن ۾ ووٽ ڪاسٽ نه ڪري پنهنجي بيزاري جو اظهار ڪري رهيو هيو ته ان مان ظاهر ۾ هو دراصل قومي تحريڪ جي روشن مستقبل جو ريفرينڊم ڪٽي ڏئي رهيو هو.

سوال: قادر مگسي جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو سنڌو ديش واري لائين تان هٽ ڪٽي ويو آهي. اوهان ڇا چوندا؟

جواب: جن به فردن، گروپن سائين جي. ايم. سيد کي ڇڏيو، انهن جي ڇڏڻ جا سبب ته مختلف ٿي سگهن ٿا پر انهن جو نتيجو هڪ ئي نڪتو آهي ته اڳتي هلي اُهي سنڌ جي قومي آزادي تان هٽ ڪٽي ويا آهن. ان عمل سان قومي تحريڪ کي وقتي ڌڪ يا صدمي سان دوچار ته ٿيڻو ٿو پوي، پر اڳي پوءِ اهڙن ماڻهن جي پنهنجي عاقبت ڏاڍي خراب ٿي ٿئي. اڄ اهي سمورا ليڊر ڪٿي آهن. جن سائين جي. ايم. سيد تي جاگيردار پرست هجڻ جا الزام مڙهي وڏا انقلابي ۽ اصطلاحي نعرا ايجاد ڪيا؟ بهرحال قومي تحريڪ قادر مگسي جي غداري جي صدمي ۾ ڪرڻ يا ڪمزور ٿيڻ کان ڇڙهي ويئي آهي.

سوال: سائين جي. ايم. سيد جي خاندان جو سياسي مستقبل ڪيئن ٿا ڏسو. خاص طور جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ سيد امداد محمد شاهه جي سياسي رول نظر نه اچڻ بابت ٻڌائيندا؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد جو خاندان سنڌ جي قومي تحريڪ لاءِ نهايت عزت ۽ احترام واري مرتبي جو مالڪ آهي. سائين امداد محمد شاهه پنهنجو ڀرپور سياسي ڪردار نڀائي رهيو آهي. ۽ قومي تحريڪ سائين جي هر

سياسي پيش قدمي کي سنڌ جي مفادن وٽان سمجهي ٿي. سائين اسان جي پارٽي جو ميمبر ناهي پوءِ بہ هن جو ڪردار سچي قومي تحريڪ لاءِ سرپرستانہ رهيو آهي. سائين جو فرزند زين شاهہ بحيثيت پارٽي ڪارڪن، پارٽيءَ جي اعليٰ ترين اداري جيئمسڱ ڪائونسل ۾ چونڊجي آيو آهي. جلال محمود شاهہ جهڙوڪر اسان جو ڪوآرڊينيٽر آهي. مطلب تہ رهبر اعظم جي خاندان جو نوجوان نسل قومي تحريڪ سان پارٽي ڪارڪن جي حيثيت سان واڳيل آهي. ڇا اهو ڪافي ناهي؟ اسان سائين جي. ايم. سيد جي خاندان مان سنڌ جي آزادي ۽ حرمت لاءِ جدوجهد جي حوالي سان تهايت مطمئن ۽ پرامید آهيون.

(هيءَ انٽرويو هفتيوار 'وير' حيدرآباد: 10 جون 1996ع تان ورتل آهي)

جيئي سنڌ قومي محاذ وٽ سڌو سنئون آزاد سنڌو ديش جو پروگرام آهي

سوال: اسان جو توهان کان انٽرويو جو پهريون سوال آهي ته ڪالهه متحده جي سربراهه الطاف حسين سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ صحافين کي لنڊن مان جيڪو ٽيليفونڪ خطاب ڪيو آهي؛ توهان جو انهيءَ بابت ڇا چوڻ آهي؟

جواب: الطاف پنهنجي خطاب ۾، سنڌ بابت جيڪو پنهنجو موقف بيان ڪيو آهي؛ اٿون جيئي سنڌ قومي محاذ طرفان ان جي آجيان ٿو ڪيان، ان ڪري جو سنڌي ماڻهن جي ذهن ۾، متحده ۽ الطاف بابت جيڪي ٿورا گهڻا خدشا هئا؛ الطاف جي ڪالهوڪي بيان ۾، انهن جي گهڻي ڀاڱي وضاحت ٿي وئي آهي، ان ڪري سنڌ جي ماڻهن جي اڪثريت به انهيءَ بيان جي آجيان ڪئي آهي.

دراصل اسان سڀني جو ۽ سنڌ جي مڙني مسئلن جو حل به انهيءَ ۾ آهي ته اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ پاڻ ۾ ملي، سنڌ جي آزاديءَ جي لاءِ گڏيل جدوجهد ڪن ۽ پنجاب سامراج جي بالادستيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن.

سوال: ڪن سنڌي دانشورن ۽ صحافين ۽ سياستدانن خدشو ڏيکاريو آهي ته ايتري قدر اُبهري انداز ۾ سنڌ دوستي ۽ سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪئي ڪا چال ته ڪانه آهي. جنهن کي نظر انداز ڪرڻ غلطي ٿيندي، توهان ان بابت ڇا چوندا؟

جواب: پنجاب سامراج اهڙن خدشن جي آڙ وٺي، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ سدائين ويڇن وٿائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن اهي هڪبئي جي ويجها نه اچن. جڏهن به اردو آباديءَ پاران سنڌ دوستيءَ جو هٿ وڌايو ويو آهي ته اهڙن ماڻهن ان کي سدائين شڪ جي نگاهه سان ڏٺو آهي. جڏهن متحده وارن ڪالاباغ ڊيم، ٿاڻي ۽ آدمشماريءَ بابت جيئي

سنڌ قومي محاذ سان ڀھريون ڀيرو 1998ع ۾ ويڇهڙائي پيدا ڪئي هئي تہ پڻ اهڙن ئي ماڻهن پروپيگنڊه ڪرڻ شروع ڪئي تہ اها متحده جي سنڌ جي خلاف هڪ سازش آهي. ۽ اهي سنڌ کي ورهائڻ گهرن ٿا. ان ڪري اهي سنڌي قوم جو حصو ٿي نٿا سگهن. پر الطاف پنهنجي ڪالهوڪي بيان ۾ صاف ڪري ڇڏيو آهي تہ "اسان سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو آهيون. ۽ سنڌ جي ورهاست نٿا چاهيون." انهيءَ لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ جڏهن کان متحده وارن جي قومي محاذ سان ويڇهڙائي پيدا ٿي آهي؛ تڏهن کان هنن ۾ مسلسل مثبت تبديلي اچي رهي آهي. ان ڪري آئون سمجهان ٿو تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ ۾ هرويرو شڪ ڪرڻ منافقت آهي. اسان کي اميد آهي تہ اڳتي هلي، اها ڳالهہ اڃان وڌيڪ چٽي ٿيندي، جڏهن سنڌ جي حقن ۽ آزاديءَ جي گڏيل جدوجهد ٿيندي. باقي جيڪي ماڻهو، دانشور، صحافي يا سياستدان انهيءَ ڳالهہ کي هرويرو انهيءَ تضاد طرف وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي دراصل پنجاب سامراج جي جوڙيل پاليسيءَ تي عمل ڪن ٿا.

سوال: توهان جي پارٽيءَ سان متحده وارن جو 1998ع کان ڪن نقطن تي اتفاق آهي؛ پر اهي ڪڏهن پونم سان ۽ ڪڏهن اي آر ڊيءَ سان بہ گڏ ويهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڇا سنڌن اهڙو عمل اهو نٿو ٻڌائي تہ سنڌن ڪا هڪ پاليسي يا موقف ڪونہ آهي؟

جواب: جيئي سنڌ قومي محاذ وٽ سنڌو سنئون آزاد سنڌو ديش جو پروگرام آهي، جڏهن تہ متحده وارن جي پارلياماني سياست آهي، ان ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اهي سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪرڻ کان ڪيٻائيندا هجن پر اڳتي هلي ڪين اسان جي پروگرام تي اچڻو پوندو. هن وقت جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده جي وچ ۾ سنڌ جي حقن جي صرف ڪن نقطن تي اتفاق آهي، جيڪا ڳالهہ اڳتي هلي ٻنهي کي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ڪرڻ تي متفق ڪندي. باقي جيڪڏهن اهي پونم ۾ ويهن ٿا. يا جيئن ڪجهہ وقت اڳ اي آر ڊيءَ ۾ وينا هئا. تہ اها انهن جي پنهنجي سياسي لائين آهي. نہ اسان کي انهيءَ ۾ مداخلت ڪرڻ جو حق آهي ۽ نہ هو اسان جي پروگرام تي ڪو اعتراض ڪن ٿا. اسان سان انهن جو سنڌ جي مسئلن تي رضاڪارانہ اتحاد آهي. اهو اسان جي وچ ۾ باقائدي ڪو لکت ۾

اتحاد ڪونہ آهي. جنهن تحت اسان انهن سان پابند هجون يا هو اسان سان پابند هجن. ايئن ڪو نہ آهي. اسان جو اتحاد پنجاب سامراج جي خلاف آهي. ۽ اسان ٻئي سمجهون ٿا تہ سنڌ پنجاب جي ڪالوني آهي. باقي اڳتي هلي هن ڪي بہ تجربا سيکاريندا ۽ وقت جي ضرورت ٿيندي تہ اسان ٻئي گڏجي سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد ڪريون پر هو پنهنجيءَ سياست ۽ پارٽي پروگرام ۾ خودمختيار آهن ۽ اسان بہ پنهنجيءَ سياست ۽ پارٽي پروگرام ۾ خودمختيار آهيون. جيڪڏهن هو اڄ پونم ۾ آهن يا پارليامانی سياست ڪن ٿا. يا جمهوريت جي دارا ۾ شامل ٿين ٿا. تہ اها انهن جي پنهنجي سياست آهي؛ انهيءَ سان اسان جي اتحاد جي صحت تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو، پر اها ڳالهہ بہ پنهنجيءَ جاءِ تي آهي تہ هو سنڌ جي موقف بابت جيئن پوءِ تيئن ويجهو واضح ۽ چٽا ٿيندا پيا وڃن. اڄ اهي 1940ع جي قرارداد جي ڳالهہ بہ ڪن ٿا. جڏهن تہ ب پ ۽ مسلم ليگ انهيءَ کان منحرف آهن. ويندي قوم پرستيءَ جون دعويدار ڌريون بہ چٽيءَ طرح آزاديءَ جي ڳالهہ ڪرڻ کان دڄن ٿيون. اهڙيءَ صورتحال ۾ متحده وارن جون اهي ڳالهيون ڪي معمولي يا ننڍڙيون ڪونہ آهن.

سوال: سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهہ بابت عام ماڻهن ۽ ڪارڪنن جو تاثر آهي تہ سائين زين شاهہ جي قومي محاذ ڇڏي وڃڻ کان پوءِ سالگره گڏيل ٿيندي يا هرڪو جدا جدا ملهائيندو؛ انهيءَ سلسلي ۾ توهان جو پروگرام ڪهڙو آهي؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد جي سالگره هميشہ جيئي سنڌ قومي محاذ جي پليٽ فارم تان گڏيل نموني ملهائي ويندي آهي ۽ هن سال بہ اها اسان ئي ملهائينداسين. باقي جيڪڏهن زين شاهہ جي ڪري سيد خاندان ڌر ٿي، قومي محاذ کي نظرانداز ڪري ٿو ۽ سالگره جدا ملهائي ٿو تہ اها ڳالهہ خود سيد خاندان جي لاءِ بہ چڱي ڪانہ ٿيندي، ۽ اسان بہ نٿا چاهيون تہ ڪو سيد جي سالگره کي اختلافن جي ور چاڙهي ڇڏجي يا سن، جيڪو اسان سڀني لاءِ عزت جي جاءِ آهي ۽ سياسي ڪعبو آهي. اتي ڪا خرابي ٿئي. پر تنهن ائين ٿو تہ جڏهن اسان جا ڪارڪن ۽ ورڪر گاڏيون ۽ بسون ڪرائي سن پهچن ٿا ۽ پوءِ جڏهن انهن جي ڪا دل آزاري ٿئي ٿي تہ ظاهر

آهي تہ ماحول خراب بہ ٿي سگهي ٿو، ان ڪري سائين جي سالگرہ اڳ بہ اسان ملهائيندا هئاسون ۽ هاڻ بہ اسان ئي ملهائينداسون. ۽ اسان جي اها ڪوشش هوندي تہ ان کي بهتر نموني سان ملهايو وڃي. پر جيڪڏهن جيئي سنڌ قومي محاذ کي پوئتي رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اها سٺي ڳالهہ ڪانہ ٿيندي.

سوال: جيئي سنڌ قومي محاذ ۾ جيڪي اختلاف پيدا ٿيا هئا، انهن بابت ٻڌائيندا تہ انهن جا بنيادي سبب ڪهڙا هئا؟ جنهن ڪري سيد زين شاهہ جيئي سنڌ محاذ ۾ شامل ٿيو آهي ۽ مير عالم ۽ شفيع برفت جدا وڃي پارٽي ٺاهي آهي؟

جواب: پارٽيءَ جي اندر اختلافن جو بنياد وجهندڙ مير عالم مري هو: جنهن قومي آزاديءَ جي جنگ وڙهندڙ پارٽيءَ جي خلاف محاذ کڙو ڪيو. ۽ انهيءَ لاءِ ماحول جوڙيو. جنهن جا ڪي بہ بنيادي ۽ نظرياتي سبب ڪونہ هئا: رڳو اهو چوندا هئا تہ ڪرپشن آهي، ورڪر خراب آهن، تنظيم ڪاري ڪانہ آهي. هيئن آهي، هونءَ آهي. اهي سڀ اسان جي پارٽيءَ جا انتظامي مسئلا هئا، جيڪي گڏجي ويهڻ ۽ ميٽنگن ۾ حل ٿيڻ جهڙا هئا، پر هو آخر تائين ادارن جي ميٽنگن ۾ ڪونہ ويٺا ۽ ٻاهران ويهي مطالبا ڪندا رهيا. جڏهن تہ اسان جو بنيادي مسئلو سنڌو ديش جي آزادي آهي. انهيءَ لاءِ جدوجهد جي ميدان ۾ ٽپي پوڻ، ۽ حڪمت عمليون جوڙڻ واري ڳالهہ هنن همراهن کي ڏکي لڳي رهي هئي. جڏهن تہ قومي محاذ جدوجهد بہ ڪري پيو ۽ ان سان گڏ عوام کي بہ متحرڪ ڪري پيو، ۽ اها ڳالهہ قومي محاذ جي جدوجهد جي پليٽ فارم تان ماڻهو بہ ٻڌن پيا، انهيءَ ڳالهہ پنجاب سامراج جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون ۽ حڪمرانن ۾ ترٿلو مچي ويو. جنهن لاءِ انهن وٽ بہ چار طريقا هئا، يا تہ هو اسان کي جيلن ۾ واڙي ڇڏين، يا اسان کي مارائي ڇڏين، ٻنهي ڳالهين مان وري بہ فائدو قومي تحريڪ کي ئي پهچي پيو، جنهنڪري انهن وچان ٽيون طريقو اختيار ڪيو تہ جيئن اسان جي اندر ئي اختلاف پيدا ڪيا وڃن. تہ جيئن اسان پاڻ ۾ ئي ڇڙوڇڙ ٿي وڃون. ۽ پوءِ انهيءَ لاءِ اسان جي پارٽيءَ اندر هڪڙو هٿرادو محاذ کڙو ڪيو ويو. جنهن جي ڪابہ آئيني ۽ قانوني حيثيت ڪانہ هئي. رڳو هڪ قسم جو زور

هيو ۽ مطالبو هيو تہ قومي محاذ جي قيادت سائين زين شاهہ کي ڏني وڃي. جڏهن تہ اڳتي هلي ثابت ٿيو تہ اهي ماڻهو خود زين شاهہ سان بہ سچا ڪونہ هئا. جڏهن تہ سندن بنيادي مطالبو ئي اهو هو تہ قيادت زين شاهہ جي حوالي ڪئي وڃي تہ سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ۽ پوءِ اسان قيادت سائين زين شاهہ جي حوالي ڪئي ۽ سڄيءَ قيادت قومي محاذ تان استعيفائون ڏنيون پر پوءِ بہ گڏجي هلڻ نہ ڏنو ويو.

اهڙيءَ طرح سائين زين شاهہ کي پارٽيءَ مان پڄائڻ جو ذميوار اسان مير عالم مريءَ کي ٿا سمجهون. ڇو تہ هن کي سيد زين شاهہ سان وفاداري ڪرڻي ڪانہ هئي ۽ نہ ان جي پنيان وڃڻو هيو؛ هن کي جدا پارٽي ٺاهڻي هئي؛ جيڪا جدا ديگڙي هن چاڙهي آهي. انهيءَ ڪري انهن سيني اختلافن ۽ ڏڦيڙ جو ذميوار مير عالم آهي، جنهن تي پارٽيءَ جون الاهي ساريون چارج شيٽون آهن، جنهن ڪان هو ڪنهن بہ طرح بچي نٿو سگهي. باقي رهيو سائين زين شاهہ تہ هو اسان کي هرويرو ڇڏي وڃي محاذ ۾ ويٺو آهي. جڏهن تہ محاذ قومي آزاديءَ تان اڳ ۾ ئي هٿ کڻي ويو آهي ۽ وڃي پونم ۾ ويٺو آهي. ۽ اتي وڃي صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي، ان ڪري وقت ۽ تاريخ فيصلو ڪندا تہ ڪير صحيح آهي ۽ ڪير غلط آهي.

سوال: سائين جي. ايم سيد جي قومي فڪر جي پوئلڳيءَ ۾ مختلف پارٽيون ۽ ڌڙا جڙي ويا آهن؛ انهن سيني کي گڏائي قومي محاذ وانگر هڪ پارٽي ۾ ويهاري نٿو سگهجي؛ ڇا توهان اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرندا؟

جواب: اسان جي تہ ڪوشش رهي آهي تہ جيڪي سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جا پيروڪار آهن؛ انهن کي پاڻ ۾ گڏائي هلايون. اسان تہ سنڌي ماڻهن کي ۽ ٻين پارٽين کي بہ قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دعوتون ڏئي رهيا آهيون. هيءَ جنگ ڌرتيءَ جي جنگ آهي. سيني سنڌي ماڻهن جي جنگ آهي. انهيءَ ۾ جيترا ماڻهو گهڻا شريڪ ٿيندا. اوترو جلد سنڌ پنجاب سامراج جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي. پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ ماڻهوءَ جون نيتون صاف هجن. ائين نہ ٿئي تہ انهن ماڻهن، ماضيءَ ۾ جيڪي الزام هنيا آهن، ۽ وقت بوقت قومي تحريڪ کي نقصان پهچايو آهي ۽ ائين ڪري انهن سڄيءَ طرح پنجابي ايجنسين جي پاليسين کي

فالو ڪيو آهي، ته جيئن قومي تحريڪ ڪمزور رهندي اچي، ۽ ان ۾ ٽوڙ ڦوڙ پيدا ٿيندي رهي ۽ اها آزاديءَ جي جنگ بهتر نموني ۾ وڙهي نه سگهي. وقت بوقت منتشر ٿيندي رهي، پاڻ ۾ حصن ۽ ٽڪرن ۾ ورهائجندي رهي، جنهن جو سڌو فائدو پنجاب کي پهتو آهي ۽ اسان هاڻ اهڙو اتحاد ڪونه جوڙينداسين، جيڪو قومي آزاديءَ جي جنگ هلندي وري ڏڦيڙ جو شڪار ٿي وڃي، ان ڪري جيڪڏهن ڪو پنهنجون نيتون صاف ڪري ۽ عمل جي ميدان ۾ بهتر ٿي اچي ته. اهو ثابت ڪري ته هو واقعي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سچيءَ دل سان جدوجهد ڪندو، ته اسان کي قبول آهي پر ائين نه ٿيندو ته نعرو ته آزاديءَ جو هڻجي، ۽ ڪم آزاديءَ جي جدوجهد جي خلاف ڪجي. انهي. لاءِ انهن کي عملي طرح ثابت ڪرڻو پوندو ته اهي انقلاب دوست آهن ۽ ثابت قدميءَ سان آزاديءَ جي جدوجهد ڪرڻ گهرن ٿا. چاڪاڻ ته اسان جو ڪو اقتدار لاءِ جهيڙو ڪونه آهي، اسان کي ته سائين جي. ايم. سيد جي فڪر تحت سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙڻو آهي ۽ پاڻ پتوڙڻو آهي. انهيءَ جي حاصلات لاءِ جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو اچي ٿو ته اسان کي قبول آهي.

سوال: تازو نواز شريف کي جيل مان ڪڍي، جلاوطن ڪيو ويو آهي؛ ان جو انهيءَ بابت ڪهڙو موقف آهي؟

جواب: نواز شريف حڪمران قوم جو فرد هو ۽ هو هڪ پنجابي هيو؛ ۽ پنجابين جي پاڪستان تي حڪمراني آهي. ان ڪري هاڻ اها ڳالهه واضح ۽ چٽي ٿي وئي آهي ته حڪمران قوم ۽ محڪوم قوم جي فرد ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي. انهيءَ تي اسان کي ڪابه حيراني ڪانه ٿي آهي. اسان ته اڳ ۾ ئي چئي چڏيو هو ته پنجاب جي ئي هڪ هٽي آهي ۽ اهو ڏنڊي جي زور تي حڪمراني ڪري رهيو آهي، ان ڪري نواز شريف کي ڪجهه به ڪونه ٿيندو. ڇو ته هو هڪ پنجابي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اجان وڌيڪ حيرت وارا ڪارناما به ٿي سگهن ٿا هن کي ته سعوديءَ موڪليو ويو آهي پر جيڪڏهن جيل مان ڪڍي حڪمران ڪري ويهاري ڇڏين ها. تڏهن به عجب جهڙي ڳالهه ڪانه هئي. هي ملڪ ئي پنجابين جو آهي ۽ انهن لاءِ هر ڳالهه جائز آهي.

سوال: چون ٿا تہ آمريڪا ۽ سعودي عرب جو دٻاءُ هو، ان ڪري نواز شريف کي ڇڏيو ويو آهي؟

جواب: ايڏا دٻاءَ ۽ ان کان وڏا پريشر ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ بہ پيا هئا، ڀٽي لاءِ تہ سڄي دنيا جي ملڪن ۽ انهن جي سربراهن اپيلون ڪيون هيون، پوءِ ان کي ڇو نہ آزاد ڪيو ويو ۽ ضد ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. هي سڌو سنئون پنجابين جو پنهنجو فيصلو آهي.

سوال: نواز شريف جي جلاوطنيءَ کان پوءِ خبرون اينديون رهيون تہ پ پ ۽ فوج جي وچ ۾ ڏي وٺ ٿي رهي آهي ۽ پوءِ وري ٻنهي جي وچ ۾ چپڪلسز بہ شروع ٿي ويئي، پ پ جي فوج سان ڪڏهن ويجهڙائي، ڪڏهن ناراضپو، اهو ڇا آهي. ان بابت توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: پنجاب، پ پ، مسلم ليگ ۽ فوج، هڪئي جا سئوٽ ماسات ۽ سالا پيٽويا آهن. ۽ پنجاب جا مهرا آهن. انهن جو ڪوبہ دين ڌرم ڪونہ آهي. اهي ڪهڙي بہ وقت پاڻ ۾ پرچي بہ سگهن ٿا ۽ رسي بہ سگهن ٿا. ڀ ڀٽي صاحب کان وٺندي بينظير تائين جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو صرف اقتدار جي حاصلات جو آهي ۽ جڏهن بہ کين اقتدار مليو آهي تہ نو فوج جي راضپي سان مليو آهي ۽ هي بہ فوج جي مرضيءَ مطابق هلندا آهن ۽ فوج جي جوڙيل پاليسين تي عمل ڪندا آهن. هن وقت بہ فوج سان نهڻ لاءِ هي تہ هر وقت آماده آهن پر في الحال فوج کين قبول نٿي ڪري، هنن جو مقصد اقتدار آهي. سنڌ جي فائدي يا سنڌي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هنن وٽ ڪو بہ پروگرام ڪونہ آهي. فوج جي حڪومت هجي، پ پ جي حڪومت هجي، يا هن ملڪ ۾ ڪهڙي بہ جمهوريت جي حڪومت هجي يا گورنر راڄ هجي يا مارشل لا هجي، اسان سڀني کي هڪڙي سڪي جا ٻہ پاسا سمجهون ٿا. انهن جو هڪڙو ئي موقف آهي، ٻيو موقف قوم پرستن جو آهي. سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جو آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ جو آهي.

سوال: ايم ڪيو ايم جي پونم ۾ شموليت بابت توهان جو ڪهڙو موقف آهي يا ايم ڪيو ايم کي پونم ۾ شامل ٿيڻ کپي يا نہ؟

جواب: متحده وارن کي جيڪڏهن سنڌ جي سياست ڪرڻي آهي تہ پوءِ انهن کي اڳي پوءِ اسان سان قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻو

پوندو، انهيءَ ۾ سنڌين فائدو ۽ مفاد آهي، باقي پونم جو اتحاد پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ناهيو ويو آهي ۽ جيئن ته پونم جو پروگرام تدبرو آهي؛ صوبائي خودمختياريءَ وغيره جو آهي ۽ جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي ڳالهه آهي، ان جي پيٽ ۾ اسان جي ڳالهه گرم آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه آهي، ان ڪري اهي اتي به ويهڻ گهرن تا پر آئون سمجهان ٿو ته متحده وارن کي اسان سان کلهو کلهي ۾ ملائي سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد ڪرڻ گهرجي ته وڌيڪ بهتر آهي.

سوال: پونم ۾ ويٺل ڪجهه سنڌي قوم پرست ڌريون ايم ڪيو ايم جي شموليت جون مخالف آهن؛ توهان جي خيال ۾ انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي؛ ٻئي طرف اي. آر. ڊي وارا ايم ڪيو ايم کي شامل ڪرڻ لاءِ تيار آهن پر ان لاءِ ايم ڪيو ايم شرط رکيا آهن؟

جواب: پونم ۾ پنجاب نواز ماڻهو ويٺا آهن، جيڪي پنجاب نواز پاليسين تي عمل ڪندا رهن ٿا، ته ملڪ نه ٽٽي ۽ پنجاب سان گڏجي رهون. انهيءَ جي لاءِ اهي ڪڏهن 1940ع جي قرارداد ته ڪڏهن صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهه ڪندا رهن ٿا، ان ڪري متحده ڪٽي پونم ۾ وڃڻ به چاهي ٿي پر اهيءَ کي هو شامل نه ڪندا. ڇا جي ڪري ته اتي اڳ ۾ ئي پنجاب نواز ماڻهو ڪپ ڪوڙيو ويٺا آهن. جيڪي نٿا چاهين ته سنڌ جا قوم پرست ۽ متحده گڏجي سنڌ جي ڀلائي لاءِ ڪو ڪم ڪن يا ڪا جدوجهد ڪن.

سوال: مسلم ليگ، پ پ ۽ اي آر ڊيءَ وارا به ته پنجاب نواز آهن، اهي ته پنهنجي اتحاد ۾ ايم ڪيو ايم کي شامل ڪرڻ لاءِ منٿون پيا ڪن، ائين ڇو آهي؟

جواب: اهي منٿون نه پيا ڪن پر پاڻ ايم ڪيو ايم کي ڦاسائڻ لاءِ سازشون پيا ڪن. اها ته حقيقت آهي ته مسلم ليگ ۽ پ پ وارا عدالتن کان ماورا قتلن ۾ ملوث رهيا آهن ۽ اهي ڳالهيون انهن وقت بوقت تسليم به ڪيون آهن. پوءِ ڇو نٿا اعتراف ڪن ته انهن کان غلطيون ٿيون آهن؛ ان جو مطلب ته اهي اتحاد بابت نڳيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهن؛ ۽ نڳي ۽ منافقت وارا اتحاد ڇٽڻ ڏيڻهن لاءِ هوندا آهن. پ پ ۽ اي آر ڊي وارن جي ايم ڪيو

ايم ان ڪري مجبوري آهي، جو شهرن جي اندر اسٽريٽ پاور متحده وٽ آهي ۽ اهي متحده کي اقتدار جي ڏاڪڻ طور استعمال ڪرڻ گهرن ٿا ۽ متحده لاءِ ڪنهن جي اقتدار جي حاصلات جي ڏاڪڻ بنجڻ کان بهتر آهي ته هو پنهنجو رستو اختيار ڪري.

سوال: توهان جي پارٽيءَ لاءِ تاثر آهي ته انهيءَ آزاديءَ جي جدوجهد ڇڏي، شگر ملن جي اڳيان ڌرڻا هڻڻ شروع ڪيا آهن؟

جواب: اسان جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي خلاف انهيءَ پروپيگنڊه کي هڪ ذريعو بڻايو ويو آهي ته هي ڪڏهن ڏيمن جي خلاف جدوجهد ڪن ٿا، ڪڏهن پاڻي لاءِ ٿا جدوجهد ڪن، ڪڏهن ماڻهن جي روزگار جي لاءِ ٿا جدوجهد ڪن، ڪڏهن ڌارين جي آبادڪاري جي خلاف جدوجهد ڪن ٿا، ڪڏهن آدمشماريءَ جي لاءِ ٿا جدوجهد ڪن، اهي سڀ الزام ان ڪري ٿا لڳن ته جيئن قومي محاذ کي اهڙيءَ طرح بدنام ڪيو وڃي.

دراصل جيئي سنڌ قومي محاذ سمجهي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو اڃان سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ڪو نه آهن بلڪ ننڍن ننڍن خسيس مفادن کي ان تي ترجيح ڏين ٿا. اهي ننڍن ننڍن مسئلن ۽ مشڪلاتن ۾ ڦاٿا پيا آهن، ان ڪري ماڻهن ۾ قومي جذبو ۽ قومي غيرت پيدا ڪرڻ جي لاءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو آهي ته جيئن انهيءَ جدوجهد جي ذريعي ماڻهن ۾ هڪ اسپرٽ پيدا ڪري سگهجي ۽ هڪ اتساهه پيدا ڪري سگهجي. جيئن اهي ننڍيون ننڍيون ڪاميابيون ماڻي، وڏيءَ جدوجهد لاءِ تيار ٿي سگهن. اهڙيءَ طرح اسان ماڻهن مان ڊپ ۽ لالچ ڪڍڻ لاءِ ڪين جدوجهد ۾ شريڪ ڪري رهيا آهيون. پوءِ اها جدوجهد نوڪرين مان برطرفين جي خلاف به هوندي آهي، روزگار جي حاصلات لاءِ به هوندي آهي. پاڻي لاءِ به هوندي آهي. جيڪو سنڌ جو هڪ بنيادي مسئلو آهي. پاڻي نه ايندو ته سنڌ ريگستان ٿي ويندي. سنڌي ماڻهو تباهه ٿي ويندا، ۽ سنڌ سوماليا ۽ ايٿوپيا بنجي ويندي. جو ته اڳي پوءِ جدوجهد جو ئي رستو اختيار ڪرڻو آهي، ان ڪري ا ان ماڻهن ۾ همت، حوصلو ۽ جرئت پيدا ڪرڻ لاءِ، جدوجهد ڪندا آهيون ۽ اها جدوجهد سنڌ

جيِ هر مسئلي تي ڪندا آهيون ۽ هر ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف ڪندا آهيون.

سوال: موجوده اليڪشن ۾ توهان جي پارٽي جي ڪجھ مرڪزي ماڻهن بہ حصو ورتو آهي، جڏهن تہ توهان جي پارٽي ۽ سائين جي. ايم. سيد جي قومي فڪر جو موقف اليڪشن ۾ بيهڻ جو ڪو نہ رهيو آهي: ڇا توهان اليڪشن ۾ حصو وٺي، پنهنجي پروگرام ۾ تبديلي تہ نہ آندي آهي؟

جواب: جيئي سنڌ قومي محاذ ڪنهن بہ حوالي سان پنهنجا ماڻهو چونڊن ۾ نہ بيهاريا آهن، ۽ اها اسان جي پارٽيءَ جي پاليسي آهي تہ اسان ڪي چونڊن ۾ حصو وٺڻو ڪونهي، باقي رهي ڳالهہ تہ سنڌي ماڻهن ڪي چونڊن ۾ بيهڻ جو ايڏو تہ ڪو هر ڪنيل آهي، جو اسان ڪيتري بہ ڪوشش ڪريون پر ماڻهن کي روڪي نٿا سگهون. جيتوڻيڪ بلدياتي چونڊن جي حوالي سان اسان جي پارٽيءَ جو فيصلو هو تہ حصو وٺبو پر هي ضلعي حڪومتن وارون چونڊون غلط ٿا سمجهون. انهن ۾ اسان حصو وٺڻ لاءِ سوچي بہ نٿا سگهون. پر چڱن ماڻهن جي اسان حمايت ڪندا آهيون، جيڪي حڪومت جي مشنريءَ جو حصو نہ ٿي سگهن ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري سگهن.

(هيءُ انٽرويو ماهوار "سانجهہ" جي شماري 1-2-2001 تان ورتل آهي.)

سنڌ هڪ علحده وطن آهي،
آزادي اسان جو بنيادي حق آهي

سوال: اسان جو توهان کان پهريون سوال ساڃاهه جي "سائين جي. ايم. سيد نمبر" بابت آهي. توهان ڪافي وقت سائين جي. ايم. سيد ۽ ان جي قومي تحريڪ سان لاڳاپيل رهيا؛ توهان سائين جي. ايم. سيد کي سنڌ ن ذاتي زندگيءَ ۽ فڪري زندگيءَ ۾ ڪيئن ڏٺو؟

جواب: رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد هڪ اعليٰ انسان هو؛ جنهن ۾ پيغمبرن واريون صفتون موجود هيون. هو هڪ بااخلاق، باڪردار انسان هو. هڪ عالم، اديب، دانشور ۽ مفڪر هو. هو هڪ اهڙو عظيم انسان هو؛ جيڪو سڄيءَ دنيا جي علم کان، ادب کان، ۽ سياست کان چڱيءَ ريت واقف هو ۽ پنهنجي قوم جي اهنجن ۽ ايذائن ۽ غلاميءَ جي پس منظر کان واقف هو. هو چاهيندو هو تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم آزاد ٿئي ۽ خوشحال زندگي گذاري ۽ امن عالم هجي، اتحاد انساني هجي ۽ انسان ذات ترقي ڪري ۽ هر ڪا قوم پنهنجي ملڪ ۽ وطن ۾ امن، سلامتيءَ ۽ سک جي زندگي گذاري. اسان جو سائين جي. ايم. سيد وٽ اڪثر و بيشتر وڃڻ پيو ٿيندو هو. هر خيال وارو ماڻهو پنهنجي پنهنجي حساب آهر اتان (سائين جي. ايم. سيد) درس وٺي ويندو هو.

سائين جي. ايم. سيد کي سنڌ ۽ سنڌي قوم سان لازوال محبت هئي؛ هو سنڌ جي عشق ۾ فنا السنڌ هو. هر وقت سندن گفتگو جو موضوع سنڌ ۽ سنڌي قوم هوندي هئي. سائين جي. ايم. سيد سنڌ سان نہ رڳو پيار ۽ محبت ڪندو هو پر بي پناهہ عشق ڪندو هو. اسان ۽ ٻيا ڪارڪن جڏهن بہ سائين جي. ايم. سيد جي اڳيان تي ويندا هئاسين تہ اسان کي ايئن محسوس ٿيندو هو، ڄڻ سنڌ جي جهوليءَ ۾ اچي پيا آهيون. اتي پهچڻ کان پوءِ سموريون تڪليفون، ڏک ۽ ٿڪ سڀ لهي ويندا هئا ۽ اسين انتهائي

خوشي محسوس ڪندا هئاسين. اسان کي سندن ڪچهريءَ ۽ محفل مان جيڪو سڪون ۽ فرحت ملندي هئي؛ ان مان اسان کي ائين لڳندو هو. تہ سيد ئي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ڏکن ۽ دردن جو حڪيم ۽ ڏاهو آهي. سائين وٽ پهچڻ کان پوءِ اسان جي هر طرح جي خاطر تواضع ڪئي ويندي هئي. اسان جي تعليم ۽ قيام جو سائين پاڻ خاص طور خيال رکندو هو. اسان جڏهن بہ وٽس ويندا هئاسين تہ اسان کان مڪمل حال احوال وٺندا هئا ۽ پنهنجون ڳالهيون ٻڌائي اسان کي سنڌ جي عشق سان ايترو تہ سرشار ڪري ڇڏيندا هئا جو ڄڻ تہ هڪ قومي ڪارڪن کي نئون ملي ويندي هئي. سندن ڪچهرين ۽ محفلن کان پوءِ نئين سر جوش ۽ ولولي سان اسان پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ نڪري ويندا هئاسين. ائين لڳندو هو ڄڻ سائين جي. ايم. سيد ئي سر زمين سنڌ جو حقيقي عاشق ۽ والي ۽ وارث آهي. جنهن جو مان ۽ مرتبو انهن عاشقن جيڏو وڏو آهي. جيڏو مخدوم بلاول، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست جو آهي؛ ۽ اسين ائين بہ محسوس ڪندا هئاسين. ڄڻ سائين جي. ايم. سيد انهن جو حقيقي روح ۽ آواز آهي؛ جيڪو سنڌ جي آزاديءَ لاءِ لطيف جي محبت ۽ ڀائيچاري واري پيغام کي سڄي دنيا تائين پهچائڻ جو عزم ڪري چڪو آهي.

سوال: توهان سائين جي. ايم. سيد جي فڪر ۽ پيغام کي گهٽ حصن ۾ ورهايو ٿا؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد جو فڪر سنڌي قوم جي پنجن هزارن سالن جي تاريخ جو نچوڙ آهي. جنهن مطابق سائين اسان کي ٻڌايو آهي تہ سنڌي هڪ علحده قوم آهن. سنڌ هڪ علحده وطن آهي. آزادي اسان جو بنيادي حق آهي ۽ آزادي ممڪن آهي؛ ۽ انهيءَ آزاديءَ جي حاصلات لاءِ هن اسان کي جيڪو فڪر ڏنو آهي؛ اسان جي خيال ۾ سنڌي قوم جي سيني مسئلن جو واحد حل سنڌ جي آزاديءَ ۾ آهي.

هن وقت صورتحال اها آهي تہ اسان مڪمل طور تي پنجاب سامراج جا غلام آهيون؛ اسان جي تاريخي قومي وجود کي ختم ڪري، ان کي پاڪستاني قوم جي هٿرادو تصور ۾ ضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. جنهن لاءِ اسان جي ماٿهن کي ڪوڙي نظريي پاڪستان جون ڳٽيون

پڙهايون پيون وڃن. جنهن ڏ ۽ سائين جي. ايم. سيد هن ڌرتيءَ جي تاريخي وجود کي دنيا جي اندر برقرار رکڻ لاءِ اسان کي جيڪا راهه ڏسي آهي، اها ئي اسان جي قومي وجود جي ضمانت آهي. ۽ اها راهه آهي، جنهن تي هلي اسان کي هن ملڪ جي جبري الحاق کي ٽوڙي سنڌ کي مڪمل طور تي آزاد ڪرائڻو آهي.

اسان سائين جي. ايم. سيد جي پيغام کي ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا، جن مان هڪ خالص سنڌ لاءِ آهي ۽ ٻيو عالم انسانيت لاءِ آهي، جنهن لاءِ خود سائين جي. ايم. سيد چيو آهي ته سنڌ جي معرفت سڄي دنيا کي امن، اتحاد ۽ ترقي جو پيغام ڏيڻو آهي. انهيءَ پيغام کي هن امن عالم، اتحاد، انساني ۽ ترقيءَ بني آدم جي نالي سان سڏيو آهي. اسان کي سنڌ جي آزاديءَ کان پوءِ اهو پيغام دنيا تائين پهچائڻو آهي. اهو ئي سائين جي. ايم. سيد جو "مشن" آهي، جنهن کي "پيغام"، سڏجي ٿو. اسان هن وقت سائين جي. ايم. سيد جي پيغام جي هڪ حصي تي ڪم ڪري رهيا آهيون؛ ۽ اهو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آزاديءَ جو پيغام آهي. جنهن لاءِ اسان جدوجهد ڪري ۽ پاڻ پتوڙي رهيا آهيون. اسان کي يقين آهي ته انشاءالله تعاليٰ سيد جيڪو چيو ۽ لکيو آهي ۽ جيڪو هن پيغام ڏنو آهي، اهو ئي اسان جي ماڻهن جي ڏکن سورن ۽ دردن جو واحد علاج آهي.

سوال: هڪڙو عام تاثر آهي ته سائين جي. ايم. سيد جي پيغام يا پروگرام کي سنڌي قوم قبول نه ڪيو آهي؛ توهان ان باري ۾ ڪهڙو جواب ڏيندا: ته واقعي ائين ئي آهي يا اهو رڳو سڪٽي پروپيگنڊه آهي؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد پنهنجي قوم کي جيڪي حقيقتون ٻڌايون ۽ پيغام ڏنو آهي. انهيءَ کي سنڌي قوم هاڻي مڪمل طور تي قبول ڪندي پئي وڃي. ۽ ان کي احساس ٿيو آهي ته اهو ئي واحد رستو آهي، جيڪو سنڌ ڏکن ۽ ڏوجهرن کان ڇوٽڪارو ڏياري سگهي ٿو. اسان هاڻ جنهن به ماڻهوءَ کان پڇنداسين ته سنڌ جو دشمن ڪير آهي؟ ته اهو فورن چوندو ته پنجاب آهي. ۽ سنڌ جو استحصال ڪير ڪري ٿو ته فورن سوال جو جواب ڏيندو ته پنجاب ٿو ڪري. اها سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جي فتح آهي؛ جو هاڻي هرڪو سنڌي ماڻهو پوءِ اهو باشعور شهري هجي يا

ٻهراڙيءَ جو ڳوٺاڻو هجي. اهو محسوس ڪري ٿو تہ سنڌي غلام آهي، ۽ انهن تي پنجاب زوريءَ قبضو ڪيو ويٺو آهي. اسان ۾ اهو شعور جيڪڏهن ڪنهن ڏنو آهي تہ اهو سائين جي. ايم. سيد ئي آهي، ۽ اهو سائين جي. ايم. سيد جي پيغام جو ڪمال آهي؛ جو اڄ جڏهن ڪنهن سنڌي چيف جسٽس کي عهدي تان هٽايو ٿو وڃي تہ سنڌي ماڻهن جي ذهن ۾ فورن سوال ٿو ايري تہ ان کي ان ڪري هٽايو ويو آهي، جو اهو سنڌي آهي. ٻيءَ طرح جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو، تڏهن بہ سنڌي ماڻهن چيو تہ ڀٽو سنڌي هو، ان ڪري ان کي پنجابين ڦاهي ڏني آهي. جيڪڏهن بينظير کي اقتدار کان هٽايو ٿو وڃي تہ اها پڻ مجبور ٿي چوي ٿي تہ مون کي ان ڪري هٽايو ويو آهي جو آئون لاڙڪاڻي جي وزيراعظم آهيان، ٻين لفظن ۾ تہ آئون سنڌي آهيان. تنهنڪري مون کي ڪرسيءَ تي نٿو سٺو وڃي. اها سوچ ۽ شعور اسان کي سائين جي. ايم. سيد ڏنو آهي. سائين اسان کي پنهنجي قومي دشمن جي سڃاڻپ ڏني آهي ۽ ان کي چٽو ڪري اسان جي اڳيان بيهاريو آهي تہ اسان جو قومي دشمن پنجاب آهي، ۽ اسان جو اصل استحصال پنجاب ٿو ڪري. آئون سمجهان ٿو تہ اها سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جي وڏي ۾ وڏي سوب آهي. ٻيءَ اهو هاڻ سنڌي ماڻهن جي عقل، فهم ۽ ڏاهپ تي ڇڏيل آهي تہ اسان پنهنجي قومي دشمن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ يا ان کان پنهنجي سنڌ وطن کي ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ ڪهڙا گس ۽ پيچرا ٿا اختيار ڪريون ۽ ڪهڙي جدوجهد جي واٽ ٿا وٺون.

سوال: توهان سائين جي. ايم. سيد جي وفات کان پوءِ جيئي سنڌ جي مختلف گروپن کي گڏائي هڪ انضمام ڪيو، جنهن ۾ توهان جو ۽ توهان جي ڪن دوستن جو سرگرم ڪردار رهيو؛ توهان ڪهڙي خيال کي اڳتي رکي هڪ گڏيل پارٽي جوڙي؟

جواب: اسان جيئي سنڌ تحريڪ وارن جو پنهنجي رهبر اعظم سائين جي. ايم. سيد تي مڪمل طرح ايمان هو. اسان سمجهندا هئاسين تہ پيغمبر، مفڪر ۽ رهبر پيغام يا فڪر ڏيندا آهن؛ ۽ اهي انهيءَ تان ڪڏهن بہ دستبردار نہ ٿيندا آهن. ڪن ماڻهن کي شايد ڪو اهڙو خدشو هو تہ ٿي سگهي ٿو تہ

فڪر ڏيندڙ ماڻهو پنهنجي فڪر تان ڦري وڃي. اهڙا ماڻهو سائين جي. ايم. سيد جي رهبر واري حيثيت کي دل سان قبول نہ ڪندا هئا ۽ اسان ۽ انهن جي وچ ۾ اختلافن جا بنيادي سبب اهي ئي هئا. اسان سائين جي. ايم. سيد جا اهي فالور هئاسين، جيڪي پنهنجي رهبر ۽ اڳواڻ يا پيغمبر جي ڪنهن بہ لفظ ۽ حڪم تي سوچڻ يا شڪ ڪرڻ گناهہ سمجهندا هئاسين. فارسيءَ جي هڪڙي شعر جو مفهوم ڪجهہ هن طرح جو آهي تہ:

"جيڪڏهن مرشد مصلي کي شراب ۾ ٻوڙي چوي تہ ان تي نماز پڙهہ نہ اسان کي ان تي نماز پڙهڻ کپي، چو تہ سالڪ انهيءَ رمز کي وڏيڪ چڱيءَ ريت ڄاڻندا آهن.

اسان سائين جي. ايم. سيد جي پاليسين، حڪمت عملين ۽ سندن فيصلن جا ايتري قدر پابند هئاسون، جو اسان انهن تي عمل ڪرڻ کان اڳ رڳو غور ڪرڻ بہ گناهہ سمجهندا هئاسين. اسان جي پنهنجي رهبر سان هڪڙي قسم جي محبت ۽ عشق هو ۽ اسان ان جا عاشق هئاسين. پوءِ جڏهن اسان ڏٺو تہ اها عظيم هستي هاڻي اسان جي وچ ۾ نہ رهي آهي ۽ اسان سيني جو بنيادي مقصد سندو ديش جي آزادي آهي ۽ اسان کي ئي سائين جي. ايم. سيد جي پيغام کي پائيہ تڪميل تي پهچائڻو آهي ۽ انهيءَ ۾ اسان جي ڪا ذاتي انا يا غرض ڪو نہ آهي ۽ اسان جيڪي سائين جي. ايم. سيد جا پوئلڳ سڏايون ٿا، ۽ ان جي فڪر ۽ پيغام تي عمل ڪريون ٿا، جن جو پروگرام هڪڙو آهي، جن جو جهنڊو هڪڙو آهي، تہ پوءِ اختلاف ۽ دوريون نہ هجڻ کپن. ٽوريون گهٽيون هڪ ٿئي ۾ ڪميون پيشيون ٿي سگهن ٿيون. پوءِ ڪي اسان ۾ هيون، ڪجهہ هنن ۾ هيون. سيني ڳالهين کي درگذر ڪري اسان سائين جي. ايم. سيد جي وفات واري غم ۽ ڏک کي هڪ وڏيءَ طاقت ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تہ جيئن سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد گڏجي ڪري سگهجي. انهيءَ نيڪ نيتي سان اسان انضمام لاءِ پرخلوص هئاسين. ۽ پوءِ جيڪي بہ پرخلوص ماڻهو هئا ۽ سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام سان سچا هئا؛ جن ۾ خصوصاً توهان پاڻ (خاڪي جويو) بہ هئا؛ ٻيا دوست بہ هئا. سيني گڏجي انهيءَ سلسلي ۾ ڪوشش ورتي. جنهن لاءِ توهان پڻ مون سان لانڍي جيل تي ملاقات ڪئي

هئي. مون توهان کي اتي بہ عرض ڪيو هو تہ "سنڌ اسان سڀني ماڻهن ۽ شخصيتن کان مٿي آهي." ۽ سنڌ جي آزادي اسان کي سڀني کان وڌيڪ عزيز آهي. انهيءَ ڪري اسان کي سنڌ جي عشق ۾ جيڪڏهن ڪي ڏاڍيون ڏکيون ڏينهن پون تہ اسان انهن کي جهلڻ لاءِ تيار آهيون پر اسان کي پنهنجي مقصد ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي. انهيءَ حوالي سان نيڪ ۽ چڱائي واري اميد رکي اسان غير مشروط طور انضمام لاءِ راضي ٿياسين، ۽ پوءِ سڀني گڏجي جيئي سنڌ قومي محاذ جو انضمام ڪيوسين. هينئر اسان ۾ ڪو بہ فرق ڪو نہ آهي ۽ هاڻ اسان هڪ جسم ۽ جان آهيون ۽ هڪ ئي رهبر جا پوئلڳ آهيون، ۽ سڀئي هڪ ئي راهہ ۽ رستي تي هلندڙ آهيون. انشاءالله تعاليٰ اسان پنهنجي عظيم مقصد لاءِ پنهنجي جدوجهد کي جاري رکنداسين ۽ سنڌ جي آزادي ماڻينداسين.

سوال: توهان انهيءَ انضمام کان پوءِ قومي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويا آهيو؟

جواب: آئون جيئن ئي جيل کان ٻاهر نڪتو آهيان. تہ هن ڪافي سان گڏ، هن عشق جي راهہ ۾ جيڪو ٽائيم مليو آهي، جدوجهد ۾ مصروف آهيون. جيتوڻيڪ جيل مان نڪرڻ کان پوءِ مون کي ڪافي ذاتي مسئلا ۽ مشڪلاتون سامهون آيون. پورو سال ٿيو آهي تہ منهنجو والد صاحب سخت بيمار آهي ۽ اسپتال ۾ داخل آهي. ان وچ ۾ منهنجي امڙ بہ گذاري وئي، تنهن جي باوجود اسان جهر جهنگ پهچون پيا، ۽ سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ واهڻ ۽ وستيءَ ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ماڻهن ۾ قومي شعور ۽ قومي غيرت ڏياري هڪڙو ماحول ناهيون پيا. مون کي يقين آهي تہ هينئر سنڌي ماڻهن پاران اسان کي ڀرپور موٽ ملي رهي آهي. ماڻهو اسان کي ٻڌن پيا ۽ هاڻي ماڻهو پنهنجي سڀني مسئلن جو حل سنڌ جي آزاديءَ ۾ سمجهن پيا ۽ ان سان گڏ فڪر جي. ايم. سيد ۾ سمجهن پيا. انهن جي نظرن ۾ هاڻي اها ئي واحد ۽ حقيقي راهہ ۽ وات آهي. جنهن تي هلي، اسان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي هن ڏکيءَ صورتحال مان ٻاهر ڪڍي سگهنداسين.

سوال: توهان هاڻ جڏهن ماڻهن وٽ هلي وڃو ٿا ۽ اهي توهان کي موٽ بہ سٺي ڏين ٿا؛ توهان پنهنجي اڳيان ايندڙ جي جدوجهد جو طريقہ

ڪار ڪهڙو رکيو آهي؟

جواب: سنڌي ماڻهن سان هر دور ۾، ۽ هر سطح تي، هر هنڌ تي، هر قسم جون ڏاڍايون ۽ سختيون ۽ بي انصافيون ٿينديون رهيون آهن ۽ ٿين پيون. ماڻهن جي ڏکن ۽ سورن جو علاج جيتوڻيڪ سنڌ جي مڪمل قومي آزاديءَ ۾ آهي پر پوءِ به سنڌي ماڻهن سان هن وقت جتي ظلم ٿئي ٿو، ڏاڍ ٿئي ٿو، ۽ ناانصافيون ٿين ٿيون؛ انهن سان پاڻهن ٻيلي ٿيڻ جي ضرورت آهي ۽ جيئن ته اسان ڪي اڳي پوءِ سنڌ جي آزادي حاصل ڪرڻي آهي ۽ ماڻهن سان جيڪي اهنج ۽ ايذا؛ ٿين ٿا. ان حوالي سان اسان کي ساڻن ملي جلي سنڌن وجود جو حصو ٿي وڃڻو آهي. هن سلسلي ۾ اسان ماڻهن کي هڪ ته پنهنجي نظرياتي صورتحال کان واقف ٿا ڪريون، ۽ کين اهو محسوس ٿا ڪرايون ته انهن جي هيءَ جيڪا غربت آهي يا هي جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ آهي، يا هيءَ جيڪا بيروزگاري آهي؛ اهي سڀ اسان کي قدرت جي پاران مليل ڪو نه آهن، پر هڪڙي مخصوص طبقي، ٽولي، گروهه ۽ قوم جي غلامي جو نتيجو آهي؛ ۽ اها ڌاريو غير مهذب قوم اسان جي قومي وسيلن تي ۽ پيداوار جي ذريعن تي بلڪ اسان جي سياست تي، اسان جي واپار تي، اسان جي نوڪرين تي، اسان جي ڪارخانن تي، ۽ اسان جي زمينن تي قابض ٿي؛ اسان جي سڄي قومي معيشيت پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ويٺي آهي. اهڙيءَ طرح اسان سنڌي ماڻهن کي سيني زيادتين کان چڱيءَ ريت آگاهه ڪريون ٿا. جيئن هينئر ماڻهن کي نوڪرين مان برطرف ڪيو پيو وڃي، ماڻهن کي سنڌن روزگار جي ذريعن کان لوڏيو پيو وڃي، يا جيڪي زرعي فارم هئا، تن کي سرڪار نيلام پئي ڪري ۽ ان تان ماڻهن کي بيدخل پئي ڪري يا جيئن اسان جا جيڪا معدني وسيلا آهن، انهن کان اسان جي ماڻهن کي محروم ڪيو پيو وڃي.

تنهن کان سواءِ هتي ماڻهن سان وڏيرن، پيرن ۽ ميرن جون به وڏيون زيادتيون آهن. حڪومت جا ذريعا سنڌن سياسي وفادارين کي بدلائڻ لاءِ پريشر ۽ دٻاءَ وجهن ٿا. انهن سيني زيادتين ۽ بي انصافين جي خلاف اسان وڙهون پيا، ۽ ماڻهن جي ڏکن سورن ۾ ساڻ گڏ آهيون. اسان چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ جتي به ظلم ۽ زيادتي ٿئي ٿي؛ اتي وڃي ماڻهن سان سهڪار

ڪريون، ۽ پنهنجي جدوجهد ۾ ماڻهن کي شامل ڪريون. هن وقت سنڌي ماڻهن کي وڏ ۾ وڏ ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. قبيلائي جهيڙن جهٽن ۽ ذاتي رنجشن کي ختم ڪرڻو آهي ۽ هڪ مڪيه ۽ اهم مقصد جي حاصلات لاءِ گڏجي جدوجهد ڪرڻي آهي. جنهن لاءِ هن وقت صورتحال سازگار ٿيندي پئي وڃي. اسان جيئوٽيڪ سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ عدم تشدد ۾ يقين رکون ٿا پر جيڪڏهن اسان کي پنهنجا حق سولائي سان نه ڏنا ويا يا اسان جي آزاديءَ ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون ته پوءِ اسان ويڙهه لاءِ به حق بجانب هونداسون ته اسان هٿيار کڻڻ لاءِ به حق بجانب هونداسون. ڇاڪاڻ جو هيءَ ڌرتي اسان جي آهي. اسان جا ابا ڏاڏا هتي ئي دفن ٿيل آهن. اسان سنڌ ڌرتي جي وجود ۽ سلامتيءَ تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿينداسين. اسان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هر اهو طريقو اختيار ڪنداسين. جيڪو قانوني ۽ اخلاقي طور ڪنهن ڌرتيءَ جي حلالي فرزندن کي جڳائيندو آهي، ۽ اهو ان طريقي سان پنهنجي ڌرتي ماءُ جي ۽ پنهنجي گهر جي ۽ پنهنجي وطن جي حفاظت ڪندو آهي.

سوال: انهيءَ سلسلي ۾ سيد خاندان جو توهان سان ڪيترو تعاون آهي؟

جواب: سيد جي وڇوڙي کان پوءِ سيد خاندان اسان کي اهو محسوس ڪرڻ نه ڏنو آهي ته اسان تي سيد جو جيڪو ڇپر ۽ ڇانوَ هوندي هئي. سا لهي وئي آهي بلڪ اها اڄ به اسان تي جيئن جو تيئن برقرار آهي ۽ اسان کي انهن وٽان اهي ئي محبتون ۽ عزتون ملنديون آهن. اسان اهو هڪڙي گهڙيءَ لاءِ به ڪڏهن محسوس نه ڪيو آهي ته ڪو سيد خاندان اسان کان پري آهي. سائين امير حيدر شاهه سائين جي ايم سيد جو وارث ۽ گادي نشين آهي. اسان جڏهن به وٽن ويندا آهيون ته اسان کي ان وٽان محبتون ئي ملنديون آهن. اسان جي مٿان سندن اهو ئي شفقت وارو هٿ هوندو آهي. اهڙيءَطرح سائين امداد محمد شاهه آهي. اسان کي ڪڏهن به تڪليف يا مونجهارو ٿيندو آهي يا ڪو مشورو وٺڻو هوندو آهي ته وٽن هلي ويندا آهيون ته اسان کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته اسان جا والي ۽ وارث ويٺا آهن ۽ اهي اسان سان هر حال ۾ گڏ آهن. يا سيد خاندان جا ٻيا فرد آهن: جيئن

سائين جلال محمود شاهہ آهي، سائين ضياءَ شاهہ آهي، سيد ظفر حيدر آهي يا سائين زين شاهہ آهي. اهي سڀ اسان سان محبت رکن ٿا ۽ اسان کي عزتون ڏين ٿا ۽ اسان کي اڄ تائين اهو محسوس ٿيڻ نہ ڏنو اٿئون تہ سيد کان پوءِ قومي تحريڪ جي پوئواري نٿي ٿئي. اسان کي يقين آهي تہ هن جنگ ۾ اهي (سيد خاندان) اسان سان ايترائي شريڪ آهن، جيترا اسان جا ٻيا ورڪر يا اڳواڻ آهن. اسان جو هنن تي ۽ هنن جو اسان تي مڪمل اعتماد آهي.

سوال: سائين جي.ايم. سيد جي اينڊڙ سالگره ملهائڻ جو توهان پاران بہ اعلان ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح جيئي سنڌ محاذ ۽ قوم پرست پارٽي پاران بہ ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. توهان اسان کي ٻڌائيندا تہ اها سالگرهہ سڀني ترين جي پاران گڏيل هوندي يا هرڪو ڌار ڌار ملهائيندو؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد سڄي سنڌي قوم جو رهبر آهي؛ انهيءَ جي سالگره سڄي سنڌي قوم کي ملهائڻ کپي. اهو سڄي سنڌيءَ قوم جو هڪڙو مبارڪ ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن هن قوم جي حقيقي وارث ۽ عاشق جنم ورتو هو، ۽ اهو اسان سڀني لاءِ خوشي ۽ عيد جهڙو ڏينهن آهي. ان ڪري انهيءَ ڏينهن تي اسان سڀني کي گڏجي خوشيون ملهائڻ کپن ۽ اهڙا پروگرام ڪرڻ کپن. جنهن ۾ اسان سڀ گڏجي پنهنجي رهبر کي خراج عقيدت پيش ڪريون. انهيءَ حوالي سان اسان گذريل سال سائين جي سالگرهہ ملهائي هئي ۽ هن سال سيد جي خاندان پاران هڪڙي سالگرهہ ڪميٽي ٺاهي وئي آهي. جيڪا سن ۾ سالگرهہ جو انتظام ڪري رهي آهي. اهڙيءَ طرح اسان سڀ مڪمل طرح گڏ آهيون، ۽ انهيءَ فيصلي تي عمل ڪنداسين، ۽ اسان جي خواهش آهي تہ سن جي اندر هڪڙو ئي وڏو اجتماع ٿيڻ کپي. جنهن ۾ سيد جا سڀ پيروڪار ۽ پوئلڳ گڏجي وڃي پنهنجي رهبر کي خراج تحسين پيش ڪن.

سوال: جيئي سنڌ جي مختلف گروپن ۽ پارٽين جو جيتوڻيڪ انضمام تہ ٿيو آهي پر پوءِ بہ ڪي گروپ اڃان رهجي ويا آهن. ڇا توهان وٽ انهن کي بہ پنهنجي پارٽي ۾ شامل ڪرڻ جو ڪو ارادو آهي. يا ڪو اهڙو گڏيل اتحاد جوڙي نٿو سگهجي؟ تہ جيئن سڀئي گڏجي جدوجهد ڪن؟

جواب: سائين جي وڇوڙي کان پوءِ جيئي سنڌ تحريڪ، جيئي سنڌ

محاذ ۽ جيئي سنڌ انقلابي تنظيم گڏجي هڪڙي انضمام ۾ شامل ٿيون هيون. باقي ڪي فرد هئا، جيڪي انضمام کان رهجي ويا. جن کي آئون سمجهان ٿو ته ايئن نه ڪرڻ گهرجي ها. ڪين قانوني يا اخلاقي طور ڪو به اهڙو جواز ڪو نه هو. وٽن رڳو انا وچي رهي هئي. جيئن چوندا آهن ته "ماڻهو جي نيت ڪوٽي هوندي آهي ته پوءِ عذر به گهڻا هوندا آهن."

اسان جي قومي محاذ جا دروازا هر انهيءَ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ کليل آهن، جيڪو آزادي پسند آهي، پوءِ اهو جيئي سنڌ محاذ هجي يا قومپرست پارٽي هجي؛ جڏهن به ايندا ته اسان کي دلي طور تي خوشي ٿيندي ۽ کين آجيان ڪنداسين.

سوال: تازو پاڪستان ۾ بحران آيو، جنهن جي نتيجي ۾ صدر گهر هليو ويو ۽ چيف جسٽس به هليو ويو. جڏهن ته هن کان اڳ پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ صرف وزير اعظم ئي گهر ويندا آهن. هي پهريون ڀيرو آهي، جو وزير اعظم جي بدران صدر گهر ويو آهي؛ ڇا توهان جي خيال ۾ انهيءَ جو سبب پنجابي وزير اعظم آهي؟

جواب: انهن جي ڦيرقار يا اٿل پٿل مان سنڌ کي ڪو به فائدو ناهي. نه ڪو سنڌ سندن ايجنڊا تي هئي. اها سڄي فوج ۽ ان جي ايجنسين جي راند هئي. جڏهن ته اسان جي جدوجهد سنڌ جي آزادي جي آهي. ۽ اسان آزادي پسند عالمي قوتن کي اپيل ڪنداسين ته اهي هتي جي قومپرست قوتن ڏانهن توجه ڏين. جنهن لاءِ منهنجي رهبر سائين جي. ايم. سيد 1992ع ۾ پنهنجي سالگره جي موقعي تي دنيا جي امن ۽ آزادي پسند عالمي قوتن کي اهڙي اپيل ڪئي هئي ۽ سائين پيغام ڏنو هو ته سنڌ کي آزاد ڪرايو وڃي ۽ ان سان گڏ دنيا جي بلاڪن جي ٺئين سر ورهاست ڪئي وڃي. بجاءِ جو هن لولي لنگڙي ۽ ڪرپٽ ملڪ تي ڀاڙيو وڃي. جيڪو علائقي جو هڪ وڏو دهشتگرد ملڪ آهي. هن ملڪ جا حڪمران، ملڪ کي هلائڻ لاءِ نه عوام جي مفادن ۽ نه قومن کي حق ڏيڻ لاءِ تيار آهن. هن ملڪ جون پاڙون غير فطري آهن، جيڪي ڪڏهن به ٽٽي ۽ ختم ٿي سگهن ٿيون؛ ان ڪري اسان دنيا جي انصاف پسند قومن، ملڪن ۽ خاص ڪري اقوام متحده کي گذارش ڪنداسين ته سنڌ سنڌين جي آهي. ان جا مالڪ سنڌي آهن. ان لحاظ کان

سنڌ جي آزادي اسان جو فطري ۽ تاريخي حق آهي ۽ اسان جي ان سلسلي ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ پنجابي سامراج کان اسان کي نجات ڏياري وڃي. ڇاڪاڻ ته ملڪ جي موجوده صورتحال ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي ڪو به فائدو ملي نٿو سگهي، نه وري سنڌ جي مفادن کي ايجنڊا تي آندو ٿو وڃي، نه هن ملڪ جا حڪمران ۽ انهن جون ايجنسيون ملڪ ۾ امن امان چاهين ٿيون ۽ نه ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ تيار آهن، نه هتي ماڻهن جي جان ۽ مال محفوظ آهن، نه هن ملڪ ۾ اسان جو قومي وجود سلامت آهي. ان ڪري بهتر اهو آهي ته سويل ئي پلاڻجي ۽ سنڌ جي آزادي جي جدوجهد ڪئي وڃي.

سوال: هي ڀڙبون دعوو آهي، جو ملڪ جو وزير اعظم به پنجابي آهي، صدر به پنجابي آهي، سينيٽ جو چيئرمين به پنجابي آهي ۽ فوج جا سربراهه به پنجابي آهن. جڏهن ته هن کان اڳ پنجاب، ملڪ تي اڻ سڌيءَ طرح حڪومتون ڪندو رهيو آهي ۽ استحصال ڪرڻ سان گڏوگڏ محڪوم ۽ مظلوم قومن جي ڪن حصن کي اقتدار ۾ شريڪ ڪندو رهيو آهي پر هاڻي هن سمورا اختيار ۽ رياست جا سڀ وڏا عهدا پنهنجي قبضي ۾ رکيا آهن؛ انهيءَ جي پٺيان سنڌن ڪهڙي نيت ٿي سگهي ٿي؟

جواب: اڳ ۾ پنجاب پنهنجا ايجنٽ پيدا ڪري، انهن جي معرفت حڪومت ڪندو هو؛ ۽ اهي سنڌن ايجنٽ سدائين سنڌن اشارن تي هلندا هئا ۽ انهن قومي تحريڪن کي ڪچلي ڏيکاريو آهي. خاص ڪري سنڌين کي ڪچليو آهي. پوءِ ڀلي ڪٿي ذوالفقار علي ڀٽو هجي، غلام مصطفيٰ جتوئي هجي، محمدخان جوڻيجو هجي يا بينظير هجي. انهن سنڌي ماڻهن کي بيوقوف بنائي، ۽ ڌرتيءَ ڌڻين کي ڀاڱ ۾ ويڙهائي حڪمراني ڪئي آهي. پر هاڻ پنجاب کي پنهنجو ليڊر پيدا ٿي مليو آهي، يا پيدا ڪيو ويو آهي. هاڻ هنن اها ڳالهه محسوس ڪري ورتي آهي ته مظلوم قومن جي ماڻهن سنڌن ايجنٽن کي ۽ انهن جي معرفت حڪومتن کي سڃاڻي ورتو آهي. سائين جي. ايم. سيد سدائين چوندو هو ته هن ملڪ جا اصل مالڪ ۽ حڪمران پنجابي آهن. پر هاڻي اهي عملي طور ثابت ڪري ڏيکارڻ گهرن ٿا ته پنجابي ئي هن ملڪ جا مالڪ آهن ۽ هن ملڪ تي صرف انهن جو حق آهي. ان ڪري هاڻي سنڌين کي، بلوچن کي ۽ پٺاڻن ۽ سرائڪين کي گڏجي پنهنجي پنهنجي وطن

کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ کپي. نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ پنجاب هوندئن بہ سڄي ملڪ تي حاوي آهي، ۽ هاڻي هو چاهي ٿو تہ هتي جي ٻين ملڪن ۽ قومن کي ختم ڪري سدائين لاءِ حڪمران ٿي ويهي رهي. جنهن لاءِ اسان مظلوم قومن جي ماڻهن کي کپي تہ پنجابي حڪمرانن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريون ۽ آزادي حاصل ڪريون.

سوال: پنجاب هن وقت جيئن تہ سڄي ملڪ جا اختيار پاڻ وٽ رکيا آهن؛ ۽ هاڻي هو محڪوم قومن جي ايجنٽن کي بہ اقتدار ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ پ پ پ يا سنڌ جا وڏيرا توهان جي خيال موجب تہ سنڌ جي سياست يا آزاديءَ ڏي موٽ ڪائي سگهن ٿا؟

جواب: هن ملڪ جي صورتحال اهڙي وڃي رهي آهي، جو هيءُ ملڪ هاڻي باقي تورن ڏينهن جو مهمان آهي. انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ پ پ سنڌ جي ڳالهہ ڪري! ۽ جيڪڏهن هن ايئن ڪيو تہ اها سٺي ڳالهہ آهي. اسان اڄ بہ پ پ وارن کي ۽ ٻين سنڌ جي وفاق پرست جماعتن کي فراخدليءَ سان چئون ٿا تہ سنڌ سڀني جي ماءُ آهي. ان جي وجود جي بقا ۽ آزاديءَ لاءِ سڀئي گڏجي جدوجهد ڪن. ۽ اسان اهڙي جدوجهد ۾ سڀني سان گڏجڻ لاءِ تيار آهيون؟

سوال: جيڪڏهن سنڌ آزاد ٿئي ٿي تہ ان ۾ مهاجرن جو ڪهڙو رول هوندو؟

جواب: مهاجرن کي سنڌي ٿي، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اسان سان گڏجي جدوجهد ڪرڻي پوندي، تہ اهي اسان جا ڀائر آهن، ۽ انهن جو سنڌ تي ايترو ئي حق هوندو، جيترو ٻين سنڌين جو هوندو.

سوال: ايم ڪيو ايم الطاف يا حقيقي وارن جي جيڪا دهشتگردي آهي يا هو جيڪو سنڌ جي ورهاست جا مطالبا ڪن ٿا. ان لاءِ توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: سنڌ اسان سنڌين جي ماءُ آهي؛ ڪو بہ غيرتمند سنڌي ماءُ کي تقسيم ڪرڻ نہ ڏيندو ۽ آئون سمجهان ٿو تہ اهي ائين ڪري پاڻ کي تباهيءَ جي طرف وٺي وڃي رهيا آهن. سنڌ هڪ اٽل حقيقت آهي. ڪير بہ هجي؛ سنڌ جو فرزند ٿي رهي سگهي ٿو. هتي کان وڏا جابر، ظالم ۽ فاتح

آيا ۽ هتي جا ٿي ويا. اڄ انهن جو نالو نشان به ڪو نه آهي. اهي سڀ سنڌي ٿي ويا. اها هڪ تاريخ آهي. ان ڪري هتي ڪي به سنڌي ٺيٺو پوندو، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻو پوندو. نه ته ٻيءَ صورت ۾ هي هتي ڌرتي تي رهي نه سگهندا. سائين جي. ايم. سيد جي چوڻ مطابق ته هتي مان ٿي گروهه ٿيندا. هڪڙا آزادي جي جنگ دوران پڇي ويندا، ٻيا اسان سان وڙهي مرندا ۽ ٽيا سنڌي ٿي ويندا. ان کان سواءِ هنن لاءِ ٻيو ڪو به رستو ڪو نه آهي. اسان هنن کي صلاح ڏينداسين ته خدا هنن کي سنڌ جهڙي سرزمين عطا ڪئي آهي، انهن لاءِ بهتر اهو ئي آهي ته اهي سنڌي ٿين. پاڻ کي سنڌ جي وجود ۾ سمائين ۽ سنڌ جي ڀلائي لاءِ اسان سان گڏجي آزادي جي جنگ لڙن تڏهن ئي سندن وجود سلامت رهي سگهي ٿو.

سوال: تازو توهان جي پارٽيءَ جي مرڪزي باڊي سنڌ جي دوري تي نڪتي هئي؛ توهان ان دوري دوران سنڌي ماڻهن ۾ سياسي طرح سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪهڙو رجحان محسوس ڪيو؟

جواب: اسان ماڻهن ۾ پنجاب جي خلاف نفرت جو اظهار ڏٺو. نه ته ان کان اڳ ماڻهو اسان ۾ ايڏي وڏي دلچسپي نه وٺندا هئا. پر هاڻي جڏهن اسان پنهنجي دوري تي وياسون ته اسان کي ماڻهن پاران تمام وڏي موٽ ملي، ۽ سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ سنڌ جي آزاديءَ جي تڙپ هئي ۽ جيڪي نوجوان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ پيا يا جدوجهد ڪن پيا. انهن سان ساڻ ڏيڻ جو اسان انهن ۾ هڪ قسم جو امنگ ڏٺو. جنهن لاءِ انهن اسان کي پنهنجي سهڪار ۽ ساٿ جو يقين ڏياريو. آئون سمجهان ٿو ته سنڌ جو ماڻهو هاڻي سنڌ جي آزادي ڏي وڌي پيو. ۽ اسان جي تحريڪ مان ماڻهن کي هڪ اميد ۽ اعتماد پيدا ٿي رهيو آهي ۽ اها هڪ وڏي خوشي جي ڳالهه آهي ۽ اسان کي يقين ٿيو آهي ته هاڻي سنڌي ماڻهو اسان جي ڳالهه ٻڌي ۽ سمجهي ٿو.

سوال: چيو وڃي ٿو ته قومي تحريڪ وٽ جدوجهد جون گهربل شيون موجود ڪو نه آهن ۽ پروپيگنڊه جو موثر ذريعو ڪو نه آهي. جنهن جي ڪري حڪمران طبقو قومي تحريڪ جي خلاف جيڪا منفي پروپيگنڊه ڪري ٿو، ان جو قومي تحريڪ وٽ ٽوڙ ڪو نه آهي. ان سلسلي ۾ توهان يا

توهان جي پارٽي ڇا تي ڪري؟

جواب: اسان جي هڪ غريب پارٽي آهي؛ اسان وٽ سرمائيدار يا جاگيردار ڪو نه آهن؛ اسان پارٽي جي ضرورتن لاءِ پنهنجي پاڻ تي ڀاڙيون ٿا؛ ۽ جدوجهد ڪريون ٿا ته جيئن جائز ۽ صحيح نموني سان فنڊ گڏ ڪري قومي تحريڪ کي هلايون. اهڙيءَ طرح اسان آهستي آهستي ان طرف وڌون پيا. هاڻ اسان هتي حيدرآباد ۾ پنهنجو ميڊيا سينٽر کوليو آهي. جتي ان سلسلي ۾ ٿوريون گهڻيون سهوليتون موجود ڪيون ويون آهن. قومي تحريڪ جون پاڙون جيئن جيئن سنڌي قوم ۾ مضبوط ٿينديون وينديون، تيئن اسان جا ادارا مضبوط ٿيندا ويندا ۽ انشاءالله تعاليٰ اسان اهي شيون گڏ ڪري ويندا سون، جيڪي قومي تحريڪ لاءِ ضروري هونديون.

سوال: ايندڙ بلدياتي چونڊن ۾ توهان جي پارٽي ڪهڙيءَ طرح حصو وٺندي؟

جواب: اسان جي هڪ انقلابي جماعت آهي؛ اها سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري پئي؛ اسان اليڪشن واري سياست ۾ يقين نٿا رکون. باقي بلدياتي سطح تي غير جماعتي بنيادن تي اسان پنهنجي ڪارڪنن کي اجازت ڏني آهي ته اهي پنهنجي مقامي سطح تي چونڊن ۾ حصو وٺن ۽ اهڙيءَ طرح ماڻهن جي مسئلن جي سياست ڪن پر پارٽي بنيادن تي اسان چونڊن ۾ ڪو به حصو نه وٺنداسين.

سوال: تازو آدم شماريءَ کي وري ملتوي ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح 1991ع کان وٺي آدم شماري ملتوي ٿيندي پئي اچي. توهان اهو ٻڌائيندا ته ائين ڇو پيو ڪيو وڃي؟

جواب: پنجابين جي پاڪستان تي جيڪا ڪوڙي اڪثريتي بالادستي ڏيکاري وئي آهي؛ ان جي آدم شماريءَ سان پٽ وائکي ٿي وڃي ٿي. هن وقت پنجابي اسيمبلين ۾ جيڪا اڪثريت ڪيو ويٺا آهن؛ اها سنڌن اجاريداري ختم ٿي ويندي. تنهنڪري اهي مسلسل آدم شماريءَ کي ملتوي ڪرائيندا پيا اچن.

جيتوڻيڪ فوج جي نگرانيءَ ۾ جيڪا آدم شماري ڪرائي پئي وئي، ان ۾ اسان کي سخت اعتراض ۽ خدشا هئا؛ پر ان هوندي به اسان چئون ٿا

۽ اسان آدم شماريءَ ۾ حصو وٺنداسين. ڇو ته هن وقت اسان سنڌي پنجن ڪروڙن کان به وڌيڪ آهيون؛ ۽ آدم شماريءَ جي حساب سان ناٽي جي ورهاست ٿيندي ۽ نمائندگيءَ جون سيٽون جوڙيون وينديون؛ جنهن لاءِ پنجابي راضي نه آهن. 1990ع جي آدم شماريءَ جي نتيجن کان گهٻرائجي ڇاٽي واٽي آدم شماريءَ ۾ رنڊڪون وڌيون پيون وڃن. ته جيئن ان جا صحيح انگ اکر نه اچي سگهن.

سوال: آخر ۾ قومي ڪارڪنن ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ پيغام؟

جواب: وقت اچي ويو آهي ته سنڌ ۽ سنڌ جا جيڪي عاشق آهن؛ اهي سڀ لاڳاپا ۽ آسرا لاهي عشق جي ميدان ۾ ڪاهي پون؛ ۽ رهبر اعظم جي سنڌ جي آزاديءَ جي خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ قومي تحريڪ کي وڌيڪ سگهارو ڪن؛ پارٽي جي جدوجهد ۾ پنهنجو ڀرپور حصو وٺندائين؛ ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جهر جهنگ ۾ وڃن ۽ هر محب وطن سنڌي کي آزاديءَ جو پيغام پهچائين.

(هي انٽرويو سائين جي. ايم. سيد نمبر ماهوار "ساڃاهه" رسالي جي سال ناتون شمارو ١-٢-١٩٩٨ع تان ورتل)

Soorih Mirani

اسان سڀني کي سڀ کان اڳ ڪنهن هڪ پارٽيءَ ۾ متحد ۽ منظم ٿيڻ گهرجي

مون پنهنجي زندگي ۽ جدوجهد جي حوالي سان، سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام ۽ پيغام کي هيئن ڏٺو آهي، ته اهو هڪ ته سنڌ، سنڌي قوم ۽ عوام جي حوالي سان آزاد سنڌو ديش جو پروگرام آهي. آزاد سنڌو ديش جي معنيٰ آهي، سنڌ ۽ سنڌي قوم، هر قسم جي ظلم، ڏاڍ ۽ غلاميءَ کان آزاد هجي. خوشحال هجي، ۽ دنيا جي مهذب ۽ سڌريل قومن وانگر ترقي ڪري ۽ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي سگهي. جنهن لاءِ سائين جي. ايم. سيد اسان کي ۽ اسان جي قوم کي اهو پروگرام ڏنو ته "سنڌ هزارين سالن کان هڪ تاريخي ملڪ آهي، سنڌي هزارين سالن کان هڪ تاريخي قوم آهي، ۽ آزادي اسان جي قوم جو حق آهي ۽ آزادي ممڪن آهي." سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام جو هڪڙو حصو آهي ۽ ان جي پروگرام جي ٻئي حصي کي اسان هيئن ڏٺو آهي ته اهو دنيا ۽ انسانيت جي ڀلائي، اتحاد ۽ ڀائيچاري جو پيغام آهي ۽ اهو بني نوع آدم ۽ انسانيت جي ترقيءَ، سڌاري ۽ واڌاري جو پيغام آهي. جنهن لاءِ سائين جي. ايم. سيد "امن عالم، اتحاد انساني ۽ ترقيءَ بني آدم" جو فلسفو ڏنو آهي. ان حوالي سان آئون چوندس ۽ دعويٰ به ڪندس ته سائين جي. ايم. سيد دنيا جو پيغام ڏيندڙ اهو رهبر آهي، جنهن دنيا کي سنڌ جو اصل ۽ تت پيغام ڏنو آهي.

اسان سنڌي ماڻهو ۽ اسان جون مائرون، اسان کي ۽ پنهنجي اولاد کي دعائون ڪنديون آهن ۽ چونديون آهن ته "اي الله! جڳ جهان جي ٻچن جي صدقي، منهنجي ٻچن جو به خير ڪجان." اهو پيغام ۽ فڪر، اسان جو پنهنجو پيغام آهي. اهو سنڌي قوم جو پنهنجو سماجي ۽ تاريخي فڪر آهي. جنهن لاءِ اسان جي بلڪ دنيا جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي ته:

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

مون سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام ۽ پيغام کي ايئن ڏٺو آهي. باقي جيتري قدر اسان جي طرفان سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام کي پنهنجي ڪرڻ جو سوال آهي تہ اهو اسان ان وقت پنهنجو ڪيو هو، جڏهن اسان سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام کي ٻڌو هو، پڙهيو هو ۽ قومي تحريڪ ۾ شامل ٿيا هئاسون. اسان سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام کي ان وقت کان اڄ تائين پنهنجو ڪيو آهي ۽ آئينده بہ پنهنجو ڪندا رهنداسون ۽ ان کي مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجو ڪنداسون. ان سان پنهنجو سر لڳي. پنهنجون زندگيون بہ سائين جي. ايم. سيد جي پيغام تان واري ڇڏينداسون. اهو اسان جو وچن آهي، ۽ واعدو آهي ۽ اهو اسان جو عزم ۽ ارادو آهي. چاهي جيل هجن، چاهي قيد هجن، چاهي حڪمرانن جا ڏاڍ ۽ سختيون هجن، اميدتہ انهن سيني مان لنگهي پار پونداسون.

جبل ماري جڪ، جو آڏو اريچن جي.

جيتوڻيڪ اسان مان ڪو بہ اهڙو ماڻهو ڪو نہ آهي، جيڪو سائين جي جتيءَ ۾ پير پائي سگهي. پر اسان کي اميد آهي تہ اسان سڀ گڏجي سڏجي ۽ هڪ آواز ٿي سنڌي قوم کي متحد ٿي ڏيکاريندا سون تہ اسان سائين جي. ايم. سيد جي پروگرام سان سچا آهيون ۽ سچا رهنداسون.

باقي جيتري قدر آئينده جي جدوجهد جي طريقي جو سوال آهي تہ ان باري ۾ بہ اسان جو خيال آهي ۽ هن وقت اسان جي سڀ کان پهرين ڪوشش بہ اها آهي تہ اسان جيڪي سائين جي. ايم. سيد جا فالور ڪارڪن آهيون، ۽ جن سائين جي پيغام کي پنهنجو ڪيو آهي، ۽ جن کي سنڌو ديش جي پروگرام تي يقين ۽ ايمان آهي ۽ ان لاءِ پنهنجو سڀ ڪجھ قربان ڪنداسون، ان لاءِ بهتر آهي تہ سڀ پهرين پاڻ ۾ گڏجون. ڪنهن هڪ مضبوط پارٽيءَ ۾ متحد ۽ منظم ٿيون. ۽ ان ۾ پنهنجي عوام ۽ قوم کي گڏ ڪيون، ڇاڪاڻ تہ جيسين اسان پاڻ ۾ نہ گڏباسون، تيسين اسان سنڌي قوم کي متحد ۽ منظم ڪري نہ سگهنداسون. جيڪڏهن اسان پاڻ ۾ نہ گڏجون ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو نہ اچون ۽ جيڪڏهن اسان پاڻ ۾

اهڙي اهليت ۽ لياقت پيدا نٿا ڪريون، جو سڀ ڪان پهرين پاڻ ۾ گڏجي سگهون، متحد ۽ منظم ٿي سگهون. تہ پوءِ منهنجي خيال ۾ اسان پنهنجي سنڌي قوم کي بہ پاڻ سان گڏ هلائي ڪو نہ سگهنداسون.

ان ڪري اسان کي سڀ ڪان پهرين اها ڪوشش ڪرڻي آهي تہ اسان جيڪي بہ سنڌو ديش چاهيون ٿا ۽ ان جي حاصلات جا حامي آهيون، ۽ سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جا پوئلڳ آهيون ۽ ان سان وچن ڪيو ويٺا آهيون، سي پاڻ ۾ گڏجي ويهون. هڪ ٻئي کي، هڪ ٻئي جو دوست ۽ سڄڻ سمجهون ۽ پاڻ مان رنجشون ۽ ڏک ۽ ڏوراپا دور ڪريون، پوءِ جيڪڏهن پنهنجي قوم وٽ وينداسون تہ اهي اسان کي موٽ بہ ڏيندا. نہ تہ چوندا ۽ چون بہ ٿا تہ پهرين تہ توهان پاڻ ۾ گڏجو ۽ سنڌي قوم جو اهو چوڻ بلڪل صحيح بہ آهي.

جيڪڏهن مون کي آصف بالادي نٿو وڻي، جيڪڏهن مون کي عبدالواحد آريسر نٿو وڻي، جيڪڏهن مون کي نياز ڪالاڻي يا گل محمد نٿو وڻي، جيڪڏهن مون کي شفيع برفت يا غلام شاهہ نٿو وڻي جيڪڏهن مون کي خالق ۽ بشير قريشي نٿو وڻي، تہ پوءِ اسان کي ٻيا ڪيئن وڻندا ۽ اسان ٻين کي ڪيئن وڻنداسون؟؟ اسان ٻين کي ۽ پنهنجي قوم کي ۽ پنهنجن ماڻهن کي بہ تڏهن وڻنداسون، جڏهن اسان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي وڻنداسون! ان ڪري ئي اسان جي طرفان سيني دوستن کي بنا شرط جي اڄ ڪئي وئي آهي تہ اچو تہ پاڻ ۾ گڏجون. اچو تہ پاڻ ۾ هڪ ٿيون، اچو تہ پاڻ هڪ ٻئي کي وڻون، اچو تہ هڪ ٻئي جي خلاف پيدا ٿيل ۽ پيدا ڪرايل وير وروڌ ۽ رنجشون ختم ڪريون. اهوئي سبب آهي، جو اسان تہ پنهنجي طرفان ڪو شرط رکيو آهي ۽ نہ اسان کي ڪنهن عهدي جي لالچ آهي ۽ نہ اسان کي ٻيو ڪجهہ کپي. اسان کي تہ هڪ ٻئي سان ٻڌي کپي، هڪ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ کپي هڪ ٻئي جو سهارو کپي، هڪ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ کپي، هڪ ٻئي جو سهڪار ۽ سهارو کپي؛ چاڪاڻ تہ سائين جي. ايم. سيد سڄي قومي تحريڪ جو مرڪز هو ۽ اسان سيني لاءِ هڪ تمام وڏو مرڪزيت هو. ان جو پورائو ڪنهن حد تائين رڳو هڪ گڏيل پارٽي ئي ڪري سگهي ٿي. جنهن ۾ نہ رڳو اسان متحده ۽ منظم هنجون پر پوري قوم متحد ۽ منظم هجي.

جيڪڏهن اسان هڪ پارٽيءَ ۾ متحد ۽ منظم ٿي وياسون ته پوءِ جدوجهد ڪنداسون. اڳتي وڌنداسون، سنڌي ماڻهن وٽ وينداسون ۽ چونداسون ته اسان ان عظيم انسان سائين جي. ايم. سيد جا پيروڪار آهيون، جنهن پنهنجي سڄي زندگي سنڌي قوم جي آزادي ۽ خوشحاليءَ لاءِ قربان ڪري ڇڏي. هو سڄي عمر اسان جي لاءِ وڙهندو ۽ پاڻ پتوڙيندو رهيو. سڀ کان وڏي ۽ اهم ڳالهه اها آهي ته سائين جي. ايم. سيد اسان کي قومي تحريڪ جي نظرياتي جنگ ڪٽي ڏئي ويو آهي. ان لاءِ اسان کي هاڻي ڪا ايڏي وڏي جنگ ڪرڻي ڪا نه پوندي، اسان کي هاڻي رڳو پنهنجي پاڻ کي، پنهنجي قومي ڪارڪنن کي ۽ پنهنجي قوم ۽ عوام کي متحد ۽ منظم ڪرڻو آهي، هڪ هنڌ گڏ ڪري جدوجهد ڪرڻي آهي، پوءِ فتح اسان جي، اسان جي قوم جي آهي، اها مون کي پڪي اميد آهي ته سيد جو فڪر لافاني آهي، اهو اسان لاءِ روشني آهي. راهه ڏيکاريندڙ آهي. اسان کي رڳو متحد، ۽ منظم ٿي مڙسي ڪرڻ گهرجي.

(هيءُ بشير خان قريشيءَ جو انٽرويو نما تاثراتي مضمون

ماهوار "ساجاهه" رسالي جي سال ڇهون شمارو ۹-۱۰-۱۹۹۵ع تان ورتل)

پُرامن جدوجهد جي ذريعي قومن کي قومي آزادي ملي سگهي ٿي

سوال: توهان جو ڇا خيال آهي تہ پ پ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائي سگهندي؟

جواب: آءٌ سمجهان ٿو تہ پ پ مان اهڙي اميد رکڻ ٻُبرن ڪان ٻير گهرڻ جي برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي بينظير تائين، انهن سنڌي ماڻهن سان، جيڪي واعدا ۽ وچن ڪيا آهن، يا جهڙيءَ طرح انهن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي آئيني ۽ قانوني طور پنجاب جو غلام بنائي ڇڏيو آهي. انهيءَ حوالي سان انهن ۾ ڪا بہ اهڙي اميد ڪو نہ ٿا رکون، تہ اهي ڪو سنڌ جي مسئلن کي حل ڪندا.

توهان کي ياد هوندو تہ هو جڏهن اقتدار ۾ نہ هئا، ۽ حزب اختلاف ۾ ويٺل هئا تہ اهي انهيءَ وقت وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا هئا، تہ اسان ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ نہ ڏينداسون ۽ بهارين جي آبادڪاريءَ کي برداشت نہ ڪنداسون، يا ٻيا جيڪي سنڌ دشمن منصوبا هوندا هئا، هو انهن جي مذمت ڪندا رهندا هئا. پر هاڻي جڏهن اقتدار ۾ آيا آهن، تہ اها ڳالهہ واضح ٿي وئي آهي تہ مائي بينظير ڪالا باغ ڊيم، ڀاشا ڊيم ۽ ٻين ڊيمن ٺاهڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون وٺي رهي آهي ۽ ان جا اهڙا بيان اخبارن ۾ اچي چڪا آهن تہ ڪالا باغ ڊيم ۽ ٻيا ڊيم هر صورت ۾ ٺاهيا ويندا ۽ اسان ان لاءِ صوبن کي راضي ڪنداسون.

اهڙيءَ طرح هو بهارين کي گهرائڻ لاءِ بہ سوچي رهي آهي. ايم ڪيو ايم سان سندن جيڪي معاهدہ ٿين پيا، سي اڳتي هلي ان ڳالهہ کي سامهون آڻيندا. ان ڪري اسان ٿا سمجهون تہ سندن سنڌ جي مسئلن ۾ ڪا دلچسپي آهي، بلڪ هي ماڻهو هر دور ۾ ۽ هر شڪل ۾ پنجاب ۽ اهل پنجاب کي ئي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندا آهن. ظاهر آهي تہ

پنجاب تڏهن راضي ٿيندو، جڏهن سنڌ جو نقصان ٿيندو يا سنڌ جو استحصال ٿيندو. ان ڪري اسان کي اهڙي ڪا بہ اميد ڪا نہ آهي.

سوال: جيئي سنڌ وارن تي هڪڙو الزام اهو آهي تہ انهن نواز شريف جي حڪومت جي خلاف جدوجهد ڪا نہ ڪئي هئي، پر جڏهن ڪان پ پ جي حڪومت آئي آهي، تہ ان جي خلاف سرگرم ٿي ويا آهن. توهان ٻڌائيندا تہ ائين ڇو آهي؟

جواب: آءٌ سمجهان ٿو تہ نواز شريف جي حڪومت هجي، محمد خان جوڻيجي جي حڪومت هجي يا ٻيو ڪو بہ حڪومت جو دور هجي، سائين جي. ايم. سيد سنڌي ماڻهن جي اڳيان سنڌ جي آزاديءَ جو ڪيس ڪليئر ۽ صاف نموني سان رکندو آيو آهي ۽ هر سال سائين جي. ايم. سيد جي جيڪا سالگره ملهائي ويندي آهي، انهيءَ ۾ هو پنهنجي سڄي سال جي سياسي ڪارڪردگي ۽ حڪمت عملي توڙي سياسي لائين کي واضح ۽ چٽو ڪندو آيو آهي. اهڙيءَ طرح هُن سنڌ جي آزاديءَ بابت سنڌ ۾ سجاڳي پيدا ڪئي آهي. جڏهن تہ موجوده حڪومت بابت بہ اسان چئون ٿا تہ "گڏهہ ساڳيو آهي، ان جا رڳو آتر تبديل آهن" پوءِ اهو بينظير جو دور هجي يا نواز شريف جو هجي. اسان هر دور ۾، هر حڪومت جي مخالفت ڪئي آهي.

جڏهن بہ سنڌ سان ۽ سنڌيماڻهن سان ظلم ۽ ناانصافي ٿي آهي تہ اسان ان جي خلاف آواز اٿاريو آهي. جيستائين پ پ جي خلاف اسان اچا ڪا خاص جدوجهد شروع ڪا نہ ڪئي آهي. اسان اهڃاڻ سوچي رهيا آهيون، ان لاءِ اڳي وانگر هاڻي بہ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڏاڍاين جي خلاف پنهنجو آواز اٿارڻ اسان جو بنيادي حق آهي، انهيءَ کان اسان کي ڪير بہ روڪي نٿو سگهي، ماضيءَ کان اڄ تائين سائين جي. ايم. سيد جو سنڌ جي آزاديءَ بابت هڪڙو واضح ۽ اٽل موقف رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح سائين جي. ايم. سيد تي اهو بہ الزام آهي تہ جنرل ضياءالحق سائين وٽ آيو هو. پر اها حقيقت آهي تہ سائين ڪنهن وٽ هلي ڪو نہ ويو آهي، جيئن ٻيا ماڻهو دهشتگردن جي مک اڏي عزيز آباد بہ هلي ويندا آهن. جڏهن تہ انهن جي سائين وٽ هلي اچڻ جي باوجود سندس موقف ۾ تر جيتري بہ گهٽتائي ڪا نہ آئي آهي. جيستائين نواز شريف سڏو سنئون

پنجاب جو پنهنجو نمائندو هو، پر هيءَ مائي صاحبہ تہ پنجابين کي خوش ڪرڻ لاءِ اجان بہ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي، انهيءَ ڪري اسان جي لاءِ ڳالهہ مڙئي ساڳي آهي.

سوال: چيو وڃي ٿو تہ سائين جي. ايم. سيد جي طرفان سنڌو ديش جي نعري ڏيڻ جي ڪري، سنڌي ماڻهن جي مٿان ڏاڍيون مصيبتون نازل ٿيون آهن، توهان انهيءَ جي وضاحت ڪيئن ڪندا؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد سنڌ جي آزاديءَ جو سنبال آهي ۽ رهبر آهي، هن پهرين ڏنو تہ پاڪستان جي ٺهڻ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي ماڻهن کي حق ملن ۽ سنڌ جا مسئلا حل ٿين، پر هو ڳوڙهي مشاهدي کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ پاڪستان جي اندر رهندي سنڌي ماڻهن کي ڪڏهن بہ حق ملي ڪو نہ سگهندا. جڏهن تہ سنڌ جي زمين اسان لاءِ هڪڙي مقدس زمين آهي. جنهن جو صدين کان وٺي هڪڙو تاريخي وجود آهي، انهيءَ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪرڻ اسان لاءِ ايمان جو حصو آهي، ان ڪري سنڌو ديش هڪڙو جذباتي نعرو ناهي، پر حقيقت تي ٻڌل پروگرام آهي، ۽ جيڪي ماڻهو اهڙيءَ حقيقت کان منهن موڙين ٿا، سي دراصل پنجاب کي راضي ۽ خوش ڪرڻ ۽ پنهنجون مارڪون وڌائڻ لاءِ ائين ڪن ٿا. وڏي ستم ظريفي اها آهي تہ جيڪي وفاق پرست ڌريون آهن، سي تہ سڌو سنئون وفاق جي ڳالهہ ڪن ٿيون، پر هڪڙا ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي سنڌ جو نالو وٺي، سنڌ جي وجود جا انڪاري ٿين ٿا ۽ ان جي آزادي ۽ خوشحاليءَ کي رڳو شو ۽ نعرو سڏين ٿا. آءٌ سمجهان ٿو تہ اها سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان تمام وڏي ٺٺولي آهي.

جڏهن تہ سنڌ جي آزادي هڪڙي حقيقت آهي ۽ اسان سنڌي ماڻهو انسان ۽ قوم آهيون. ان ڪري اسان کي هن ڌرتيءَ تي آزاد رهڻ جو مڪمل حق آهي ۽ اها آزادي اسان کان ڪير بہ ڦري نٿو سگهي، چو تہ اهو هڪڙو نعرو نہ پر حقيقت آهي ۽ اسان جي ايمان جو حصو آهي، پر جيڪڏهن سائين جي. ايم. سيد سنڌو ديش جو نعرو ڏئي سنڌين کي نقصان ڏنو آهي ۽ اهو ڏوهہ سائين جي. ايم. سيد تي آندو وڃي ٿو، تہ پوءِ انهيءَ ڏوهہ جو ڏوهاري مخدوم بلاول بہ هو. جنهن جي دور ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هزارين سنڌي

شهيد ٿيا هئا. پوءِ شاهه عنايت شهيد به ڏوهاري آهي، جنهن جي جدوجهد جي ڪري هزارين ماڻهو شهيد ٿي ويا هئا. پوءِ راجا ڏاهر به ڏوهاري آهي؛ پوءِ ته هوشو به ڏوهاري آهي ۽ اهي سڀ ڏوهاري آهن. جيڪي هن قوم جا رهبر ۽ هيرا ٿي گذريا آهن. جن سدائين سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهدون ڪيون آهن، پوءِ اهي غدار ٿي صحيح آهن. جن وقت بوقت وقاقيت جي ڳالهه ڪئي ۽ سنڌ جي مٿان ڪڏهن دهلي وارن کي وٺي آيا. ڪڏهن انگريزن کي چاڙهي آيا. ڪڏهن شاهه بيگ ارغون کي ته ڪڏهن ترخانن ۽ مغلن کي چاڙهي آيا. پوءِ اهي نائو مل به هئا. نور محمد پليجو ۽ واصف شاهه به هئا ته حمل جت به هئا. جن کي اڄ سنڌي سياستدان غدار سڏين ٿا. پر انهن واري لائين اڄ سندن لائين آهي. اهڙي طرح ٿي غدارن جي حمايت ڪن ٿا ۽ سنڌ جي رهبرن جي مخالفت ڪن ٿا. ۽ انهن ته سدائين رهبرن کي رهزنن جي هٿان ڪُهرايو آهي.

سوال: ڏٺو وڃي ته سنڌو ديش هڪڙو سڪٽو نعرو ٿي پيو آهي، پراهو عملي طور سنڌ جي آزاديءَ ۾ تبديل ٿي ته سگهيو آهي، ڇا واقعي ائين ڪو نه آهي؟

جواب: اهو بلڪل غلط آهي، سنڌو ديش جو نعرو حقيقت آهي ۽ ان لاءِ سائين جي. ايم. سيد سنڌ جي آزاديءَ بابت ٻاونجاهه ڪتاب لکيا آهن. ان کان سواءِ به ان سلسلي ۾ ٻيو به ڪافي مواد موجود آهي. بلڪ سائين جي. ايم. سيد جي سڄي ستر سالن واري جدوجهد ٿي سنڌو ديش جي حوالي سان آهي، ان ڪري منهنجي خيال ۾ انهيءَ کي جيڪي ماڻهو رڳو نعرو سمجهن ٿا، اهي احمقن جي دنيا ۾ رهن ٿا.

سوال: جيڪڏهن پاڪستان جي اندر سنڌي قوم کي قومي حق ملي وڃن ٿا ته پوءِ ان کان الڳ ٿيڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟

جواب: اهڙيون ڳالهيون سائين جي. ايم.سيد به ڪيون آهن، ته چاليهن جي قرارداد مطابق سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۽ بنگال کي قومي رياستن جا حق ڏنا وڃن ها. هاڻي به جيڪڏهن پاڪستان کي بچائڻو اٿن ته پهرين پنجاب کي ٻن حصن ۾ ورهائين، سرائڪي صوبو تشڪيل ڏين. ٻيو ته موجوده آئين کي ختم ڪري نئين آئين ساز اسيمبليءَ لاءِ ڪوششون وٺن، ۽

انهيءَ آئين ۾ جيڪڏهن قومن جي قومي حقن جي ضمانت ڏنل هجي ته پوءِ ممڪن آهي ته ماڻهو پاڪستان ۾ رهي سگهي ٿو. پر اسان ٿا سمجهون ته موجوده وقت ۾ پنجاب سامراج کو پاڪستان تان پنهنجي قبضي کي ڇڏڻ لاءِ حق ۾ آهي. ان ڪري اسان کي ڪا به اهڙي توقع ڪا نه آهي ته کو ائين به ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هن وقت سنڌ سنڌن ڪالوني آهي ۽ سنڌي ماڻهن کي هو پنهنجي جاگير ٿا سمجهن ۽ هو بندوق جي زور تي ۽ طاقت جي بنياد تي اسان کي غلام ڪيو ويٺا آهن. ڇو ته انهن جا مفاد سنڌ ۾ موجود آهن. نوڪرين جي حوالي سان توڙي ٻين وسيلن جي حوالي سان سنڌن مفاد موجود آهن. جنهن لاءِ مختلف طريقن سان پنجابي هتي سنڌ ۾ داخل ٿي رهيا آهن. ان ڪري اسان سمجهون ٿا ته اها هڪڙي غير فطري ڳالهه آهي ته کو هو اسان کي پنهنجا قومي حق ڏيندا. جڏهن ته پاڪستان ٺهيو ئي غير فطري طور تي آهي، جيڪو هاڻي گهڻو وقت برقرار رهي نٿو سگهي. پر جي حڪمرانن کي واقعي انهيءَ ۾ دلچسپي آهي ته اهو ڪين قوم پرست ڌرين سان ڳالهائڻو پوندو. ۽ قوم پرستن جو جيڪڏهن کو اڳواڻ آهي ته اهو سائين جي. ايم. سيد آهي. جيڪڏهن حڪمران پاڪستان کي بچائڻ گهرن ٿا ته پوءِ ڪين رهبر جي موقف کي تسليم ڪري سائس ڳالهائڻ گهرجي، پوءِ ٿي سگهي ٿو ته ڪا راهه نڪري اچي.

پر اسان سمجهون ٿا ته پاڪستان ۾ رهندي سنڌي ماڻهن کي قومي حق ملڻ پون، اهو ناممڪن آهي. ڇو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ اها ڳالهه واضح ۽ چٽي پئي آهي، ته جيڪڏهن پاڪستان ۾ قومن جي حقن کي تسليم ڪيو وڃي ها ته تيهه لک بنگالين کي نه ماريو وڃي ها ۽ نه شيخ مجيب کي جيل ۾ وڌو وڃي ها ۽ ان جي ڇهن نڪتن کي تسليم ڪري پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ها. جيڪڏهن ڪين هن ملڪ کي بچائڻو هجي ها ۽ ڪين ماڻهن جي مسئلن ۾ دلچسپي هجي ها ته ويهه هزار بلوچن جو قتلِ عام نه ڪرائين ها. جيڪڏهن ملڪ جا گهڻگهرا هجن ها ته سنڌ دشمن منصوبا جوڙي سنڌين سان ناانصافيون نه ڪن ها. نه ويساهه گهاتيون ڪن ها. نه وري سنڌ کي پنجاب جي ڪالوني بنايو وڃي ها. نه سنڌ ۾ پنجابين کي وسائي سنڌ جي وسيلن تي سنڌن قبضو ڪرايو وڃي ها ۽ نه ئي بندرن ۽

طاقت جي زور تي سنڌين کي غلام بنايو وڃي ها. ان ڪري اسان کي اهڙي ڪا به اميد نظر ڪا نه ٿي اچي، ته ڪو پنجاب سامراج يا پنجابي حڪمران يا پنجابي فوج انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿيندا ته ننڍين قومن کي پنهنجا حق ملن.

سوال: اگر ته دنيا جي اندر به بلاڪ هئا، پر هاڻي عالمي صورتحال تبديل ٿي وئي آهي. انهيءَ تبديليءَ جي حوالي سان جيئن سوويت يونين جون قومون الڳ ٿي ويون آهن. تيئن هتي به پُرامن جدوجهد جي ذريعي قومن کي قومي آزاديون ملي سگهن ٿيون؟

جواب: بلڪل اسان کي اميد آهي ته سوويت يونين وانگر هتي اسان کي به آزاديون ملنديون ۽ اسان پاڻ چاهيون ٿا ته عدم تشدد جي بنياد تي سنڌ جي قومي آزادي وٺون، پر جيڪڏهن اسان جي قومي آزادي جي جدوجهد ۾ ڪو مدد ڪري ٿو ته سني ڳالهه آهي ۽ بهتر آهي، ۽ ممڪن آهي ته ايئن آزادي ملي به سگهي.

سوال: پوءِ هرويرو سنڌو ديش جي نعري هڻڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟

جواب: سنڌ جي آزادي هجي يا سنڌو ديش جو نعرو هجي، مان سمجهان ٿو ته هڪڙي ئي ڳالهه آهي. اسان جي هيءَ سنڌ ڌرتي آهي ۽ هن ڌرتيءَ جو صدين کان وٺي سنڌو ديش نالو رهيو آهي. مان سمجهان ٿو ته ان تي ايڏو وڏو اعتراض نه هجڻ گهرجي.

سوال: هڪڙو موقف اهو به آهي ته پهرين سنڌ جي قومي بقا جي ضمانت حاصل ڪجي ۽ پوءِ آزاديءَ جي ڳالهه ڪجي؟

جواب: سنڌي قوم جي بقا ئي سنڌ جي آزاديءَ ۾ آهي، جيڪڏهن ماڻهو سنڌي قوم جي بقا لاءِ جدوجهد ڪري ٿو، ته جيئن سنڌ جي قوم جي مستقبل جي ضمانت ملي سگهي ته ان لاءِ سمجهان ٿو ته سنڌ جي آزادي ۽ سنڌ جي بقا جي ڳالهه تقريباً ساڳي آهي. اسان چاهيون ٿا ته قوم جو مقام بلند ڪجي ۽ پنهنجا حق وٺجن، ۽ آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪجي. اها ڳالهه ساڳي آهي.

سوال: جيڪڏهن سنڌي قوم کي پاڪستان ۾ حق ملن ته پوءِ توهان سنڌ جي آزاديءَ تان هٿ ڪڻندؤ؟

جواب: اسان آزاديءَ تان تہ هٿ کو نہ ٿا کڻون. اسان کي اها اميد ٿي ڪا نہ اهي. تہ پنجاب ڪو سنڌين يا ٻين ننڍين قومن کي حق ڏيندو، ڇو تہ پاڪستان جي سڄي تاريخ واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ هن نہ بنگالين کي حق ڏنا، ۽ نہ بلوچن کي حق ڏنا، تہ پوءِ سنڌين کي ڪهڙا حق ملندا.

پاڪستان جو جيڪو موجوده 1973ع وارو آئين آهي، هن جو سڄو دارومدار انهيءَ آئين تي آهي. انهيءَ آئين ۾ سنڌ کي ٽوٽل 43 سيٽون مليل آهن. بلوچستان کي ست سيٽون آهن. سرحد کي 26 سيٽون آهن، باقي سئو سترهن سيٽون پنجاب وٽ آهن. انهيءَ جي زور تي قانون سازي، عدليا ۽ انتظاميہ پنجاب جي هٿ ۾ آهي. ۽ ساڳي طرح هن وٽ سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ ڪرڻ جو عمل بہ جاري آهي. نتيجي ۾ سورهن سيٽون تہ رڳو مهاجر ڪميونٽي جي حوالي ٿي ويون آهن، اهڙيءَ طرح ڪراچي ۽ حيدرآباد کان سواءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ ڌارين آبادڪاريءَ کي وٺائين پيا. جيڪڏهن هو اسان کي حق ڏيڻ لاءِ اهڙا ايماندار هجن ها تہ آئين کي اهڙيءَ طرح ٺاهين ئي ڪو نہ ها. ان ڪري جيڪو ماڻهو موجوده آئين يا فريم ورڪ ۾ پاڪستان جي اندر رهڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ اها سنڌ جي بقا جي حوالي سان ڪري ٿو، تہ اهو هوا ۾ تاڪوڙا ٿو هڻي، يا وري پنجاب ۽ ايجنسين جو خاص ماڻهو آهي ۽ سنڌن ڳين ٽڪرن تي گذاري ڪرڻ وارو آهي، باقي ان ۾ ٻي ڪا بہ سياسي ايمانداري ڪا نہ آهي.

سوال: هن وقت مرڪز ۾ هڪ سنڌي پارٽي حڪومت ڪري رهي آهي ۽ ساڳي وقت وزير اعظم بہ سنڌي آهي. ان حوالي سان جڏهن وزير اعظم بہ سنڌي هجي. سنڌ جو وڏو وزير بہ سنڌي هجي ۽ سنڌي پارٽي حڪومت ڪندي، تہ پوءِ توهان ڪيئن ٿا چئو تہ سنڌي ماڻهو سنڌ جي آزاديءَ تي توهان سان ساٿ ڏيندا. ڇو جو هو تہ سمجهن ٿا تہ اسان سنڌي ماڻهو سڄي پاڪستان تي حڪومت ڪري رهيا آهيون؟

جواب: سنڌي ماڻهو انهن جي پٺيان آهن، جيڪي سياسي طور ڌارين جا دلال آهن ۽ پنهنجيءَ قوم جا غدار آهن، پر سنڌي قوم جي جڏهن غلاميءَ جون زنجيرون ختم ٿي وينديون آهن تہ پوءِ اها آزاديءَ جي رهبرن جي پوئلڳ ٿيندي. هن وقت برابر وزير اعظم بہ سنڌي آهي، حڪومت بہ

سنڌي آهي، پر اها ڳالهہ انهيءَ ڪري آهي تہ جيئن آزاديءَ جي تحريڪ کي ثبوتاز ڪري سگهجي. ساڳيءَطرح جڏهن چار مارچ کان پوءِ سنڌي ماڻهن جي جدوجهد اپار ڪاڏو تہ حڪمران پنهنجي صاحب کي سياست ۾ نعره هٽائي اڳتي وني آيا هئا ۽ پوءِ سنڌي ماڻهو انهيءَ جي پويان لڳي پيا. پوءِ انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ جي هٿان مجيب جا ڇهہ نڪتا رد ڪرايا ويا. تيهہ لک بنگالين جو قتل ڪرايو ويو. انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ جي هٿان بلوچستان ۽ سرحد جي چونڊيل حڪومتن کي ختم ڪرايو ويو. انهن جي خلاف ڪيس هلايا ويا. ساڳئي ماڻهوءَ جي هٿان 1973ع جو آئين جوڙايو ويو ۽ پوءِ انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ جي هٿان سنڌ اسيمبليءَ جي 62 مان 51 ميمبرن جي اڪثريت سان پاس ٿيل سنڌي ٻوليءَ جي بل کي رد ڪرايو ويو. جنهن کان پوءِ پنهنجي ئي حڪم موجب، سائين جي. ايم. سيد کي تاحيات نظربند ڪيو ويو. اهڙا اسان کي هن پارٽيءَ جا ڪيترائي تجربا آهن ۽ هاڻي بہ جڏهن توهان اديب، دانشور ۽ محب وطن ماڻهن جي جدوجهد رنگ لاتو آهي ۽ ان کان سواءِ هتي جيڪي ظلم ٿيا آهن، يا جيڪي ڌاڙيلن ۽ دهشتگرن جي هٿان ويڙهن ڪرايا ويا آهن ۽ فوجي آپريشن جي هٿان ٽنڊو بهاول، يوسف جکراڻي يا ٻيو جيڪو ڪوس ڪرايو ويو آهي، انهيءَ جي خلاف جيڪا جدوجهد هلندڙ واري آهي، انهيءَ جي نتيجي ۾ عالمي ادارن ۽ آمريڪا جي پاران هن ملڪ کي دهشتگرد ملڪ قرار ڏيڻ جا سانبها ٿي رهيا آهن ۽ اهو رڳو خاص سنڌ جي مسئلن تي ئي ايئن ٿيو آهي. توهان سڀني دنيا جو لٽريچر پڙهي ڏسو تہ انهيءَ بنياد تي آمريڪا ۽ ٻين ملڪن هن ملڪ کي دهشتگرد ملڪ قرار ڏنو پئي، انهيءَ سڀني معاملي کي ٽارڻ لاءِ هيءَ حڪومت آندي وئي آهي.

چاڪاڻ تہ آمريڪا کي هاڻي پاڪستان جي ضرورت ئي ڪا نہ رهي آهي، ان ڪري هاڻي آمريڪا جو "نيو ورلڊ آرڊر" هيڏانهن پيو اچي. رشيا ۽ افغانستان جي مسئلي کان پوءِ پاڪستان جي ڪا ضرورت نہ رهي آهي ۽ هو سڄي دنيا جي آقا ٿيڻ لاءِ ۽ اسلامي بلاڪ جي شوشي کي ثبوتاز ڪرڻ لاءِ آزاديءَ جي بنياد تي قومن جي حمايت ڪري رهيو آهي.

انهيءَ سڄيءَ ڳالهہ کي ٽالريت ڪرڻ لاءِ ايجنسين باقائدي حڪمت عملي جوڙي سنڌي ماڻهن کي پنيلائڻ ۽ پلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي،

جنهن لاءِ هن هڪ طرف ايم ڪيو ايم کان بائيڪات ڪرايو. ٻئي طرف جماعت اسلاميءَ کي نواز شريف ساڻ ويڙهايو. ٽئين طرف جنرل ضياءَ جي وزير اعظم جوڻيجو مسلم ليگ کي پ پ جو اتحاد بنايو. چوٿين طرف ڀٽي جي قاتل اسحاق خان سان پ پ جو ناهه ڪرايو. انهيءَ سڄي هيراڦيريءَ کان پوءِ رڳو ٻارهن سيٽن جو فرق بيهاريو ويو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٺاهي جوڙي ڪين حڪومت تي وهاريو ويو آهي، ته جيئن سنڌ جو جيڪو ساهه بچيل آهي، اهو به نپوڙي ڪڍجي. هي اڄاڻ ڪالهه ئي ايم ڪيو ايم کي دهشتگرد چئي رهيا هئا ۽ اڄ ايم ڪيو ايم سان ٺاهه تي رهيو آهي ۽ 88 کان پوءِ سنڌين سڀ ڪيس واپس گهرايا ويا آهن. اڄوڪي اخبار ۾ آهي ته محترمه بينظير صاحبه لنڊن الطاف لاءِ گلدستو موڪلي چڪي آهي. جڏهن ته سائين جي. ايم. سيد تي هن عمر ۾ به دهشتگرديءَ جو ڪيس هلايو پيو وڃي ۽ الطاف لاءِ لنڊن گلدستا پيا وڃن. هي سڀ ڳالهيون ٻڌائين ٿيون ته رڳو سنڌين کي بيوقوف بنايو پيو وڃي ۽ جيڪا سنڌ آزاديءَ ڏي وڌي رهي آهي، انهيءَ جي راهه روڪڻ لاءِ سامراج پنهنجن دلالن کي سٽيا تڪر ڪارائي رهيو آهي.

سوال: پ پ جي طرفان، جيڪو ضلعي حڪومتن جو پروگرام ڏنو ويو آهي، اهو ٻڌائي سگهندا ته ڇا آهي؟

جواب: اها سنڌ کي ورهائڻ جي هڪڙي سازش آهي. جيڪو ايم ڪيو ايم جو پراڻو مطالبو آهي، ته سنڌ کي مختلف صوبن ۾ ورهايو وڃي. جڏهن ته پ پ ان کي هاڻي عملي جامو پهرائڻ جون ڪوشش ڪوشون ونئي رهي آهي. ظاهر آهي ته جڏهن ضلعن ۾ گورنر مقرر ڪندا ته ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ٻيا شهر سنڌي ماڻهن جي هٿن مان نڪري ويندا، ان ڪري اها سنڌ جي ورهائڻ جي هڪ ڀيانڪ سازش آهي، جنهن کي اسان ڪڏهن به قبول نه ڪنداسون.

سوال: توهان به سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جا پوئلڳ آهيو ۽ آريسر وارا به ان جا پوئلڳ آهن، ڇا توهان ۽ انهن جي وچ ۾ ڪو ٺاهه ٿيڻ وارو آهي؟

جواب: اسان سڀ سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جا پوئلڳ ته برابر

آهيون، پر وچ ۾ ڪجھ اسان کي شڪوه شڪايتون هيون، ڇو تہ هو چوندا هئا تہ فڪر سائين جي. ايم. سيد جو هجي. پر رهبري سائين جي. ايم. سيد جي نہ هجي. جنهن تي اسان جي وچ ۾ ٿورا اختلاف رهيا آهن. پر هاڻي ڏسون ٿا تہ جيئي سنڌ محاذ وارا بہ سائين جي. ايم. سيد کي پنهنجو رهبر تسليم ڪن ٿا ۽ سنڌ جي آزاديءَ ۾ انهن جو بہ ايمان آهي. خاص ڪري منهنجي تہ شروعَ کان ئي اها ڪوشش رهي آهي تہ جيئي سنڌ جي اندر جيڪي گروھ بنديون آهن يا جيڪي دوست اسان کي ڇڏي ويا آهن، اسان جي ڪوشش آهي تہ قوم پرست ڌرين کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو وڃي ڇو تہ اسان جي محبت جو مرڪز سنڌ آهي. جيڪو بہ سنڌ جي وجود کي تسليم ڪري ٿو ۽ ان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو تہ اهو اسان جي ويجهو آهي ۽ اسان کي اميدون آهن تہ اڳتي هلي مستقبل ۾ دوستن کي گڏائي ويهاري سگهجي ٿو.

سوال: مهاجر فيڪٽر ۽ ايم ڪيو ايم بابت توهان جو موقف ڪهڙو آهي؟

جواب: مهاجر فيڪٽر ۽ ايم ڪيو ايم کي اسان الڳ الڳ ڏسون ٿا. ڇو تہ هتي جيڪي ستر اسي لک مهاجر رهن ٿا، انهن کي ماري، ڪٽي پڇائي نٿو سگهجي ۽ نہ هو ڌرتي ڇڏي ويندا. هنن کي بہ هتي رهڻو آهي، هو جيڪڏهن اسان جي ڌرتيءَ کي پنهنجي ماءُ تسليم ڪن ٿا ۽ سنڌ جي وجود کي تسليم ڪن ٿا ۽ سنڌ جي مفادن لاءِ ڪم بہ ڪن ٿا تہ اسان کين قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، پر جيڪو سنڌ ۾ رهي ڪري علحده قوميت جو نعرو هڻي ٿو. يا سنڌ جي ورهاست جي سازش ڪري ٿو تہ اسان ان جي ڀرجوش طريقي سان مزاحمت ڪنداسون. هتي اسان ڏٺو تہ ايم ڪيو ايم اصل ۾ ايجنسين جي پيداوار آهي. جنهن لاءِ ضياءَ دور ۾ شهرن جي اندر دهشتگرديءَ کي ۽ ڀهراڙين ۾ ڌاڙيلن کي هٿي ڏني وئي، کين هٿيار فراهم ڪيا ويا. انهيءَ ڪري بہ اسان سمجهون ٿا تہ مهاجر ۽ ايم ڪيو ايم بہ جدا شيون آهن. تنهن لاءِ مهاجرن کي اسان جو چوڻ آهي تہ هو جيڪڏهن هتي رهڻ گهرن ٿا تہ سنڌي ٿي رهن. اسان جا ڀائر ٿي رهن، تہ اسان کين قبول ڪنداسون، پر جي هو جدا قوميت جو نعرو هڻندا تہ اسان قبول ڪو نہ ڪنداسون.

سوال: ڏنو ويو آهي تہ هن وقت تائين، جيڪي ٽريون ۽ گروهہ جيئي سنڌ ۽ سائين جي. ايم. سيد کان الڳ ٿينديون رهيون آهن، اهي اڳتي هلي سنڌ جي آزادي ۽ سنڌو ديش تان ڦري ويون آهن. توهان ٻڌائي سگهندا تہ انهيءَ جي پنيان ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

جواب: اسان سمجهون ٿا تہ پنجاب سامراج قومي تحريڪ کي ٽوڙڻ لاءِ مختلف وقتن تي مختلف هربا استعمال ڪندو رهيو آهي. جڏهن بہ قومي تحريڪ پنهنجي طاقتور پوزيشن ۾ آئي آهي يا ڪجهہ ڪرڻ واريءَ پوزيشن ۾ آئي آهي تہ عين ان وقت ان کي ڌڪ رسائڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن گروهہ کي تيار ڪيو ويندو آهي، جيئن قومي تحريڪ ۾ گروهن ۽ گروپن ۾ ورهائجي وڃي ۽ رهبر سنڌ سائين جي. ايم. سيد جي ڏيادت ۾ گڏ ٿي نہ سگهي. انهيءَ ڪري اسان جي خيال ۾ تہ اهو ايجنسين جو ڪمال آهي، جو اهي اهڙن ماڻهن کي خريد ڪن ٿا، جيڪي نڪرڻ مهل وڏيون دعوائون ڪن ٿا ۽ وڏا نعره هڻن ٿا تہ اسان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هيئن بہ ڪنداسون ۽ هونءَ بہ ڪنداسون ۽ ان جي جدوجهد تا ڪريون. پر وقت ثابت ڪيو آهي تہ اڳتي هلي سندن عملن مان ڳالهہ واضح ٿي ويندي آهي تہ اهي سنڌو ديش جي پروگرام کان علحدگي اختيار ڪري پنهنجي پنجابي آقائن کي راضي ڪندا آهن.

سوال: انهيءَ حوالي سان ئي ڊاڪٽر قادر مگسي، ان جي پارٽي ۽ سياسي لائين لاءِ توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: انهن جي پارٽي هاڻي سنڌ جي آزاديءَ تان صاف طور هٽ ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي اها رڳو سنڌ جي مسئلن جي ڳالهہ پئي ڪري. اسان توهان کي ٻڌايو تہ سنڌ ۾ قوم پرستيءَ جو بنياد رکندڙ سائين جي. ايم. سيد آهي، ۽ انهيءَ پنهنجي سڄي زندگي انهيءَ پروگرام لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. جدوجهد ڪئي آهي، ماڻهن کي قومي شعور ڏيڻ لاءِ ۽ قومي غيرت ڏيڻ لاءِ هو هر دور ۾ ۽ هر وقت جدوجهد ڪندو ۽ جيل ڀوڳيندو رهيو آهي، پر جن ماڻهن سائين جي. ايم. سيد کان علحدگي اختيار ڪئي آهي، اهي ڦري پنجاب جا ساٿاري ٿي پيا آهن.

سوال: توهان جي خيال ۾ تہ پنجاب جي ساٿارين ۾ ڊاڪٽر قادر

مگسي ٻه اچي وڃي ٿو ڇا؟

جواب: اسان ته سمجهون ٿا ته جيڪو سنڌ جي مفاد جي خلاف ڪم ڪندو ۽ سنڌ جي آزاديءَ تان دستبردار ٿيندو، سو ظاهر آهي ته پنجاب کي وڻندو.

سوال: ساڳيءَ طرح پليجي صاحب جي سياست هڪ قومي سياست آهي؟

جواب: پليجو صاحب ته سدو سنئون پنجاب جو ايجنٽ رهيو آهي ۽ هن ماڻهوءَ قومي تحريڪ کي وڏو نقصان رسايو آهي. جڏهن ٻه سنڌي ماڻهن جو ڪو اجتماع گڏ ٿيندو آهي ۽ سنڌي ماڻهو هڪ هنڌ ڪٺي ٿيندا آهن ۽ مسئلن کي ڪٺي اڳتي وڌندا آهن ته هو ماڻهو پنهنجي ذاتي انا ۽ هٺ جي ڪري ۽ پوءِ پنهنجن خاص مقصدن جي حاصلات لاءِ قومي تحريڪ کي استعمال ڪندو آهي. جنهن جي ڪري هن قومي تحريڪ کي وڏو ڌڪ رسايو آهي، اسان ته اهو ٿا سمجهون ته هي سڀ پنجاب جاايجنٽ آهن. جيڪي پنجاب سامراج کي راضي ڪرڻ لاءِ سنڌو ديش جي راهه ۾ هڪڙي وڏي رڪاوٽ آهي.

سوال: تازو مرتضيٰ ڀٽو پاڪستان ۾ آيو آهي، انهيءَ جي سياست کي توهان ڪهڙيءَ نظر سان ٿا ڏسون؟

جواب: اسان سمجهون ٿا ته انهيءَ جي ٻه ساڳي پ پ واري لائين آهي، اسان انهيءَماڻهوءَ ۾ سنڌ جي آزاديءَ بابت ڪا اهڙي اميد رکي ڪا نه ٿا سگهون، جيڪو ماڻهو پنجابي فوج لاءِ ماسٽر پلان تيار ڪري ٿو اچي ۽ ان جي اڃان وڌيڪ جديد بنيادن تي ڻاهڻ جوخواهان آهي. هو سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين جو ذڪر ته ڪري ٿو، پر سنڌ جي سنڀال، سائين جي. ايم. سيد تي ڇتي تنقيد ڪري ٿو ۽ ان لاءِ گهٽيا لفظ استعمال ڪري ٿو. جن کي اسان دهرائي نه ٿا سگهون ته ان مان ڪهڙي اميد رکي ٿا سگهون ته هو ماڻهو سنڌ جي ڪا خدمت ڪري سگهي ٿو.

في الحال ته هو ڪيسن جي سلسلي ۾ گرفتار آهي ۽ اسان انهيءَ گرفتاريءَ جي مذمت ٿا ڪريون، ڀلي هو عوام جي اڏو اچي ۽ پنهنجي ڪليل نموني جي سياست ڪري ۽ عوام کي پنهنجو موقف ٻڌائي، پر اسان نٿا سمجهون ته هو سنڌ جي آزاديءَ جي حوالي سان پنهنجو ڪو ڪردار ادا ڪري سگهندو.

سوال: اهڙيءَ طرح ممتاز ڀٽو بہ قوم پرست سياست ڪري ٿو، جيڪو نئين آئين ساز اسيمبليءَ جي گهر ٿو ڪري؟

جواب: اسان جي محبت جو مرڪز سنڌ آهي. جيڪو سنڌ جي جيترو ويجهو هوندو، سو ايترو ئي اسان جي بہ ويجهو هوندو. ممتاز بہ پاڪستان کان الڳ سياست نٿو ڪري، پر پنجاب جي اختيارن کي گهٽائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري، ۽ هو پنهنجي فرنٽ جي پروگرام جي حوالي سان چوي ٿو، تہ وفاق کي اختيار گهٽ هجن ۽ ڪمزور وفاق هجي. اهڙيءَطرح هو اسان جي ويجهو آهي، ۽ سياسي جدوجهد جي حوالي سان بہ اسان جو اتحادي آهي.

سوال: جيئن ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ جي خلاف ڊاڪٽر قادر مگسيءَ مزاحمت ڪئي هئي، تيئن توهان ڪا اهڙي مزاحمت ڪا نہ ڪئي هئي. ائين ڇو؟

جواب: اسان انهيءَ راءِ جا رهيا آهيون تہ جيڪي ماڻهو ڏوهہ جا ڏوهاري هجن. اهي ئي سزا جا مستحق آهن ۽ انهن کي ئي سزا ملڻ کپي. اسان شروع کان وٺي، انهيءَ ڳالهہ جا هئاسون تہ سنڌي مهاجر جهيڙو هتان جي ڌرتيءَ جي مفاد جي ئي خلاف آهي. پر پوءِ انهيءَ جهيڙي کي ايجنسين جي طرفان اهڙي پريور طريقي سان استعمال ڪيو ويو، جو سنڌ مراڳو خانہ جنگيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. انهيءَ جهيڙي دوران جيڪي ماڻهو سنڌي ماڻهن کي قتل ڪن پيا. انهن کي مارين پيا، ۽ انهن جون عزتون لٽين پيا. انهن قاتلن کي تہ ڪجهہ تہ ڪو نہ ڇيو پيو وڃي. پر ان جي ابتڙ جن ماڻهن جو جهيڙي سان ڪو واسطو يا تعلق ئي ڪو نہ هو، انهن کي قتل ڪيو پئي ويو.

اهڙيءَ طرح اها جيڪا قتل عام جي صورتحال پيدا ڪئي وئي، اسان انهيءَ جي سراسر خلاف هئاسون. اسان اهو پيا چاهيون تہ جيڪي ڏوهہ جا ڏوهاري هئا. جن سنڌي ماڻهن کي ماريو ۽ ڪٽيو. انهيءَ ۾ سڌي سنواٽي ايم ڪيو ايم ملوث هئي، ۽ ان جا ماڻهو ملوث ٿا، ۽ اهي انهن جا ڪارڪن ۽ اڳواڻ هئا. پران جي بدلي ۾ عام مهاجر ماڻهوءَ کي جيڪا سزا ڏني وئي، اسان ان جي خلاف هئاسون. انهيءَ دور ۾ توهان ڏٺو هوندو تہ ويڙهہ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو ويو، انهيءَ جي تہ اسان کي خبر بہ نہ پئي پوي تہ اهو ڪيئن پيو ٿئي ۽ بيگناهہ ماڻهو ڇو ماريا پيا وڃن، جن جو ان سان ڪو

تعلقات نہ هجي. انهن کي قتل ڪرڻ اهو سنڌين ۽ نہ انسانيت جي خلاف آهي.

سوال: جيئي سنڌ تحريڪ. هيستائين سنڌ ۾ عوامي سگهہ حاصل ڪري نہ سگهي آهي. ائين ڇو آهي؟

جواب: جيئي سنڌ تحريڪ هميشہ سائين جي ايم سيد جي رهبري ۾ جدوجهد ڪئي آهي. اڳ ۾ تہ اسان توڙي جيئي سنڌ محاذ وارا سڀ گڏجي جدوجهد ڪندا هئاسون ۽ اسان ڏهن شاگردن جي حوالي سان سياست ڪندا هئاسون ۽ سائين جي. ايم. سيد جي حڪمت عملين ۽ پاليسين تي عمل ڪندا هئاسون. انهيءَ حوالي سان (الڳ تنظيم جي صورت ۾) اسان جي تحريڪ کي لڳ ڀڳ ٽي سال کن ٿيا آهن. جنهن لاءِ اسان اهڙي دعويٰ بہ نٿا ڪري سگهون، تہ اسان کي عوام جي مڪمل پذيرائي حاصل ٿي وئي آهي. ۽ انهن جي حمايت بہ حاصل آهي. پر پوءِ بہ نئين شروعات جي حوالي سان اسان کي ڪافي ڪاميابيون حاصل ٿيون آهن. اسان جي تحريڪ جا ضلعي کان تعلقي سطح تائين ۽ تعلقي کان ديهہ سطح تائين يونٽ آهن ۽ اسان جدوجهد ڪريون پيا. پر، ڪڏهن انهيءَ ۾ مانار اچيو وڃي، پوءِ اها ماحول ۽ ملڪي حالتن تحت ٿيندي آهي يا وري هتي جيڪو ڊاڙيل فيڪٽر هو، جنهن جي ڪري ماڻهو پريشان هئا، نتيجي ۾ هڪڙو بيو ماحول گهڙجي آيو. ان لاءِ توري وقتي مانار اچي وئي آهي، پر قومي تحريڪ جي حوالي سان اسان جي جدوجهد جاري آهي ۽ اسان کي اميد آهي تہ اها اڳتي هلي سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين جي خلاف مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهندي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ ڏينهن ماڻهن جي حمايت بہ حاصل ٿي ويندي.

سوال: ماڻهن جي حمايت ملڻ جو ڪٿي اهو سبب تہ ناهي، جو سائين جي. ايم. سيد سنڌو ديش جو نعرو ايڊوانس طور ڏئي ڇڏيو؟

جواب: سائين جي. ايم. سيد سنڌو ديش جو، جيڪو نعرو ايڊوانس طور ڏنو آهي، حقيقت اها آهي تہ انهيءَ اسان کي ڪافي گهڻو بچايو بہ آهي. سائين جي. ايم. سيد عدم تشدد جي بنياد تي سنڌ جي آزاديءَ جو جيڪو نعرو ڏنو آهي. اهو وقت ۽ حالتن جي گهرج آهي. ڇاڪاڻ جو جي هتي اهڙيون حالتون ڪو نہ آهن، هتي تہ عوام پوڙن گونگن وانگر ويڪو وڏيرن جي ڪڌ آهي، جيڪي سڌو سنئون وفاق پسند آهن ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ

نقصانڪار آهن، پر ماڻهو پوءِ بہ ڪين ووٽ ڪن ٿا، تہ اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن سائين جي. ايم. سيد سنڌو ديش جو نعرو ۽ آزاديءَ جو نعرو نہ هڻي ها تہ سنڌ وفاق جي اوڙاهہ ۾ غرق ٿي وڃي ها ۽ اڄ سنڌي قوم مڪمل طور تي اقليت ۾ تبديل ٿي چڪي هجي ها.

هتي جيڪا سنڌو ديش جي نعري جي ڳالهہ دهرائي پئي وڃي، اهو حقيقت ۾ دنيا جي تاريخ جي مفڪرن، رهبرن ۽ پيغمبرن کان وٺي ويندي سائين جي. ايم. سيد سان هڪڙو مزاق آهي. توهان اسان جا وڏا ۽ احترام لائق دانشور آهيو، توهان کي حقيقت جي خبر آهي تہ جڏهن مارڪس 1847ع ۾ لنڊن حال ۾ پهريون دفعو ڪميونسٽ مينيفيسٽو لکيو تہ ان وقت ان جا ڪيترا ماڻهو حمايتي هئا؟ پر ان اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ رکي تہ هن مان نقصان پوندو. پر ان عليٰ اعلان ڪميونزم جي ڳالهہ ڪئي. تنهن کان سواءِ توهان تاريخ جي گهرائي ۾ وڃي ڏسو. خود اسان جي اسلام جي پيغمبرن، جڏهن پهريون پيرو اسلام جي آذان ڏني هئي تہ ان وقت ۾ ان جي پٺيان ڪيترا ماڻهو هئا؟ پوءِ انهيءَ اها ڳالهہ عليٰ اعلان چو ڪئي؟ يا جڏهن ڪئبرال انگولا جي آزاديءَ جو اعلان صرف ڏهن ماڻهن سان گڏجي ڪيو هو. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪاسترو ڪيوبا جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو تہ ان وقت ان سان صرف ٻارهن ماڻهو گڏ هئا. ان ڪري اهڙيون ڳالهيون، هڪڙيون فرضي ڳالهيون آهن ۽ جند ڇڏائڻ ۽ آزاديءَ کان ڪن لاتار ڪرڻ جون ڳالهيون آهن ۽ سائين جي. ايم. سيد جيڪا آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي، انهيءَ کي منجهائي پيش ڪرڻ لاءِ اهو ڇيو پيو وڃي، ان کان سواءِ سائين جـ . ايم. سيد جي جدوجهد لاءِ ڪي خاص قربانيون بہ ڪو نہ ڏنيون ويون آهن. پر ان جي ابتڙ اقتدار جي حاصلات لاءِ وفاق پرست ماڻهن ڪافي سارا بي گناهہ ماڻهو شهيد ڪرايا آهن. جن مان هڪڙا ايم آر ڊيءَ جي جدوجهد ۾ هزارين ماڻهومارايا ويا. پيا پ پ جي حڪومت جي دور ۾ هزارين سنڌي ماڻهو ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن جي هٿان شهيد ڪرايا ويا. ٿيان وري ڌاڙيلن ۽ ايجنسين جي هٿان شهيد ڪيا ويا آهن. انهن سيني جي لسٽ بہ هڪ پاسي رکي وڃي، ٻئي پاسي سائين جي. ايم. سيد جي جدوجهد ۾ جيڪي ماڻهو شهيد ٿيا آهن، اهي بہ رکيا وڃن تہ توهان کي خبر

پنجي ويندي تہ اقتدار جي لالچ لاءِ جيڪي ماڻهو ماريا ويا آهن، سي هزارن جي تعداد ۾ مئا آهن ۽ اڃايا ۽ بيگناهہ مئا آهن. ڇا اهو ظلم ڪو نہ آهي؟ پراهو رڳو ان ڪري ڇيو پيو وڃي تہ جيئن سنڌي ماڻهن کي بيوقوف بنائي ڪين حقيقي آزاديءَ جي جدوجهد کان پري رکي سگهجي.

سوال: توهان سنڌو ديش جي آزادي جي ڳالهہ تہ ڪريو ٿا، پر ان جي حاصلات لاءِ عملي طريقو ڪهڙو اختيار ڪندا؟

جواب: اسان سنڌ جي آزادي عدم تشدد جي بنياد تي وٺڻ گهرون ٿا؟

سوال: عدم تشدد جي وضاحت ڪندا؟

جواب: دنيا ۾ ٻن قسمن جون تحريڪون هليون آهن، هڪڙا اهي آهن، جن پنهنجن قومن کي اڳرائي ۽ فاشست نظرين ۽ قومن جي سپيارٽيءَ جي بنياد تي گڏ ڪيو آهي، جيئن يونانين جي مفڪرن پنهنجي قوم کي احساس ڏياريو تہ توهان سڄي دنيا جي ماڻهن کان اعليٰ ۽ اتم آهيو. جنهن جي ڪري انهن منجهان سڪندر اعظم مقدوني پيدا ٿيو. جيڪو سڄي دنيا تي حاوي ٿي ويو يا اهڙيءَ طرح هٽلر هو يا مسوليني هو يا ٻيا اهڙا ماڻهو هئا. جن انهيءَ قسم جا نظريا ڏئي، قومن کي اڳرائي لاءِ تيار ڪيو. جن جي ماڻهن مارڻ جو طريقو دهشتگردي وارو هوندو هو. جيئن هاڻي اسان رت ايم ڪيو ايم ڪري رهي آهي. پر ٻين دنيا ۾ پنهنجيءَ قوم جي آزادي عدم تشدد جي بنياد تي ورتي آهي، انهن پنهنجون تنظيمون آرگنائيز ڪيون آهن. انهن پنهنجي آزاديءَ جي نظرين تي جدوجهد ڪئي آهي. انهيءَ ۾ جلسا، جلوس ۽ احتجاج ٿين ٿا ۽ سرءِام هڙتالون ٿينديون آهن. يا وري قلم ڇوڙ هڙتالون هونديون آهن. مطلب تہ مختلف احتجاجي طريقن سان انهن تحريڪون هلايون آهن، انهيءَ دوران جيڪڏهن مٿن ڪي وار ٿيا بہ آهن تہ انهن جو هٿن جواب بہ ڏنو آهي، اهو ئي عدم تشدد جو طريقو آهي ۽ اهو پنهنجو بچاءُ آهي. بقول عدم تشدد جي پيغمبر مهاتما گانڌيءَ جي تہ "عدم تشدد هجڻ جي باوجود بزدل نہ ٿيو، ۽ بزدليءَ تي وڙهي مرڻ کي ترجيح ڏيو."

اهڙيءَ طرح اسان تي بہ جيڪڏهن ڪو وار ٿئي ٿو ۽ اسان ان جو جواب ڏينداسون تہ اهو بہ عدم تشدد ۾ شامل ٿيندو ۽ اهو ئي اسان جي جدوجهد جو طريقہ ڪار آهي، جنهن جي بنياد تي ئي اسان پنهنجي تحريڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ چاهيون ٿا.

(هيءَ انٽرويو ماهوار "سانجاهہ" ڊسمبر- جنوري ۹۲-۱۹۹۳ع تان ورتل)

اسان سنڌ ڌرتيءَ جا مالڪ ۽ وارث آهيون

سوال: اسان جو توهان کان ٻهريون سوال الطاف حسين جي خط بابت آهي، جيڪو هن جي طرفان اخبارن ۾ سنڌي عوام ڏانهن اپيل جي صورت ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن چيو هو تہ اچو تہ سنڌ جي حقن ۽ پنجاب جي خلاف گڏجي جدوجهد ڪريون. جو تہ پنجاب پنجاهہ سالن کان سنڌ جي وسيلن کي لٽيندو رهيو آهي ۽ هن سنڌ کي پنهنجي ڪالوني بنائي ڇڏيو آهي. پر الطاف جي ان خط بابت ڪن ماڻهن جو رايو آهي تہ اها بہ هن جي هڪ چ... هي. توهان ان کي ڪيئن ٿا سمجهو، ان تي پنهنجي نقطہ نظر کان روشني وجهندا تہ مهرباني؟

جواب: اسان سنڌ ڌرتيءَ جا مالڪ ۽ وارث آهيون، جنهن کان سڀ ڪجهہ پنجاب سامراج اسلام، مسلمان ۽ پاڪستان جي نالي ۾ لٽي ڦري ۽ پينگيو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ لحاظ کان الطاف جو اهو خط هڪ تمام بهتر ڳالهہ آهي ۽ اسان ان جي ڀرپور انداز ۾ آجيان ڪريون ٿا. اسان سيني جي محبت جو مرڪز سنڌ آهي. هن ڌرتي جي ڀلائي جي ڳالهہ ڪير بہ ڪندو، ۽ ڪري ٿو، يا جيڪو بہ شخص سنڌ امڙ جي ويجهو ايندو، اهو اسان جي بہ ويجهو آهي ۽ هن پنهنجي خط ۾ جيڪو پنجاب جي بالادستي جي خلاف جدوجهد جو اعلان ڪيو آهي، انهيءَ کي اسان قبوليت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏسون ٿا ۽ وقت جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي تہ سڀ ڌرتيءَ جاوا هڪ هنڌ گڏ ٿيون ۽ پنجاب سامراج جي خلاف جدوجهد ڪريون تہ جيئن اسان پنهنجي هن سنڌ ڌرتيءَ کي آزاد ڪرائي خوشحالي ۽ خودمختياري ماڻيون. باقي جيتري قدر سنڌي ماڻهن جي تورن گهڻن خدشن جو تعلق آهي، ان لاءِ ائين چئجي تہ پنجاب جا دلال ۽ ايجنسيون جيڪي هن جي پارٽي ۾ بہ وينا آهن، سي هن کان ۽ هن جي پارٽي کان ڪا نہ ڪا اهڙي ڳالهہ چورائين ٿا. جيئن متحده جي پريس ڪانفرنس ۾ 21 نقاطي

ايجندا هئي. سي شڪن ۽ شبهن کي جنم ڏين ٿيون، جنهن بابت آئون ائين ٿو سمجهان تہ سنڌ ڌرتي تي ويهي، جيڪو ان کي تقسيم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪندو، اها ڳالهہ اسان کي ۽ سنڌو وارن کي گار ڏيڻ جي برابر آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان الطاف حسين کي گذارش ڪنداسين تہ هو پنهنجن اهڙن ماڻهن کي قبضي ۾ رکي، جاڪاڻ تہ اهڙين ڳالهين جي ڪري هو پاڻ جيڪا بہ ڪا چڱي ڳالهہ ٿو ڪري، ان کي بہ ماڻهو شڪ جي نگاهن سان ڏسن ٿا. جڏهن تہ اسان اهو موقف آهي ۽ اسان اهو سمجهون ٿا تہ سنڌ جي اندر ۽ سنڌي آبادي کي هڪ سنڌي قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي بقا ۽ آزاديءَ جي جنگ گڏجي وڙهڻي پوندي ۽ انهيءَ جنگ ۽ جدوجهد ۾ هو جيترو بہ اڳتي ايندا ۽ جيترو بہ پير پريندا، اها هڪ سٺي ۽ بهتر ڳالهہ آهي ۽ اسان کين ان باري ۾ ڀرپور مدد ڏينداسين.

سوال: الطاف حسين جڏهن ايم ڪيو ايم ٺاهي هئي، تڏهن بہ هن سنڌين سان ويجهڙائي واريون ڳالهيون ڪيون هيون، پر پوءِ اڳتي هلي ايم ڪيو ايم جي ئي پليٽ فارم تان شهرن جي اندر سنڌي ماڻهن جو قتل عام ڪرايو ويو پر خاص ڪري 1998ع ۾ ڪالاباغ ڊيم جي خلاف هلندڙ جدوجهد جي دوران توهان جي پارٽي ۽ متحده وارن جي وچ ۾ تہ نقاطي اتفاق يا اتحاد ٿيو هو ۽ پوءِ وري هو ئي پوئتي هٽي ويا، ۽ وڃي پ پ وارن سان گڏيا ۽ گرينڊ الائنس ۾ بہ ويٺا ۽ پاڪستان جي مضبوطيءَ جون ڳالهيون بہ ڪرڻ لڳا، ۽ فوجي راڄ کان پوءِ پاڪستان ۾ وڌيڪ صوبن جا مطالبا ڪرڻ لڳا ۽ هاڻ وري ڦيري ڪائي سنڌين جي ويجهي اچڻ واريون ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن، اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌي ماڻهن کي انهن تي ڪيترو اعتبار ڪرڻ کپي؟

جواب: عمل جو دارومدار نيت تي آهي. اسان هن وقت سندن نيت تي شڪ نٿا ڪري سگهون. اسان اڳ ئي ڦريا ويٺا آهيون. اسان جو چوڻ آهي تہ جيڪو بہ سنڌ جو رهواسي آهي. اهو پنجاب سامراج جي چالن ۽ سازشن کي سمجهي تہ بهتر آهي. پنجاسي ۽ ڇهاسيءَ دوران هنن جو سنڌ ڏانهن جيڪو بهتر رويو هو. ان لاءِ سائين جي. ايم. سيد ان وقت ئي چئي ڇڏيو هو تہ هنن ۾ ٻہ گروهہ ٿيندا؛ هڪڙا اسان ۾ ضم ٿي ويندا، ٻيا ڀڄي ويندا ۽

ٿيا وڙهندا. سائين جو ڪجهه چيو اهو اڳتي هلي سچ ثابت ٿيندو ۽ ثابت ٿي رهيو آهي. ان وقت، جڏهن اهي سنڌ جي ويجهو آيا هئا، ۽ هاڻ جڏهن ويجهو اچڻ لڳا آهن تہ انهن جي ماڻهن ۾ ڪافي تبديليون اچڻ لڳيون آهن. هنن جا ڪارڪن سنڌي اجرڪون پائيندا هئا ۽ هاڻ بہ پائين ٿا. جيڪا ڳالهہ پنجاب کي ڪنهن بہ طرح ڪا نہ وڻي هئي. چو تہ هو سمجهي ٿو تہ جيڪڏهن سنڌ جي شهري ۽ ڳوٺاڻي آبادي هڪ ٿي وئي ۽ پاڻ ۾ ڀڏي ڪري گڏيل موقف اختيار ڪندي تہ پنجاب سامراج جي بالادستي سنڌ تي رهي ڪا نہ سگهندي. انهي ڪري انهيءَ ايجنسين ۽ انهن جي چاڙتن جي معرفت سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ جهيڙا ڪرايا. جنهن جي نتيجي ۾ اسان ذري گهٽ هڪ نسل پوئتي پئجي وياسون ۽ اسان ۾ هڪٻئي جي خلاف نفرتون وڌي ويون. هُن ۾ بہ اهڙي قسم جا ماڻهو وينل هئا، ۽ اسان ۾ بہ اهڙا ماڻهو هئا. جن اهڙن نفرت وارن رجحانن کي باقائدي هٿي ڏني.

توهان الطاف جو خط پڙهيو هوندو، جنهن ۾ هن تسليم بلڪہ اعتراف ڪيو آهي تہ 30 سيپٽمبر کان پوءِ ڀهرين آڪٽوبر سنڌ جي ٻنهين آبادين جو قتل عام پنجاب جي سازش هئي يا ان کان اڳ ہولي‌ءَ وارا فساد ٻهانهن ٿي قوتن ڪرايا هئا. جن کي هن مڪمل طور تي ننديو آهي ۽ ڪليل لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ انهن مڙني فسادن کي ايجنسين جي سازش قرار ڏنو آهي. انهيءَ بابت اسان جو موقف اڳ ۾ ئي اچي چڪو هو. تہ اها ايجنسين جي هڪ راند هئي، جنهن ۾ دشمن جي ڪا بہ تميز ڪا نہ هئي. تہ هو راهہ ويندي معصوم ماڻهن کي چو ٽا مارين. اٿين راهہ ويندي ماڻهن کي ماريو ويو جنهن ۾ سنڌي بہ مارجي ويا، مهاجر بہ مارجي ويا؛ ويندي پنجابي ۽ پٺاڻ بہ مارجي ويا. اهو ڪو بہ پلاند ڪو نہ هو. اها هڪ سڌي سنئين دهشتگردي هئي، جنهن جو نہ مهاجرن کي ۽ نہ سنڌين کي ڪو فائدو ٿيو: رهندو نفرتون ۽ ويڇا وڌي ويا. ۽ اسان هڪٻئي کان گهڻو پري ٿي وياسون. هاڻ بہ انهن کي حالتن ۽ پنجاب جي ڏاڍ ۽ جبر مجبور ڪيو آهي تہ سنڌ جي جيڪا بہ قرمار ٿئي پئي؛ اها پنجاب سامراج ڪري پيو. انهيءَ ۾ پنجاب جي ڊول سپاهيءَ کان وٺي جاگيردار تائين ۽ جاگيردار کان وٺي هاريءَ تائين ۽ سرمائيدار کان مزدور تائين سڀ ملوث آهن.

سنڌ جو جيڪو بہ استحصال ٿئي ٿو، انهيءَ ۾ پنجاب جو هر طبقو شامل آهي. اتان جو هڪڙو ماڻهو بہ اچي هتي اسان جي پورهيت جو حق ماري ٿو ۽ ان جي جياپي جي وسيلن تي قبضو ڪري ٿو، هتي اهي اچي زمينن تي قبضا ڪن ٿا، واپار تي قبضا ڪن ٿا، نوڪرين تي قبضا ڪن ٿا. اسان جي هر شيءِ انهن جي قبضي ۾ آهي. اصل راند پنجاب سامراج ڪيڏي رهيو آهي، انهن پنهنجا ماڻهو ۽ ايجنٽ سنڌ جي سياسي پارٽين ۾ ويهاري ڇڏيا آهن. جيڪي جڏهن بہ قومي تحريڪ طاقتور ٿيندي آهي، اڳتي وڌي ان ۾ ويڇا وجهندا آهن ۽ اختلاف پيدا ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي اندر پنهنجي پالتو چاڙتن کان جهڳڙا ڪرائين ٿا ۽ انهن ماڻهن کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏين ٿا ۽ اهڙيءَ طرح سچي قومي تحريڪ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا آهن.

گذريل سال جڏهن پنجابي حڪومت ڪالا باغ ڊيم جي ناهڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ ان جي خلاف سنڌ جي اندر هڪ وڏي اپار واري صورتحال پيدا ٿي ۽ ان جي خلاف سنڌي ماڻهو روڊن ۽ رستن تي نڪري آيا. هر مڪتب فڪر جي ماڻهو ان جي خلاف احتجاج ڪيو. بلڪل انهيءَ وقت متحده وارن اسان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو، ۽ پوءِ انهن سان اسان جو جيڪو ٽيڪ ڪو خاص مسئلن تي باقائده اتحاد ڪو نہ ٿيو هو؛ صرف ٽن مسئلن تي اتفاق ۽ ويجهڙائپ پيدا ٿي هئي. جنهن ۾ ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت هئي. اين ايف سي ايوارڊ ۽ آدم شماريءَ جي مسئلن تي گڏيل هم آهنگي پيدا ٿي هئي. تہ انهيءَ تي گڏجي پنجاب جي خلاف آواز اٿاريندا سين. انهيءَ سلسلي ۾ باقائده طور تي ڪو اتحاد نہ هجڻ ڪري اسان جي وچ ۾ گڏيل جدوجهد جا ڪي پروگرام جڙي ڪو نہ سگهيا هئا. جنهن کان پوءِ ايجنسين انهيءَ ڳالهہ کي محسوس ڪندي اسان ۾ ٽوڙڦوڙ پيدا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جنهنڪري اهي ٽورو پريرو ٿي ويا هئا پر سنڌي ماڻهن جي اڪثريت انهيءَ ڳالهہ کي پسند ڪيو هو. پوءِ اهو سنڌي ڳالهائيندڙ هو يا اردو ڳالهائيندڙ هو. اهي هاڻ انهيءَ ڳالهہ کي چڱيءَ طرح محسوس ڪن ٿا تہ اسان کي ويڙهائڻ جو سڄو ڪارڻ پنجاب سامراج جو آهي. اسان جا سڀ وسيلا پنجاب ڦريو وڃي ٿو. هتي سياست پنجاب جي هلي ٿي. جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ

ٿئي ٿو، اهو پنجاب ڪري ٿو، ڏارين جي آبادڪاري پنجاب ڪري ٿو. ته جيئن سنڌي قوم ڪي اقليت ۾ آندو وڃي، انهيءَ لاءِ پنجاب چاهي ٿو ته سنڌي ۽ اردو آبادي هڪٻئي جي ويجهو نه اچي ۽ نه گڏجي جدوجهد ڪري.

هن وقت الطاف جڏهن هڪ چڱي ۽ مثبت ڳالهه ڪئي آهي ته ايجنسين انهيءَ ڳالهه کي اهڙيءَ طرح ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڄڻ ته متحده وارا ڪراچي کي ڌار ڪرڻ لاءِ هٿياربند جدوجهد ڪرڻ وارا آهن، جنهن کي سرڪاري صحافين جي ذريعي پهرين ڊان اخبار ۾ آندو ويو آهي ۽ پوءِ سنڌي اخبارن ۾ بنهه غلط نموني سان پيش ڪيو ويو آهي. ته جيئن سنڌي ماڻهن ۾ انهيءَ مثبت ڳالهه کي به منفي ۽ غلط طريقي سان ڏٺو وڃي.

Heartline Graphic Ph# 783660

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سورهه ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488